اولاد جي بهترين تربيت لاءِ انمول تحرير

# تربيتِ اولاد



پيشڪش

المدينة العلمية (دعوت اسلامي)

# يادداشت

مطالعي جي دؤران ضرورت مهل اندر لائن ڪري، اشارا لکي ڪري صفحو نمبر نوٽ فرمايو، اِنْ شَاءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ علم ۾ ترقي ٿيندي.

| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |

| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |

اولاد جي بهترين تربيّت لاءِ انمول تحرير

# تربيّتِ اولاد

پيشڪش

المدينة العلمية (دعوت اسلامي)

## ترجمو پيشڪش

مجلس تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلس تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)
عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران
پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي
فون نمبر: 021-34921389-90-91

*E-mail: translation@dawateislami.net*

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ۭ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۭ

كتاب جو نالو : تربيّت اولاد

پيش كش : مجلس المدينة العلمية (شعبہ اصلاحي كتب)

چپائي جي تاريخ :

چاپيندڙ : مكتبة المدينہ عالمي مدني مركز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ كراچي

## مكتبة المدينہ جون مختلف برانچون

| | |
|---|---|
| مكتبة المدينہ: شهيد مسجد كارادر باب المدينہ كراچي | 021-32203311 |
| مكتبة المدينہ: فيضان مدينہ آفندي ٽاؤن حيدرآباد | 022-2620122 |
| مكتبة المدينہ: فيضان مدينہ العطار ٽاؤن ميرپورخاص | 023-3514672 |
| مكتبة المدينہ: فيضان مدينہ ماركيٽ روڊ دادو | 025-4611541 |
| مكتبة المدينہ: فيضان مدينہ سكر | 071-5619195 |
| مكتبة المدينہ: چكرا بازار نوابشاھ | 024-4362145 |
| مكتبة المدينہ: رابعہ شاپنگ سينٽر فاروق نگر لاڙكاڻہ | 074-4054191 |
| مكتبة المدينہ: عطار آباد (جيكب آباد) | 027-2710635 |
| مكتبة المدينہ: خضر حيات مسجد ٺٽو | |

مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي-

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

## ”تربيت اولاد“ جي ڏهن اکرن جي نسبت سان هن ڪتاب کي پڙهڻ جون 10 نيّتون

**فرمانِ مصطفي**صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : نِيَّةُ الۡمُؤۡمِنِ خَيۡرٌ مِّنۡ عَمَلِهٖ۔

يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الکبير للطبراني، الحديث؛ 5942، ج 6، ص 185)

### ٻ مدني گُل:

1 بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

﴿1﴾ رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ هن ڪتاب جو اول کان آخر تائين مطالعو ڪندس ﴿2﴾ وس آهر هن جو باوضوءِ ﴿3﴾ قبلي ڏانهن منهن ڪري مطالعو ڪندس ﴿4﴾ قرآني آيتن ۽ ﴿5﴾ احاديثِ مبارڪ جي زيارت ڪندس ﴿6﴾ جتي جتي ”اَللّٰه“ جو پاڪ نالو ايندو اتي عَزَّوَجَلَّ ۽ ﴿7﴾ جتي جتي ”سرڪار مدينہ“ جو اسم مبارڪ ايندو اتي صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهندس ﴿8﴾ (پنهنجي ذاتي ڪتاب تي) ”يادداشت“ واري صفحي تي ضروري نڪتا لکندس ﴿9﴾ ٻين کي هي ڪتاب پڙهڻ جي ترغيب ڏياريندس ﴿10﴾ هن حديث پاڪ ”تَهَادَوۡا تَحَابُّوۡا“ يعني هڪ ٻئي کي تحفو ڏيو، پاڻ ۾ محبت وڌندي. (مُوطا اِمَام مَالِڪ، ج 2 ص 407 رقم 1731) تي عمل جي نيّت سان (گهٽ ۾ گهٽ 12 عدديا توفيق آهر) هي ڪتاب خريد ڪري ٻين کي تحفي طور ڏيندس.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

# اَلمَدينةُ العِلمِيّة

از: **شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامه مولانا**
**ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي** دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه

اَلحَمدُ لله عَلٰي اِحسَانِهٖ وَ بِفَضلِ رَسُولِهٖ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ ”دعوت اسلامي“ نيڪي جي دعوت، اِحياءِ سنّت ۽ اِشاعتِ علمِ شريعت کي سڄي دنيا ۾ عام ڪرڻ جو پڪو عزم رکي ٿي، انهن تمام ڪمن کي سهڻي نموني سرانجام ڏيڻ جي لاءِ متعدد مجالس جو قِيام عمل ۾ آندو ويو آهي جن مان هڪ مجلس ”المدينة العلمية“ به آهي جيڪا دعوتِ اسلامي جي عالمن ۽ مفتين سڳورن ڪَثَّرَهُمَ اللّٰهُ تعالٰي تي مشتمل آهي جنهن خالص علمي، تحقيقي ۽ اِشاعتي ڪم جي ذميداري کنئي آهي، ان جا هيٺ ڏنل ڇهه شعبا آهن:

**(1) شعبهء ڪُتُبِ اعليٰ حضرت**
**(2) شعبهء درسي ڪُتُب**
**(3) شعبهء اِصلاحي ڪُتُب**
**(4) شعبهء تفتيشِ ڪُتُب**
**(5) شعبهء تخريج**
**(6) شعبهء تراجمِ ڪُتُب**

”**المدينة العلمية**“ جي اولين ترجيح سرڪارِ اعليٰ حضرت عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانهء شمع رسالت، مجدد دين و ملت، حامي سنّت، ماحي بدعت، عالِمِ شريعت، پير طريقت، باعث خير و برڪت، حضرت علامه مولانا الحاج الحافظ القاري الشّاه امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن جي شاهڪار تصنيفن کي موجوده زماني جي تقاضن جي مطابق حتي الوسع آسان اُسلوب ۾ پيش ڪرڻ آهي، تمام اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هن علمي تحقيقي ۽ اِشاعتي مدني ڪم ۾ هر ممڪن تعاون فرمائن ۽ مجلس جي طرفان شايع ٿيڻ وارن ڪتابن جو پاڻ به مطالعو فرمائن ۽ ٻين کي به انهن جي ترغيب ڏيارين.

**الله** عَزَّوَجَلَّ ”دعوتِ اسلامي“ جي سڀني مجلسن گڏوگڏ ”**المدينة العلمية**“ کي ڏينهن ٻارهين ۽ رات ٻارهين ترقي عطا فرمائي ۽ اسان جي هر عملِ خير کي اخلاص جي زيور سان سينگاري ٻنهي جهانن جي ڀلائيءَ جو سبب بڻائي. اسان کي زير گنبدِ خضرا شهادت، جنّتُ البَقِيع ۾ مَدفن ۽ جنّت الفِردوس ۾ پنهنجي مدني حبيب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرمائي.

اٰمين بجاهِ النّبيّ الامين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# پھريان ھن کي پڙھو

## مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!

ٻار پنھنجي والدين ۽ عزيز و اقارب جي اُميدن جو محور ھوندا آھن. اسلامي معاشري جو مفيد فرد بڻائڻ جي لاءِ انھن جي بھترين تربيّت بيحد ضروري آھي. اھي ئي ٻار سڀاڻي وڏا ٿي والدين، تاجر ۽ استاد وغيره ٿيندا ۽ ھن معاشري جون واڳون سنڀاليندا، جيڪڏھن اھي پنھنجون ذميداريون شريعت جي مطابق سھڻي انداز سان نڀائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ته اھو معاشرو امن ۽ سڪون جو گھوارو بڻجي ويندو ۽ ھر طرف سنّتن جي بھار اچي ويندي. اجوڪي ھن پرفتن دؤر ۾ ٻارن جي مدني تربيّت جي اھميت ويتر وڌي ويندي آھي جو جڏھن ته جدت پسندي جي رنگينين ۽ فريب ڪارين مسلم معاشري کي ٽي وي، ڊش انٽينا، ڪيبل نيٽ ورڪ، انٽرنيٽ جي ذريعي گھيري چڏيو آھي. تفريح ۽ عام معلومات ۾ اضافي جي نالي تي اھي آلات بي حيائي کي جيترو تيزي سان ڦھلائي رھيا آھن، اھا ڳالھ ڪنھن کان به ڳجھي ناھي.

ھن ڪتاب "تربيّت اولاد" ۾ ٻارن جي تربيت جي سلسلي ۾ قرآن و احاديث و اقوال اڪابرين جي خوشبو سان معطر مدني گل پيش ڪيا ويا آھن. ھن ڪتاب ۾ ٻار جي پيدائش کان وٺي ان جي شادي تائين جا تمام معاملا مثال طور نالو رکڻ، عقيقو، ختنو، تحنيڪ ۽ مختلف آدابِ زندگي وغيره بابت مفيد معلومات ڏني وئي آھي. ھي ڪتاب صاحب اولاد مسلمانن سان گڏو گڏ ٻين اسلامي ڀائرن لاءِ به مفيد آھي. ھي ڪتاب نه رڳو پاڻ پڙھو بلڪ ٻين کي مطالعي جي به ترغيب ڏياري، ثوابِ جاريه جا حقدار بڻجو.

الله تعاليٰ جي بارگاھ ۾ دعا آھي ته اسان کي پنھنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻھن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ جي لاءِ مدني انعامات تي عمل ۽ مدني قافلن جو مسافر بڻجندو رھڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ دعوت اسلامي جي سڀني مجلسن گڏو گڏ مجلس المدينة العلميه ۽ مجلس تراجِم کي تمام گھڻي ترقي عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النّبِیِّ الاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

**شعبہ اصلاحي ڪُتب** (مجلس المدينة العلمية)

# فهرست


| عنوان | صفحو |
|---|---|
| درودِ پاڪ جي فضيلت | 1 |
| الله عَزَّوَجَلَّ جو عظيم انعام | 1 |
| بسم الله شريف پڙهڻ جي برڪت | 2 |
| قبر جي عذاب کان ڇوٽڪارو ملي ويو | 3 |
| ايصالِ ثواب جو فائدو | 4 |
| روزانو هڪ قرآن پاڪ جو ايصالِ ثواب | 4 |
| والد صاحب تان عذاب هٽي ويو | 5 |
| اولاد ڪيئن هئڻ گهرجي؟ | 6 |
| خراب حالات ۾ بگڙيل اولاد | 8 |
| اولاد جي بگڙجڻ جو ذميوار ڪير ؟ | 10 |
| اولاد جي تربيت جي اهميت | 11 |
| ڇا پٽ بہ پيءُ کي ماريندو آهي؟ | 12 |
| ٻارن جي تربيت ڪڏهن شروع ڪجي ؟ | 13 |
| تربيت ڪرڻ وارن کيڪيئن هئڻ گهرجي؟ | 14 |
| مثالي ڪردار ڪيئن اپنايون؟ | 15 |
| جماعت سان نماز پڙهڻ جو پابند ٿي ويو | 18 |
| ڪجھ اهم ڪم | 19 |
| (1) نيڪ عورت جو انتخاب | 19 |
| (2) سٺي قوم مان نڪاح ڪجي | 21 |
| (3) نڪاح لاءِ سٺيون سٺيون نيتون ڪيو | 21 |
| نڪاح جون نيّتون | 22 |
| (4) مڱڻي ۾ شادي جي موقعي تي ناجائز رسمن کان بچڻ گهرجي | 24 |
| (5) نڪاح جي مستحبات تي عمل ڪيو وڃي | 28 |
| (6) اجايي خرچ کان پرهيز ڪئي وڃي | 28 |
| (7) اڪيلائيءَ ۾ بہ شرعي حدن کي قائم رکيو وڃي | 29 |
| ربّ العلمين جَلّ جلالَهٗ جو شڪر ادا ڪريو | 30 |
| ماءُ جي لاءِ خوشخبري | 30 |
| سٺيون سٺيون نيّتون ڪريو | 31 |
| 19 نيّتون | 31 |
| حمل دؤران احتياط | 33 |
| پندرهن سيپارا پڙهي ڀڏايائين | 34 |
| شڪ وارو ڪاڏو پيٽ مان ڪيڏٽو پوندو هو | 35 |
| معذرت ڪرڻي پئي | 35 |
| ماءُ ٻڌجڻ واري چاهي تہ هيٺين طريقي سان بہ دعا گهري سگهي ٿي. | 37 |
| عظيم ماءُ | 37 |
| پٽ جو اولاد ملي ويو | 39 |
| اولاد ملي ويو | 39 |
| بغير آپريشن جي اولاد پيدا ٿيو | 40 |
| مدني مُني جي پيدائش | 41 |
| دل گهري مراد جو نہ ملڻ بہ انعام! | 43 |
| مشتاق جي دربار مان ڪرم | 43 |
| ٻار ۽ عورت جي حفاظت جو مدني نسخو | 44 |
| پيدائش تي رد عمل | 45 |
| مدني آقا ﷺ جن جي نياڻين تي شفقت | 47 |
| سيّدنا صديقِ اڪبر جي پنهنجي نياڻيءَ تي شفقت | 48 |
| ايثار ڪندڙ ماءُ | 49 |
| پيدائش کان پوءِ ڪرڻ وارا ڪم | 49 |
| مفتيءِ اعظم هِند جي تحنيڪ | 52 |
| کهڙا نالا رکيا وڃن؟ | 53 |
| الله جي پسند جا نالا | 56 |
| مُحمّد ﷺ جي نالي جون برڪتون | 56 |
| وار ڪوڙائڻ | 58 |
| عقيقو | 59 |
| عقيقو ڪڏهن ڪريون؟ | 60 |
| عقيقي جا جانور | 60 |
| عقيقي جا ڪجھ مسئلا | 61 |
| ٻار جو طهر | 62 |
| ٻار کي ان جي ماءُ کير پيئاري | 63 |
| کير پيئارڻ جي فضيلت | 63 |
| گوڏا نہ ڪولٽا پون | 66 |
| پنهنجي ٻارن کي ڪنهن ڪامل پير جو مريد ڪري ڇڏيو | 67 |
| ٻارن سان محبت ڪريو | 68 |
| کير پياڪ ٻار جي روئڻ جا ڪجھ سبب ۽ ماٺ ڪرائڻ جا طريقا | 70 |
| جگر جو ڪينسر ختم ٿي ويو | 73 |
| مدني منيءَ جو علاج ٿي ويو | 74 |
| کير پياڪ ٻارن جي لاءِ 16 مدني گل | 75 |
| ٻار کي لولي ڏيڻ | 76 |
| ٻارن تي خرچ ڪريو | 77 |
| ٻارن کي حلال جي روزي کارايو | 79 |

| | |
|---|---|
| احتياطِ نبوي | 81 |
| ٻارن کي نئون ميوو کارايو | 82 |
| ٻارجي صحت جو خيال رکو | 82 |
| زبان کلڻ کان پوءِ الله جو نالو سيکاريو | 85 |
| پيءُ جو نالوءِ گھر جي ايڊريس ياد ڪرايو | 86 |
| ضروري عقيدا سيکاريا وڃن | 86 |
| حڪايت | 88 |
| ٻارجي دل ۾ نبي جي محبت پيدا ڪريو | 89 |
| اصحابن ۽ اهلبيت جي محبت سيکاريو | 93 |
| ولين سڳورن جو ادب سيکاريو | 94 |
| پنهنجي ٻارن کي قرآن پڙهايو | 94 |
| مدرسة المدينہ | 96 |
| ستن سالن کان نماز جي تاڪيد ڪريو | 96 |
| نماز جا عادي | 97 |
| روزو رکرايو | 97 |
| روزي ڪشائي جي تقريب | 98 |
| ديني تعليم ڏياري وڃي | 98 |
| استاد جو انتخاب | 101 |
| جامعة المدينہ | 101 |
| علم جو شوق | 102 |
| آداب سيکاريو | 102 |
| کائڻ جا آداب | 102 |
| پيئڻ جا آداب | 106 |
| هلڻ جا آداب | 107 |
| لباس پائڻ جا آداب | 108 |
| جُتي پائڻ جا آداب | 110 |
| ننهن ڪٽڻ جا آداب | 111 |
| وار سنوارڻ جا آداب | 111 |
| ملاقات جا آداب | 112 |
| گھر يا ڪمري ۾ داخل ٿيڻ جا آداب | 117 |
| گفتگو جا آداب | 119 |
| نِڇ ڏيڻ جا آداب | 120 |
| اوٻاسي جي مذمت | 120 |
| سمهڻ جاڳڻ جا آداب | 121 |
| ٻارن سان سچ ڳالهايو | 122 |
| پنهنجي ٻارن کي سيکاريو | 122 |
| ﴿1﴾ حسنِ اخلاق | 122 |
| ﴿2﴾ پاڪيزگي | 123 |
| ﴿3﴾ مختلف دعائون | 123 |
| ﴿4﴾ سخاوت | 123 |
| عبادت جو شوق | 123 |
| تهجد پڙهڻ جي ترغيب | 124 |
| ﴿6﴾ توڪل | 124 |
| ﴿7﴾ خوفِ خدا | 125 |
| ﴿9﴾ شڪر ڪرڻ | 129 |
| ﴿10﴾ ايثار | 129 |
| ﴿11﴾ صبر | 130 |
| ﴿12﴾ قناعت | 130 |
| ﴿13﴾ وقت جي اهميت | 130 |
| ﴿14﴾ خود اعتمادي | 131 |
| ﴿15﴾ پاڙيسرين سان حُسنِ سلوڪ | 131 |
| ﴿16﴾ غم خواري | 133 |
| ﴿17﴾ وڏن جي عزت | 133 |
| ﴿18﴾ والدين جو ادب و احترام | 134 |
| ﴿19﴾ استادن ۽ عالمن جو ادب | 135 |
| ﴿20﴾ عاجزي | 136 |
| ﴿21﴾ اخلاص | 136 |
| ﴿22﴾ سچ ڳالهائڻ | 137 |
| پنهنجي ٻارن کي هيٺين ڪمن کان بچايو | 137 |
| ﴿1﴾ سوال ڪرڻ | 137 |
| ﴿2﴾ نالو بگاڙڻ | 137 |
| ﴿3﴾ تمسخر (يعني ٺٺولي) ڪرڻ | 138 |
| ﴿4﴾ عيب کولڻ | 139 |
| ﴿5﴾ تڪبر | 140 |
| ﴿6﴾ ڪوڙ ڳالهائڻ | 140 |
| ﴿7﴾ غيبت | 141 |
| ﴿8﴾ لعنت | 142 |
| ﴿9﴾ چوري | 142 |
| ﴿10﴾ بغض ۽ ڪينو | 143 |
| ﴿11﴾ حسد | 143 |
| ﴿12﴾ ڳالهائڻ بند ڪرڻ | 144 |
| ﴿13﴾ گار ڏيڻ | 144 |
| ﴿14﴾ وعده خلافي | 145 |
| ﴿15﴾ آتش بازي | 145 |
| ﴿16﴾ لغڙ اڏائڻ | 146 |
| ﴿17﴾ فلمون ڏسڻ | 146 |
| ٻارن سان هڪ جهڙو سلوڪ ڪريو | 147 |
| هڪ طرفي راءِ ٻڌي فيصلو نہ ڪريو | 149 |
| پنهنجي اولاد جي اصلاح ڪيو | 149 |
| پنهنجي اولاد کي نافرماني کان بچايو | 153 |
| خراب صحبت کان بچو | 155 |
| ٻار وڏا ٿين تہ بسترو جدا ڪريو | 155 |
| اولاد بالغ ڪڏهن ٿيندو آهي؟ | 156 |
| بزرگن جون حڪايتون ٻڌايو | 156 |
| اولاد جوان ٿئي تہ جلد شادي ڪرايو | 157 |
| هڪ ماءُ جي نصيحت | 161 |

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# تربيّتِ اولاد

## درودِ پاڪ جي فضيلت

نور جي پيڪر، سيني نبين جي سرور، ٻنهي جهانن جي تاجوَر، سلطانِ بحر و بر صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جنهن مون تي سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو تہ اللّٰه تعاليٰ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي تہ هي نفاق ۽ جهنّم جي باھ کان آزاد آهي ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو.“

(مجمع الزوائد، حديث 17298 ج 10 ص 252)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو عظيم انعام

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نيڪ اولاد اللّٰه تبارڪ و تعاليٰ جو عظيم انعام آهي. نيڪ (صالح) اولاد جي لاءِ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي پياري نبي حضرتِ سيّدُنا زڪريا عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام بہ دعا گهري. جيئن تہ قرآنِ پاڪ ۾ آهي:

رَبِّ هَبْ لِيْ مِنْ لَّدُنْكَ ذُرِّيَّةً طَيِّبَةً ۚ اِنَّكَ سَمِيْعُ الدُّعَآءِ ﴿۳۸﴾

(پ 3 آل عمران: 38)

ترجموڪنزالايمان: اي منهنجا ربّ! مون کي پاڻ وٽان صاف اولاد. بيشڪ تون ئي آهين دعا ٻڌڻ وارو آهين.

۽ حضرتِ سيّدُنا ابراهيم خليل اللّٰه عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام پنهنجي ايندڙ نسل کي نيڪ بڻائڻ جي هيئن دعا گهري:

رَبِّ اجْعَلْنِیْ مُقِیْمَ الصَّلٰوةِ وَ مِنْ ذُرِّیَّتِیْ ۖ رَبَّنَا وَ تَقَبَّلْ دُعَآءِ ﴿۴۰﴾
(پ 13، ابراهيم: 40)

ترجموڪنزالايمان: اي منهنجا رب! مون کي نماز قائم ڪرڻ وارو بڻاءِ ۽ ڪجھ منهنجي اولاد کي اي اسان جا رب! ۽ منهنجي دعا ٻڌ.

اهو ئي نيڪ اولاد آهي جيڪو دنيا ۾ پنهنجي والدين جي لاءِ راحت ۽ اکين جو ٺار هوندو آهي. ننڍپڻ ۾ انهن جي دل جو سُرور، جوانيءَ ۾ اکين جو نور ۽ والدين جي پوڙهائپ ۾ انهن جي خدمت ڪري انهن جو سهارو بڻبو آهي. پوءِ جڏهن اهي والدين دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويندا آهن ته اهو سعادتمند اولاد پنهنجي والدين جي لاءِ بخشش جو ذريعو ٿيندو آهي. جيئن ته شهنشاهِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ، صاحبِ معطر پسينہ، فيض گنجينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جڏهن ماڻهو مري ويندو آهي ته ان جي عملن جو سلسلو ختم ٿي ويندو آهي، سواءِ ٽن ڪمن جي، جو انهن جو سلسلو جاري رهندو آهي: (1) صدقہ جاريہ (2) اهو علم جنهن مان فائدو حاصل ڪيو وڃي (3) نيڪ اولاد جيڪو انهن لاءِ ڀلائي جي دعا ڪري. (صحيح مسلم الحديث 1631 ص 886)

هڪ ٻي موقعي تي حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: "جنّت ۾ ماڻهو جو درجو وڌايو ويندو آهي ته اهو چوندو آهي ته منهنجي حق ۾ اهو ڪيئن ٿيو؟ ته جواب ملندو آهي ته ان ڪري جو تنهنجو پٽ تو لاءِ مغفرت جي دعا ڪندو آهي." (سنن ابن ماجه، الحديث 3660 ج 4 ص 185)

## بسم الله شريف پڙهڻ جي برڪت

حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام هڪ قبر وٽان گذريا ته ان ۾

عذاب ٿي رهيو هو. ڪجهه وقت کان پوءِ وري گذريا ته ڏٺائون نور
ئي نور آهي ۽ اتي الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جي برسات ٿي رهي آهي.
پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام ڏاڍا حيران ٿيا ۽ بارگاهِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۾ عرض ڪيائون ته
مون کي ان جو راز ٻُڌايو وڃي. ارشاد ٿيو: ”اي عيسيٰ (عَلَيْهِ السَّلَام) اهو
سخت گناهگار ۽ بدڪار هو، ان ڪري عذاب ۾ گرفتار هو، پر ان
جي زال اُميد سان هئي، ان کي پٽ پيدا ٿيو ۽ اڄ ان کي مدرسي
موڪليو ويو، استاد ان کي بِسۡمِ الله شريف پڙهائي، مون کي حياءُ
ٿيو ته مان زمين جي اندر ان شخص کي عذاب ڏيان، جنهن جو پٽ
زمين جي مٿان منهنجو نالو وٺي رهيو آهي.“
(التفسير الكبير، ج 1 ص 155 ملخصًا)

## قبر جي عذاب کان ڇوٽڪارو ملي ويو

هڪ شخص جنهن جو پيءُ مري ويو هو ان حضرتِ سيّدُنا
غوث الاعظم رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو: گذريل
رات خواب ۾ مون پنهنجي پيءُ کي عذاب ۾ گرفتار ڏٺو ته منهنجي
والد مرحوم مون کي چيو: پٽ! مون کي قبر جي عذاب ۾ مبتلا
ڪيو ويو آهي، تون غوثِ اعظم رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه وٽ وڃي، منهنجي لاءِ
بخشش جي دعا ڪراءِ. غوثِ اعظم رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پُڇيو ته ڇا توهان جو
پيءُ ڪڏهن منهنجي مدرسي وٽان گذريو هو، ان شخص جواب ڏنو
ته ”جي ها“ اهو ٻُڌي حضور غوثِ اعظم رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه خاموشي اختيار
ڪئي ۽ پوءِ اهو شخص پنهنجي گهر هليو ويو. رات جو هن پنهنجي
پيءُ کي خواب ۾ انتهائي خوش ۽ فرحت ۾ ڏٺو، ان کي سبز لباس
پاتل هيو ۽ فرمائي رهيو هو ته غوثِ پاڪ رَحۡمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي دعا سان
الله تعاليٰ منهنجو عذاب ختم ڪري ڇڏيو آهي ۽ سندن جي فيض

سان ئي مون کي هي لباس پهرايو ويو آهي، ان ڪري مان توکي هدايت ٿو ڪريان ته سندن جي بارگاهه ۾ حاضري کي لازمي ڪري ڇڏ“. ان شخص اهو واقعو غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي خدمت ۾ پيش ڪيو ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمايائون: ”خدا جو قسم! مون سان اهو واعدو ڪيو ويو آهي ته جيڪو به منهنجي مدرسي وٽان گذرندو ته ان جي عذاب ۾ گهٽتائي ڪئي ويندي.“ (بهجة الاسرار، ص 194)

## ايصالِ ثواب جو فائدو

حضرت سيّدُنا محيُ الدّين ابنِ عربي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ دعوت تي تشريف فرما ٿيا. اتي هڪ نوجوان به موجود هو جيڪو ڪشف جي مُعاملي ۾ مشهور هو. پاڻ ڏٺائون ته ڪاڏو ڪائيندي هو اوچتو روئڻ لڳو. سبب معلوم ڪرڻ تي ان ٻُڌايو ته ڪشف جي ذريعي مون کي خبر پئي آهي ته الله تعاليٰ جي حڪم سان فرشتا منهنجي ماءُ کي جهنّم ڏانهن وٺي وڃي رهيا آهن. پاڻ فرمائن ٿا ته مون وٽ ستر هزار دفعا ڪلمو طيّب پڙهيل هو، مون دل ئي دل ۾ ان جي ماءُ کي ايصالِ ثواب ڪري ڇڏيو. اهو ڇوڪرو هڪدم مسڪرائڻ لڳو. مون سبب پُڇيو ته چوڻ لڳو: ”مان هينئر ڏٺو ته فرشتا منهنجي ماءُ کي جنّت ڏانهن وٺي وڃي رهيا آهن.“ (ملفوظات اعليٰ حضرت ص 104)

## روزانو هڪ قرآن پاڪ جو ايصالِ ثواب

هڪ بزرگ ارشاد فرمائن ٿا ته ڪنهن شخص خواب ۾ ڏٺو ته قبرستان جا سڀ مُردا پنهنجن قبرن کان ٻاهر نڪري جلدي جلدي زمين تان ڪا شيء ميڙي رهيا آهن پر مُردن مان هڪ شخص الڳ ويٺو آهي ۽ اهو ڪجهه به نه پيو ميڙي. ان شخص ان کان وڃي پُڇا

ڪئي تہ اهي ماڻهو ڇا پيا ميڙين؟ ان جواب ڏنو تہ زنده ماڻهو جيڪو صدقو يا دعا يا قرآن پاڪ جي تلاوت وغيره هن قبرستان وارن ڏانهن موڪليندا آهن، هي ان جون برڪتون ٿا ميڙين. هن پُڇيو: ”تون ڇو نہ ٿو ميڙين؟ تہ جواب ڏنائين تہ مان ان ڪري فارغ آهيان جو منهنجو پٽ قرآنِ پاڪ جو حافظ آهي ۽ اهو فلاڻي بازار ۾ حلوو وڪڻندو آهي، اهو روزانو هڪ قرآن پاڪ پڙهي مون کي بخشيندو آهي.“

اهو شخص صبح جو انهيءَ بازار ۾ ويو تہ ڏٺائين تہ هڪ نوجوان حلوو وڪڻي رهيو آهي ۽ ان جا چَپَ پڻ چُري رهيا آهن، ان نوجوان کان پُڇيو: تون ڇا پيو ٿو پڙهين؟ ان جواب ڏنو تہ مان روزانو هڪ قرآن پاڪ پڙهي پنهنجي والدين کي بخشيندو آهيان، قرآن پاڪ جي ئي تلاوت ڪري رهيو آهيان. ڪجھ عرصي کان پوءِ ان خواب ۾ وري قبرستان جي مُردن کي ڪجھ ميڙيندي ڏٺو، ان پيري اهو شخص ميڙڻ ۾ مصروف هو، جنهن جو پٽ ان کي قرآن پاڪ پڙهي بخشيندو هو، ان کي ڏسي هو ڏاڍو حيران ٿيو. ايتري ۾ ان جي اک کلي وئي، صبح جو اٿي اهو انهيءَ بازار ويو ۽ پُڇا ڪيائين تہ خبر پئي تہ حلوي وڪڻڻ واري ان نوجوان جو بہ انتقال ٿي چڪو هو. (روض الرياحين، ص 177)

## والد صاحب تان عذاب هٽي ويو

سنين سنين نيّتن سان تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ شامل ٿيڻ وارا اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ بنهي جهانن ۾ ڀلايون ماڻيندا آهن. هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ مان عيد جي ٻئي ڏينهن عاشقانِ رسول

سان گڏ مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪئي. انهيءَ دؤران والد مرحوم جنهن کي فوت ٿيندي ڪجهه سال ٿي چڪا هئا، منهنجي خواب ۾ تمام سٺي حالت ۾ تشريف فرما ٿيا. مون پُڇيو: ”بابا سائين! انتقال کان پوءِ ڇا ٿيو؟“ فرمايائون: ڪجهه وقت ته گناهن جي سزا ملندي رهي، پر هاڻي عذاب ختم ٿي چُڪو آهي، تون دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول کي ڪڏهن به نه ڇڏجانءِ جو انهيءَ جي برڪت سان مون تي ڪرم ٿيو آهي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تمام وڏي آهي، نيڪ اولاد صدقه جاريه هوندو آهي ۽ ان جي دعائن جي ڪري فوت ٿيل والدين جي لاءِ آسانيون ٿي وينديون آهن. اولاد کي نيڪ بڻائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلاميءَ جو مدني ماحول هڪ بهترين ذريعو آهي.“ (فيضانِ سنت، باب آدابِ طعام ج 1 ص 346)

## اولاد ڪيئن هٿ ڳهرجي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اهو اولاد يقيني طور تي آخرت جي لاءِ نفعُ بخش ثابت ٿيندو آهي، جيڪو نيڪ و صالح هجي ۽ اها حقيقت به ڪنهن کان لڪيل نه آهي ته اولاد کي نيڪ يا بد ڪرڻ ۾ والدين جي تربيّت جو وڏو دخل هوندو آهي. هڪ دفعي هڪ ڌوهاريءَ کي قاسيءَ ڏني پئي وئي، انهيءَ دؤران جڏهن ان کان ان جي آخري خواهش پُڇي وئي ته ان چيو مان پنهنجي ماءُ سان ملڻ چاهيان ٿو. ان جي اها آخري خواهش پوري ڪئي وئي. جڏهن ان جي ماءُ ان جي سامهون آئي ته هو پنهنجي ماءُ جي ويجهو وڃي هڪدم ان کي مارڻ لڳو. اتي موجود ماڻهن ان کي ڪاوڙ منجهان چيو: اي بيوقوف! هينئر جڏهن ته توکي ڦاسي ملڻ واري آهي، تو هي ڪهڙي حرڪت

ڪئي آهي؟ ان جواب ڏنو تہ مون کي ڦاسي جي ڦنڌي تي پهچائڻ واري اها ئي منهنجي ماءُ آهي، ڇوتہ مان ننڍپڻ ۾ ڪنهن جا ڪجھ پيسا چورائي آيو هيس تہ هن مون کي دڙڪن ڏيڻ بدران منهنجي حوصلا افزائي ڪئي ۽ اهڙي طرح مان ننڍا ننڍا ڏوھ ڪندي ڏوهن جي دنيا ۾ اڳتي نڪري ويس ۽ آخرڪار اڄ مون کي ڦاسي پئي ڏني وڃي. (اولاد بگڑنے کے اسباب ، بيان امیرِ اهلسنت مدظله العالی)

**هاڻي ان جي برعڪس ماءُ جي نيڪ تربيت جي برڪتن تي مشتمل حڪايت ملاحظہ فرمايو:**

هڪ قافلو گيلان کان بغداد ڏانهن وڃي رهيو هو، جڏهن اهو قافلو همدان شهر کان روانو ٿيو، جيئن ئي جهنگ شروع ٿيو تہ ڌاڙيلن جو هڪ ٽولو آيو ۽ قافلي وارن کان مال ملڪيت کسڻ لڳو. ان قافلي ۾ هڪ نوجوان بہ هو جنهن جي عمر اٽڪل ارڙهن سالن جي هئي. هڪ ڌاڙيل ان نوجوان وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو: ڇا تو وٽ بہ ڪجھ آهي؟ نوجوان چيو: مون وٽ چاليھ دينار آهن جيڪي ڪپڙن ۾ سبيل آهن. ان ڌاڙيل چيو: اسان سان تون مذاق نہ ڪر، سچ سچ ٻُڌاءِ؟ نوجوان چيو: واقعي! مون وٽ چاليھ دينار آهن، جيڪي منهنجي ڪپڙن ۾ سبيل آهي. ڌاڙيل جڏهن ڏٺائين تہ حيران ٿي ويو ۽ نوجوان کي پنهنجي سردار وٽ وٺي ويو ۽ سڄو واقعو ٻڌايائين. سردار چيو: نوجوان ڇا ڳالھ آهي؟ ماڻهو تہ ڌاڙيلن کان پنهنجو مال لڪائيندا آهن، پر تون بنا ڪنهن سختيءَ جي پنهنجو مال ظاهر ڪري ڇڏيو؟ نوجوان چيو: گهران نڪرڻ وقت مون کي منهنجي ماءُ نصيحت ڪئي هئي تہ پٽ! هر حال ۾ سچ ڳالهائجانءِ. بس! مان پنهنجي ماءُ سان ڪيل اهو واعدو نڀائي رهيو آهيان.

نوجوان جي انهيءَ ڳالهه ڌاڙيلن جي سردار کي متاثر ڪري ڇڏيو ۽ ان جي اکين مان هڪدم ڳوڙها وهڻ لڳا. ان جي قسمت جاڳي پئي ۽ چوڻ لڳو: اي صاحبزاده! تون ڪيترو نه خوشنصيب آهين جو دولت جي پرواهه ڪرڻ بدران پنهنجي ماءُ سان ڪيل واعدو نڀائي رهيو آهين ۽ مان ڪيڏو نه ظالم آهيان جو پنهنجي خالق و مالڪ سان ڪيل واعدي جي خلاف ورزي ڪري رهيو آهيان ۽ مخلوق خداوندي جي دل آزاري ڪري رهيو آهيان، اهو چوڻ کان پوءِ هن پنهنجي ساٿين سميت سچي دل سان توبهه ڪئي ۽ سمورو ڪسيل مال واپس ڪري ڇڏيو.

(تاريخ مشائخ قادريّه ج اول، ص 121 بهجة الاسرار ص 168)

## خراب حالات ۽ بگڙيل اولاد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! موجوده حالتن ۾ اخلاقي قدرن جي لتاڙ عام آهي. نيڪيون ڪرڻ حد کان وڌيڪ ڏکيون، گناهه ڪرڻ سولو ٿي چڪو آهي. مسجدن جي ويراني ۽ سينما گهرن ۽ ڊراما ٿيٽرن جي رونق ڏسي، دين جو درد رکڻ وارا رت روئي رهيا آهن. ٽي.وي، وي سي آر، ڊش انٽينا، انٽرنيٽ ۽ ڪيبل جو غلط استعمال ڪرڻ وارن پنهنجن اکين مان حياءَ ختم ڪري ڇڏيو آهي. ضرورتن جي پورائي ۽ سهولتن حاصل ڪرڻ جي مسلسل جدوجهد انسان کي آخرت جي فڪر کان غافل ڪري ڇڏيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو دنياوي شان و شوڪت ۽ ظاهري ڏيکاءُ مسلمانن جي دلين کي پنهنجو پرستار بڻائي چڪي آهي، پر افسوس پنهنجي قبر کي جنّت جو باغ بڻائڻ جي لاءِ نٿو سوچيو وڃي. اهڙين خراب حالتن جو هڪ وڏو سبب والدين جو پنهنجي اولاد کي مدني تربيت نه ڏيڻ به آهي چوته

هڪ فرد سان افراد ۽ افراد سان معاشرو وجود ۾ ايندو آهي تہ پوءِ جيڪر فرد جي تربيّت سني نہ ٿيندي تہ ان جي مجموعي سان نهنڌڙ معاشرو زبون حالي کان ڪيئن بچي سگهندو؟ جڏهن والدين جي زندگي جو مقصد، دولت حاصل ڪرڻ، آرام طلب ڪرڻ، وقت گذارڻ ۽ عيش عشرت ڪرڻ بڻجي وڃي تہ اهي پنهنجي اولاد جي ڪهڙي تربيّت ڪندا؟ ۽ جڏهن اولاد جي تربيت کان لاپرواهيءَ جا نتيجا سامهون ايندا آهن تہ پوءِ اهي ئي والدين هر ننڍي وڏي جي سامهون پنهنجي اولاد جي بگڙجڻ جو حال اوريندا آهن.

اهڙن والدين کي غور ڪرڻ گهرجي تہ پنهنجي اولاد کي ان حال تائين پهچائڻ ۾ انهن جو ڪهڙو ڪردار آهي، ڇوتہ انهن پنهنجي ٻار کي ABC تہ سيکاري، پر قرآن پڙهڻ نہ سيکاريو. مغربي تهذيب جا طور طريقا تہ سمجهايا، پر رسولِ عربي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون سنّتون نہ سيکاريون. جنرل ناليج (عام معلومات) جي اهميت تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ بحث ڪيو، پر فرض ديني تعليم کي حاصل ڪرڻ جو شوق نہ ڏياريو، ان جي دل ۾ مال جي محبت تہ وڌي پر عشقِ رسول جي شمع روشن نہ ڪئي، ان کي دنيا جي ناڪامين جو خوف تہ ڏياريو پر قبر ۽ حشر جي امتحان ۾ ناڪامي کان وحشت نہ ڏياري، ان کي هاءِ هيلو ڪرڻ تہ سيکاريو، پر سلام ڪرڻ جو طريقو نہ ٻڌايو. گناهن ڪرڻ جي کُلي ڇوٽ ۽ بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي راند روند جي مختلف ساز و سامان جو استعمال، ڪيبل، وي سي آر ۽ ناچ گانن جي محفلن جو شوق ۽ بگڙيل گهريلو ماحول، اهي سڀ ڪجھ ٻار جي طبيعت ۾ شيطان گيري ۽ نفس پرستي کي ايتريقدر وڌائن ٿا جو ان سان پاڪيزه ڪردار جي توقع بہ نہ ٿي رکي

سگهجي، جيئن گندي گٽر ۾ ٽٻي لڳائڻ واري جي جسم جي پاڪائيءَ جو تصور به نه ٿو ڪري سگهجي.

## اولاد جي بگڙجڻ جو ذميوار ڪير؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** عام طور تي ڏٺو ويو آهي ته بگڙيل اولاد جا والدين، هڪبئي کي ان جو ذميوار قرار ڏئي هرهڪ پاڻ کي ڀري سمجهندو آهي. پر ياد رکو! اولاد جي تربيت رُڳو ماءُ يا رڳو پيءُ جي ذميواري ناهي، پر ٻنهي جي آهي. **الله** تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَ اَهْلِيْكُمْ نَارًا وَّ قُوْدُهَا النَّاسُ وَ الْحِجَارَةُ عَلَيْهَا مَلٰٓىٕكَةٌ غِلَاظٌ شِدَادٌ لَّا يَعْصُوْنَ اللّٰهَ مَاۤ اَمَرَهُمْ وَ يَفْعَلُوْنَ مَا يُؤْمَرُوْنَ ﴿۶﴾ (پ 28 التحريم: 6)

**ترجمو ڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! پنهنجي جانين ۽ پنهنجي گهروارن کي ان باهه کان بچايو جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن. ان تي سخت طاقتور فرشتا مقرر آهن، جيڪي **الله** عَزَّوَجَلَّ جو حڪم نه ٿا ٽارين ۽ انهن کي جيڪو حڪم ٿئي اهو ئي ٿا ڪن.

جڏهن نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اها آيت مبارڪ اصحابن سڳورن رِضْوَانُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن جي سامهون تلاوت فرمائي ته اهي هيئن عرض ڪرڻ لڳا: ”يا رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسين پنهنجي اهل و عيال کي جهنم جي باهه کان ڪهڙي نموني بچائي سگهون ٿا؟ سرڪارِ مدينه، فيض گنجينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: توهان پنهنجي اهل و عيال کي انهن شين جو حڪم ڏيو جيڪي **الله** عَزَّوَجَلَّ کي پسند آهن ۽ انهن ڪمن کان روڪيو جيڪي ربّ تعاليٰ کي پسند نه آهن.“ (الدر المنثور للسيوطي ج 8 ص 225)

حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن

جو فرمانِ عظمت نشان آهي: ”توهين سڀ نگران آهيو ۽ توهان مان هر هڪ کان ان جي ماتحت ماڻهن جي باري ۾ پڇيو ويندو. بادشاهه نگران آهي، ان کان ان جي رعيّت جي باري ۾ پڇيو ويندو. ماڻهو پنهنجي اهل و عيال جو نگران آهي ان کان سندس اهل و عيال جي باري ۾ پڇا ڪئي ويندي. عورت پنهنجي مڙس جي گهر ۽ اولاد جي نگران آهي، ان کان انهن جي باري ۾ پڇيو ويندو.“

(صحيح البخاري، الحديث 2554، ج 2 ص 159)

## اولاد جي تربيت جي اهميت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسين اسلامي اقدار تي مشتمل ماحول جا خواهشمند آهيون ته اسان کي پنهنجي اصلاح سان گڏوگڏ پنهنجي ٻارن جي مدني تربيت به ڪرڻي پوندي ڇوته جيڪڏهن اسين اولاد جي تربيت جي اهم ذميواري کي بار سمجهي غفلت ڪندا رهياسين ۽ ٻارن کي انهن خطرناڪ حالتن ۾ آزاد ڇڏي ڏنو ته نفس ۽ شيطان انهن کي پنهنجو رانديڪو بڻائي ڇڏيندو، جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو ته نفساني خواهشن جي آنڌي انهن کي گناهن جي صحرا ۾ پريشان ڪري ڇڏيندي ۽ اهي پنهنجي انمول زندگي جا اهي چند ڏينهن آخرت ناهڻ بدران دنيا گڏ ڪرڻ ۾ گذاري ڇڏيندا ۽ ائين گناهن جو انبار ڪٺي موت جي واديءَ ۾ پهچي ويندا، جيڪڏهن خدا عَزَّوَجَلَّ جي رحمت شامل حال رهي ته مرڻ کان پهريان توبهه جي توفيق ملي ويندي. نه ته بي صورت ۾ دنيا مان افسوس ۽ حسرت ڪندي نڪرنداسين ۽ قبر واري ڪڏ ۾ وڃي ڪِرنداسين. سوچيو ته سهي! جو جڏهن ٻارن جي مدني تربيت نه ٿيندي ته اهي معاشري جي بگاڙ ۾ سڄارو آڻڻ جي لاءِ کهڙو ڪردار ادا ڪري

سگهندا؟ جيڪو ٻارُ ٻڏي رهيو هجي، اهو ٻين کي ڇا بچائيندو، جيڪو ٻارُ غفلت جو شڪار هجي، اهو ٻين کي ڇا خبردار ڪندو، جيڪو ٻارُ هيناهينءَ ڏانهن سفر ڪرڻ ۾ مشغول هجي اهو ڪنهن ٻئي کي بلندي وارو رستو ڪيئن ڏيکاري سگهندو؟

سونا جنگل رات اندھیری، چھائی بدلی کالی ہے،
سونے والے جاگتے رہیو، چوروں کی رکھوالی ہے (حدائق بخشش)

با اولاد اسلامي ڀائرو! اوهان جو اولاد، اوهان جي جگر جو ٽڪر ۽ پنهنجي ماءُ جي اکين جو ٺار ئي سهي، پر ان کان اڳ الله عَزَّوَجَلَّ جو ٻانهو، نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو امتي ۽ اسلامي معاشري جو اهم فرد آهي. جيڪڏهن اوهان جي تربيت ان کي الله عَزَّوَجَلَّ جي بندگي، سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي غلامي ۽ اسلامي معاشري ۾ ان جي ذميداري نه سيکاري سگهي ته پوءِ ان کي پنهنجو فرمانبردار بڻائڻ جي خواهش به نه رکو ڇوته اهو اسلام ئي آهي جيڪو هڪ مسلمان کي پنهنجي والدين جو مطيع ۽ فرمانبردار ٿيڻ جي تعليم ڏئي ٿو. ان ڪري اولاد جي ظاهري زيب و زينت، سٺي خوراڪ، سٺي لباس ۽ ٻين ضرورتن جي ڪفايت سان گڏوگڏ ان جي اخلاقي ۽ روحاني تربيّت جي لاءِ به ڪوشش ڪريو.

## ڇا پٽ به پيءُ کي ماريندو آهي؟

تنبيه الغافلين ۾ آهي: سمرقند جي عالم ابو حفص رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وٽ هڪ شخص آيو ۽ چوڻ لڳو: منهنجي پٽ مون کي ماريو آهي ۽ تڪليف ڏني اٿئين، ان حيران ٿيندي پڇيو: ڇا ڪڏهن پٽ به پيءُ کي ماريندو آهي؟ ان جواب ڏنو: جي ها، ائين ئي ٿيو آهي؟ ابو حفص رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پڇيس ڇا تو ان کي علم ۽ ادب سيکاريو آهي؟ ان

شخص انڪار ڪيو، پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه پڇيس: ”قرآن ڪريم سيکاريو آهي.“ ان ٻيهر انڪار ڪيو، پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه وري پڇيس ته ”پوءِ اهو ڇا ڪندو آهي؟ ان جواب ڏنو: ”ٻني ٻارو ڪندو آهي.“ ابو حفص رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمايو: ڇا توکي خبر آهي ته هن توکي ڇو ماريو؟ ان چيو: ”نه“ ابو حفص رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه تنهن تي فرمايو: ”منهنجو ته هي خيال آهي جڏهن صبح جي وقت هو گڏهه تي سوار ٿي ٻنيءَ ڏانهن ويندو هوندو. ڏاند ان جي اڳيان ۽ ڪتو ان جي پويان هوندو، قرآن ان کي پڙهڻ ايندو نه هوندو، ان ڪري هو ڪجهه جهونگاري رهيو هوندو، ايتري ۾ تون ان جي سامهون آيو هوندين. ان سمجهيو هوندو ته ڏٺي آهي ۽ تنهنجي مٿي تي ڪا شيءِ هنئي هوندائين، شڪر ڪر جو تنهنجو مٿو نه ڦاڙيائين. (تنبيہ الغافلين، ص 68)

## ٻارن جي تربيت ڪڏهن شروع ڪئي وڃي؟

ڪي والدين اهڙا به هوندا آهن جيڪي ان انتظار ۾ هوندا آهن جو اڃا ته ٻار ننڍو آهي جيڪو وٽيس ڪندو رهي، ٿورو وڏو ٿئي ته ان جي اخلاقي تربيت شروع ڪنداسين. اهڙن والدين کي گهرجي ته ننڍپڻ کان ئي اولاد جي تربيت تي وڌيڪ ڌيان ڏين، ڇوته ان جي زندگي جا شروعاتي سال باقي زندگي لاءِ بنياد جي حيثيت رکندا آهن. اهو به ذهن ۾ رهي ته مضبوط عمارت، مضبوط بنياد تي ئي تعمير ڪري سگهجي ٿي. ٻار ننڍپڻ ۾ جيڪو ڪجهه سکندو آهي، اهو سڄي زندگي ان جي ذهن تي نقش هوندو آهي، ڇوته ٻار جو دماغ ميڻ وانگر هوندو آهي، ان کي جنهن به سانچي ۾ وجهڻ چاهيندؤ، اهو ان ۾ پئجي ويندو. ٻار جو حافظو هڪ خالي فرهيءَ وانگر هوندو آهي ان تي جيڪو ڪجهه لکيو ويندو سڄي عمر جي

لاءِ محفوظ ٿي ويندو. ٻار جو ذهن خالي زمين وانگر هوندو آهي، ان ۾ جيڪو ٻج پوکيندؤ، انهيءَ معيار جو فصل حاصل ٿيندو. اهو ئي سبب آهي تہ جيڪڏهن ان کي ننڍپڻ کان ئي سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ جي عادت وڌي وڃي تہ اهو سڄي عمر ان عادت کي ناهي ڇڏيندو. جيڪڏهن ان کي سچ ڳالهائڻ جي عادت وڌي وڃي تہ اهو سڄي عمر ڪوڙ کان بيزار رهندو آهي. جيڪڏهن ان کي سنت مطابق ڪائڻ پيئڻ، ويهڻ، جتي پائڻ، لباس پائڻ، مٿي تي عمامو ٻڌڻ ۽ وارن ۾ ڦڻي وغيره ڪرڻ جو عادي بڻايو وڃي تہ اهو نہ فقط پاڻ انهن پاڪيزه عادتن کي اپنائيندو آهي، پر ان جون اهي مدني وصفون ان جي صحبت ۾ رهڻ وارن ٻين ٻارن ۾ بہ منتقل ٿيڻ شروع ٿي وينديون آهن.

## تربيت ڪرڻ وارن کي ڪيئن هئڻ گهرجي؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسلامي طرز تي اولاد جي تربيت جو خواب ان وقت پورو ٿي سگهي ٿو جڏهن ان جا والدين ۽ گهر جا ٻيا ياتي ٿورو گهڻو ديني علم رکندا هجن ۽ ان تي عمل بہ ڪندا هجن، ڇوتہ جنهن جي پنهنجي نماز صحيح ناهي، اهي ٻئي ڪنهن کي صحيح نماز ڪيئن سيکاري سگهندا؟ جيڪي پاڻ ڪائڻ پيئڻ، لباس پائڻ ۽ ٻين ڪمن کي سنّت مطابق ڪرڻ جا عادي نہ هوندا، اهي پنهنجي اولاد کي سنتن جا عامل ڪيئن بڻائيندا؟ جيڪي پاڻ روزن وغيره جي مسئلن بابت علم نہ رکندا هوندا اهي پنهنجي اولاد کي ڇا سيکاريندا. علي هٰذا القِياس

تربيت ڪرڻ وارن جي قول ۽ فعل ۾ فرق بہ ٻارن جي ننڍي ذهن جي لاءِ وڏي تشويش جو سبب بڻبو، ڇوتہ هڪ ڪم اهي پاڻ تہ

ڪن ٿا، مثال طور ڪوڙ ڳالهائن ٿا، پاڻ ۾ وڙهن ٿا، پر مون کي منع ڪن ٿا. جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو جو پنهنجي وڏن جي ڪا بہ نصيحت انهن جي دل ۾ گهر نہ ڪري سگهندي. مطلب تہ تربيت اولاد جي لاءِ مائٽن جو پنهنجو ڪردار بہ مثالي هئڻ گهرجي.

ان سان گڏوگڏ گهريلو ماحول جو بہ ٻارن جي زندگي تي تمام گهڻو اثر پوندو آهي. جيڪڏهن گهروارا نيڪ سيرت، شريف ۽ خوش اخلاق هوندا تہ انهن جي زير تربيت ٻار بہ حسنِ اخلاق جا پيڪر ۽ ڪردار جا غازي ٿيندا، پر ان جي ابتڙ شرابي، عيش پرست ۽ گارگند ڪرڻ وارن جي گهر ۾ پرورش حاصل ڪندڙ ٻار، انهن جي غليظ اثرن کان محفوظ نہ رهي سگهندو. مطلب تہ ٻارن جي تربيّت جو دارومدار رڳو پڙهائڻ تي ناهي بلڪ مختلف طور طريقن، ڳالهين ۽ ميل جول سان بہ ٻارن جي ذهني تربيت ٿيندي آهي.

## مثالي ڪردار ڪيئن اپنايون؟

ان مدني ۽ مثالي ڪردار کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ والدين کي پريشان ٿيڻ جي بلڪل ضرورت ناهي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي ۾ شامل ٿيڻ جي برڪت سان اعليٰ اخلاقي عادتون غير محسوس طور تي ان جي ڪردار جو حصو بڻجنديون وينديون. ان جي لاءِ گهر جي مردن، خاص ڪري والد کي گهرجي تہ اهو پنهنجي شهر ۾ ٿيندڙ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت ڪري ۽ راهِ خدا ۾ سفر ڪندڙ عاشقانِ رسول جي مدني قافلن ۾ سفر ڪري. انهن مدني قافلن ۾ سفر جي برڪت سان پنهنجي گذريل زندگيءَ تي غور و فڪر جو موقعو ملندو ۽ دل حُسنِ عاقبت جي لاءِ

بيچين تي ويندي، جنهن سبب گناهن جي ڪثرت تي شرمندگي محسوس ٿيندي ۽ توبهه جي توفيق حاصل ٿيندي. عاشقانِ رسول جي مدني قافلن ۾ مسلسل سفر ڪرڻ جي نتيجي ۾ زبان تي گارگند ۽ فضول گوئي جي بدران درود شريف جاري ٿي ويندو ۽ اها تلاوتِ ڪلام پاڪ، حمدِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۽ نعتِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عادي بڻجي ويندي. ڪاوڙ جي عادت ختم ٿي ويندي ۽ ان جي جاءِ تي نرمي اچي ويندي، بي صبري واري عادت ختم ڪري صابر ۽ شاڪر رهڻ نصيب ٿي ويندو. تڪبر کان جان ڇٽي پوندي ۽ احترامِ مسلم جو جذبو ملندو. دنيا جي مال ۽ دولت جي لالچ کان ڇوٽڪارو ملي ويندو ۽ نيڪين جو حرص پيدا ٿيندو، مطلب ته هر هر راهِ خدا ۾ سفر ڪرڻ واري جي زندگي ۾ مدني انقلاب پيدا ٿي ويندو ۽ اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اولاد جي مدني تربيت جو جذبو به نصيب ٿيندو.

ترغيب ڏيارڻ لاءِ مدني قافلي جي مدني تربيت جي مدني بهار اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿي. شاهدره (مرڪزالاولياء لاهور) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته مان پنهنجي والدين جو اڪيلو پٽ هيس، حد کان وڌيڪ پيار مونکي بيحد ضدي ۽ والدين جو سخت نافرمان بڻائي ڇڏيو هو. رات جو دير تائين آواره رلندو هئس ۽ صبح جو دير تائين ستو پيو هوندو هئس. والدين سمجهائيندا هئا ته انهن کي دڙڪا ڏيندو هئس. اهي ويچارا ڪڏهن ڪڏهن روئي ڏيندا هئا دعائون گهرندي ماءُ جون اکيون آليون ٿي وينديون هيون. ان عظيم گهڙيءَ تي لکين سلام جنهن وقت مون کي دعوتِ اسلامي جي هڪ عاشقِ رسول سان ملاقات جي سعادت

حاصل ٿي ۽ ان پيار و محبت سان انفرادي ڪوشش ڪندي مون پاپي ۽ بدڪار کي مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي لاءِ تيار ڪيو. پوءِ مان عاشقانِ رسول سان گڏ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس. انهن عاشقانِ رسول ٽن ڏينهن جي اندر الائي ڇا ڪري ڇڏيو هو جو مون جهڙي ضدي انسان جي پٿر جهڙي سخت دل جيڪا والدين جي ڳوڙهن سان نه پئي پگهرجي، اها ميڻ بڻجي وئي ۽ منهنجي دل ۾ مدني انقلاب پيدا ٿي ويو ۽ مدني قافلي مان نمازي بڻجي واپس موٽيس، گهر اچي مون سلام ڪيو. والد صاحب کي هٿ تي چمي ڏني ۽ ماءُ جا قدم چميا. گهر وارا حيران ھئا ته هن کي ڇا ٿي ويو آهي جو جيڪو ڪالهه ته ڪنهن جي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار ئي نه هوندو هو، اهو اڄ ايترو با ادب بڻجي ويو آهي. اَلحَمدُلِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول جي صحبت مون کي بلڪل تبديل ڪري ڇڏيو ۽ هن بيان ڏيڻ وقت تائين مون اڳوڻي بي نمازي کي مسلمانن کي فجر جي نماز جي لاءِ جاڳائڻ يعني صداءِ مدينه جي ذميداري مليل آهي. (دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ مسلمانن کي فجر جي نماز جي لاءِ اٿارڻ کي صداءِ مدينه چئبو آهي)

گرچہ اعمال بد اور افعال بد　　نے ہے رسوا کیا قافلے میں چلو
کر سفر آؤ گے تم سدھر جاؤ گے　　مانگ چل کر دعا قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(فيضان سنّت ج 1 ص 1269)

پنهنجي اولاد جي بهترين تربيت جو ذهن پيدا ڪرڻ جي لاءِ ٻارن جي امڙ کي گهرجي ته پنهنجي شهر ۾ ٿيڻ واري اسلامي ڀينرن جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪري.

اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ سندن زندگي ۾ بہ مدني انقلاب پيدا ٿي ويندو.

اَلْحَمْدُللہ عَزَّوَجَلَّ سنّتن ڀري زندگي گذارڻ جي لاءِ عبادات و اخلاقيات جي حوالي سان شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اسلامي ڀائرن جي لاءِ 72، اسلامي ڀينرن جي لاءِ 63 ۽ علمِ دين جي طالبن جي لاءِ 92، ديني طالبات جي لاءِ 83 ۽ مدني مُنن ۽ منين جي لاءِ 40 مدني انعامات سوالن جي صورت ۾ پيش ڪيا آهن. انهن مدني انعامات کي اپنائڻ کان پوءِ نيڪ بڻجڻ جي راهہ ۾ پيش ايندڙ رڪاوٽون، اللّٰه تعالٰي جي فضل ۽ ڪرم سان آهستي آهستي ختم ٿي وينديون آهن ۽ انهن جي برڪت سان سنّت جو پابند ٿيڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪر ڪرڻ جو ذهن بڻجندو. اسان کي گهرجي تہ باڪردار مسلمان بڻجڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان مدني انعامات جو ڪارڊ حاصل ڪريون ۽ روزانو فڪرِ مدينہ يعني پنهنجو محاسبو ڪندي ڪارڊ ڀريون ۽ هر مدني يعني قمري مهيني جي پهرين ڏهن ڏينهن جي اندر اندر پنهنجي علائقي جي مدني انعامات جي ذميدار وٽ جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايون. مدني انعامات نہ ڄاڻي ڪيترن ئي اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي زندگين ۾ مدني انقلاب برپا ڪري ڇڏيو آهي. ان جي هڪ جهلڪ اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿي.

## جماعت سان نماز پڙهڻ جو پابند ٿي ويو

نيو ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ هيئن بيان آهي تہ علائقي جي مسجد جو امام صاحب جنهن جو دعوتِ اسلامي سان تعلق هو. ان انفرادي ڪوشش ڪندي منهنجي وڏي ڀاءُ کي مدني

انعامات جو هڪ ڪارڊ تحفي ۾ ڏنو. اهي گهر ڪٽي آيا، پڙهيائون ته حيران ٿي ويا ته ان مختصر ڪارڊ ۾ هڪ مسلمان ڪي اسلامي زندگي گذارڻ جو ايڏو زبردست فارمولو ڏنو ويو آهي. مدني انعامات جو ڪارڊ ملڻ جي برڪت سان اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ان ڪي نماز جو جذبو عطا ٿيو ۽ جماعت سان نماز جي ادائيگي جي لاءِ مسجد ۾ حاضر ٿي ويا ۽ هاڻي اهي پنج وقته نمازي بڻجي چڪا آهي. ڏاڙهي مبارڪ به سجائي ڇڏيائون ۽ مدني انعامات جو ڪارڊ به پريندا آهن.

مدنی انعامات کے عامل پہ ہر دم ہر گھڑی
یاالٰہی خوب برسا رحمتوں کی تو جھڑی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(فيضان سنّت ج 1 ص 1055)

## ڪجھ اهم ڪم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حقيقت ۾ انسان جي سموري زندگي ئي قرآن ۽ سنّت جي مطابق هئڻ گهرجي، پر ڪي معاملا اهڙا به آهن جن جو اولاد جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ ۾ ئي لحاظ رکڻ تمام ضروري هوندو آهي، چوته اولاد جي صالحيّت (يعني پرهيزگاري) انهن معاملات سان به وابسته هوندي آهي.

### (1) نيڪ عورت جو انتخاب

سني ڪان سنو ٻج به ان وقت پنهنجو جوهر ڏيکاريندو آهي جڏهن ان جي لاءِ عمده زمين منتخب ڪئي وڃي. ماءُ ٻار لاءِ جڻ ته زمين جي حيثيت رکندي آهي، ان ڪري زال جي انتخاب جي سلسلي ۾ مرد کي تمام گهڻي احتياط کان ڪم وٺڻ گهرجي جو ماءُ جون سنيون يا خراب عادتون سياڻي اولاد ۾ به منتقل ٿينديون،

ڪيترن ئي حديثن مبارڪن مان مرد کي نيڪ، صالح ۽ سنين عادتن واري پاڪ دامن زال جو انتخاب ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي وئي آهي.

﴿1﴾ حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته شهنشاهِ نُبُوت، محسنِ انسانيت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڪنهن به عورت سان نڪاح ڪرڻ جي لاءِ چئن ڳالهين کي مدّنظر رکيو ويندو آهي: (1) ان جو مال (2) حسب نسب (3) حسن و جمال (4) دين. وري فرمايائون: توهان جو هٿ خاڪو آلود ٿئي، توهان ديندار عورت کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. (صحيح بخاري، ج 3 ص 429 الحديث 5090)

﴿2﴾ حضرتِ سيّدُنا ابو امامه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته حبيبِ پروردگار، شفيع روز شمار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: تقويٰ کان پوءِ مؤمن جي لاءِ نيڪ زال کان بهتر ٻي ڪا به شيءِ ناهي، جيڪڏهن ان کي حڪم ڪندو آهي ته اها اطاعت ڪندي آهي ۽ ان کي ڏسي ته خوش ڪري ڇڏي، ۽ ان تي قسم کڻي ويهي ته قسم سچو ڪري ۽ جيڪڏهن هو ڪيڏانهن هليو وڃي ته پنهنجي نفس ۽ مڙس جي مال ۾ ڀلائي ڪري (يعني خيانت ۽ ضايع نه ڪري) (سنن ابن ماجه، ج 2، ص 414، الحديث 1857)

﴿3﴾ حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابن عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي ته نبي مڪرّم، نورِ مجسّم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”بيشڪ دنيا بهترين استعمال جي شيءِ آهي پر ان جي باوجود نيڪ ۽ صالح عورت دنيا جي مال و متاع کان به افضل ۽ بهترين آهي.“
(سنن ابن ماجه، ج 2، ص 412، الحديث 1855)

﴿4﴾ حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا روايت ڪن ٿا ته رسول پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: عورتن سان ان جي حُسن جي ڪري نڪاح نه ڪريو ۽ نه ئي ان جي مال

جي ڪري، ڪٿي ائين نہ ٿئي جو انهن جو حُسن ۽ مال انهن کي سرڪشي ۽ نافرماني ۾ نہ مبتلا ڪري ڇڏي پر انهن جي دينداريءَ جي ڪري انهن سان نڪاح ڪيو ڇوتہ نڪ ٻيني ۽ ڪاري رنگ واري ٻانهي ديندار هجي تہ بهتر آهي. (سنن ابن ماجہ، ج 2 ص 415، حديث 1859)

## (2) سني قوم مان نڪاح ڪجي

نڪاح جي سلسلي ۾ عورت جي گهروارن جي طور طريقي کي بہ مدّنظر رکڻ ضروري آهي. جيئن تہ اُمُّ المؤمنين حضرتِ سيّدَتُنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان روايت آهي، نبي مڪرّم، نورِ مجسم، رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: پنهنجي نطفي جي لاءِ سني جاءِ ڳوليو جو عورتون پنهنجي ڀينرن ۽ ڀائرن جهڙا ٻار پيدا ڪنديون آهن. (ڪنزالعمال، الڪامل في ضعفاء الرجال، ج 6 ص 423)

## (3) نڪاح جي لاءِ سٺيون سٺيون نيتون ڪيو

حضرتِ سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ مون حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي فرمائيندي ٻُڌو: ”جنهن بہ ڪنهن عورت سان ان جي عزت جي ڪري نڪاح ڪيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي ذلت کي وڌائيندو. جنهن عورت جي مال ۽ دولت (جي لالچ) جي ڪري نڪاح ڪيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي غربت ۾ اضافو ڪندو، جنهن عورت جي حسب نسب جي بنياد تي نڪاح ڪيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي ڪميڻائپ کي وڌائيندو ۽ جنهن صرف ئي صرف ان ڪري نڪاح ڪيو تہ پنهنجي نظر جي حفاظت ڪري ۽ پنهنجي شرمگاهہ کي محفوظ رکي يا رحم جو ڪم ڪري تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ عورت ۾ برڪت ڏيندو ۽ عورت جي لاءِ مرد ۾ برڪت ڏيندو. (المعجم الاوسط، ج 2 ص 18، الحديث 2342)

# نڪاح جون نيّتون

از: شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد **الياس عطار قادري رضوي** دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕبِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ. يعني ”مسلمان جي نيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.“

(المعجم الڪبير للطبراني، ج 6 ص 185، الحديث 5942)

## ٻه مدني گل

1. سني نيّت کان سواءِ ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2. جيترِيون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

نڪاح ڪرڻ واري کي گهرجي ته سٺيون سٺيون نيتون ڪري، ته جيئن ٻين فائدن سان گڏوگڏ اهو ثواب جو به حقدار ٿئي. ”**نڪاح سنّت آهي**“ جي نون اڪرن جي نيّت سان 9 نيّتون پيشِ خدمت آهن.

﴿1﴾ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّت ادا ڪندس.

﴿2﴾ نيڪ عورت سان نڪاح ڪندس.

﴿3﴾ سني قوم ۾ نڪاح ڪندس.

﴿4﴾ ان جي ذريعي سان ايمان جي حفاظت ڪندس.

﴿5﴾ ان جي ذريعي سان شرمگاھ جي حفاظت ڪندس.

﴿6﴾ پاڻ کي بدنگاهيءَ کان بچائيندس.

﴿7﴾ فقط لذّت ۽ شهوت جي پورائي جي لاءِ نه، پر اولاد حاصل ڪرڻ جي لاءِ حق ادا ڪندس.

﴿8﴾ ميلاپ کان اڳ ۾ ”بِسۡمِ الله“ ۽ مسنون دعائون پڙهندس.

﴾9﴿ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمت ۾ اضافي جو ذريعو بڻجندس. حضرت سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان روايت آهي تہ تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، محسنِ انسانيت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ نڪاح منهنجي سنّت منجهان آهي. بس جيڪو شخص منهنجي سنّت تي عمل نہ ڪندو اهو مون مان نہ آهي، ان ڪري نڪاح ڪريو ڇوتہ مان توهان جي گهڻائي جي بنياد تي ٻين اُمتن تي فخر ڪندس.“ (سنن ابن ماجہ، ج 2، ص 406، الحديث 1846)

**مدني مشورو:** شادي شده حضرات نيتن وغيره جي وڌيڪ معلومات جي لاءِ فتاويٰ رضويہ تخريج شده جلد 23، صفحي نمبر 385، 386 تي مسئلو نمبر 41، 42 جو مطالعو فرمائين.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مسئلو:** جنهن عورت سان نڪاح ڪرڻ جو ارادو هجي تہ ان نيّت سان ان کي ڏسڻ جائز آهي جو حديث پاڪ ۾ اهو آيو آهي تہ جنهن سان نڪاح ڪرڻ چاهيو ٿا، ان کي ڏسي وٺو جو اهو محبّت کي قائم رکڻ جو ذريعو ٿيندو. (جامع ترمذي، ج 2 ص 346 الحديث 1089)

حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْغَنِی لکن ٿا: بهتر هي آهي تہ پيغام کان اڳ ۾ ڏسڻ گهرجي ۽ اهو بہ ڪنهن بهاني سان جو عورت کي خبر نہ پوي تہ جيئن ناپسنديدگيءَ جي صورت ۾ عورت کي ڏک نہ ٿئي. وڌيڪ لکن ٿا تہ ڏسڻ مان مراد چهرو ڏسڻ آهي جو حسن ۽ جمال چهري ۾ ئي هوندو آهي ۽ ان مان مراد اها صورت آهي جيڪا هينئر عرض ڪئي وئي، يعني ڪنهن بهاني سان ڏسي وٺڻ يا ڪنهن معتبر عورت جي ذريعي ڏيکارڻ، نہ ائين جو باقاعده عورت جو انٽرويو ڪجي. (مرأة المناجيح ج 5، ص 11،12)

جنهن عورت سان نڪاح ڪرڻ چاهي ٿو جيڪڏهن ان ڪي ڏسڻ جي ترڪيب نہ نهي سگهي تہ ان شخص ڪي گهرجي تہ پنهنجي گهر جي ڪنهن عورت ڪي موڪلي اها ان ڪي ڏسي اچي ۽ اها اچي ان جي سامهون سچو حليو ۽ نقشو وغيره بيان ڪري تہ جيئن ان ڪي ان جي شڪل ۽ صورت جي باري ۾ اطمينان ٿي وڃي.

(ردالمحتار، ج 9، ص 611)

اهڙيءَ طرح عورت ان مرد ڪي جنهن ان ڏانهن پيغام موڪليو آهي ڏسي سگهي ٿي، چاهي شهوت جو انديشو هجي، پر ڏسڻ دؤران ٻنهي جي نيّت اها هجي تہ حديثِ پاڪ تي عمل ڪرڻ چاهيون ٿا. (الدرالمختار و ردالمحتار ج 9، ص 610 ماخوذًا)

## (4) مڱڻي ۽ شادي جي موقعي تي ناجائز رسمن ڪان بچڻ گهرجي

اسان جي معاشري ۾ مڱڻي ۽ شادي جي موقعي تي مختلف رسمون ادا ڪرڻ جو تمام گهڻو رواج آهي، وري هر علائقي، هر قوم ۽ هر خاندان جون پنهنجون پنهنجون خاص رسمون هونديون آهن. جيئن تہ اهي رسمون فقط عُرف جي بنياد تي ادا ڪيون وينديون آهن ۽ ڪوبہ ان ڪي فرض ۽ واجب تصوّر ناهي ڪندو ان ڪري جيستائين ڪنهن بہ رسم ۾ ڪابہ شرعي قباحت نہ هجي تيستائين ان ڪي حرام ۽ ناجائز نہ ٿو چئي سگهجي. ان ڪري رسمن جي پابندي ايتري حد تائين ڪري سگهجي ٿي جو ڪنهن حرام ڪم ۾ مبتلا نہ ٿيڻو پوي، پر ڪي ماڻهو ايتري تہ پابندي ڪندا آهن جو ڪو ناجائز فعل بہ پلي ڪرڻو پوي پر رسم ڪي ڇڏڻ پسند ناهن ڪندا مثال طور: ڇوڪريءَ جوان آهي ۽ رسمن ادا ڪرڻ جي لاءِ پيسو ناهي تہ اهو نہ ٿيندو تہ رسمون ڇڏي ڏيون ۽ نڪاح

ڪري آجا تي وجون ۽ فتني جو دروازو بند ٿي وڃي، بلڪ وياج جهڙي لعنت کي پنهنجي ڳلي ۾ وجهڻ لاءِ به تيار ٿي ويندا آهن.

وَالعِيَاذُ بِاللهِ عَزَّوَجَلَّ (بهارِ شريعت حصو ستون ص 94)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪيترين ئي اهڙين رسمون هونديون آهن جيڪي شرعي طور تي ناجائز هونديون آهن، مثال طور ان ۾ مرد ۽ عورت جو بي پردو اختلاط ٿيندو آهي يا اها رسم ڪنهن مسلمان جي دل آزاريءَ تي مشتمل هوندي آهي. عَلٰى هٰذا القِياس. پر شرم ۽ حياءُ کي هڪ پاسي رکي، انهن رسمن کي ضرور پورو ڪيو ويندو آهي. مثال طور:

اڪثر گهرن ۾ هي رواج هوندو آهي ته شاديءَ جي ڏينهن ۾ مٺ مائٺ ۽ پاڙي جون عورتون گڏ ٿي ڪري ڌُهل وڄائينديون آهن ۽ گيت ڳائينديون آهن اهو حرام آهي جو پهريان ته دهل وڄائڻ ئي حرام، وري عورتن جو ڳائڻ ان ۾ عورت جو آواز نامحرم تائين پهچڻ ۽ اهو به گاني جو ۽ عشق، هِجر و ميل ميلاپ جا شعر يا گيت. جيڪي عورتون پنهجي گهرن ۾ ڳالهائيندي وقت گهرن کان ٻاهر آواز وڃڻ کي عيب سمجهنديون آهن، اهڙن موقعن تي اهي به شريڪ ٿي وينديون آهن، ڄڻ انهن وٽ ڳائڻ ڪو عيب ئي ناهي. ڪيترو به پري تائين آواز وڃي ڪوبه حرج ناهي ۽ پڻ اهڙن گانن ۾ جوان ڪنواريون ڇوڪريون به شريڪ ٿينديون آهن. اهڙا شعر پڙهڻ ۽ ٻُڌڻ ڪيتريقدر انهن جي دبيل جوش کي اڀاريندا هوندا ۽ ڪهڙا ڪهڙا جذبا بيدار ٿيندا هوندا ۽ اخلاق ۽ عادتن تي ان جو ڪيترو اثر پوندو هوندو؟ اهي ڳالهيون اهڙيون ناهن جن جي سمجهائڻ جي ضرورت هجي يا ثبوت پيش ڪرڻ جي حاجت هجي.

(بهارِ شريعت حصو ستون ص 95)

ڪري جيستائين ڪنهن به رسم ۾ ڪابہ شرعي قباحت نہ هجي تيستائين ان کي حرام ۽ ناجائز نہ تہ چئي سگهجي. ان ڪري رسمن جي پابندي ايتري حد تائين ڪري سگهجي ٿي جو ڪنهن حرام ڪم ۾ مبتلا نہ ٿيڻو پوي، پر ڪي ماڻهو ايتري تہ پابندي ڪندا آهن جو ڪو ناجائز فعل بہ ڀلي ڪرڻو پوي پر رسم کي ڇڏڻ پسند ناهن ڪندا مثال طور: ڇوڪري جوان آهي ۽ رسمن ادا ڪرڻ جي لاءِ پيسو ناهي تہ اهو نہ ٿيندو تہ رسمون ڇڏي ڏيون ۽ نڪاح ڪري آجا ٿي وڃون ۽ فتني جو دروازو بند ٿي وڃي، بلڪ وياج جهڙي لعنت کي پنهنجي ڳلي ۾ وجهڻ لاءِ بہ تيار ٿي ويندا آهن. وَالعِيَاذُبِاللهِعَزَّوَجَلَّ (بهارِ شريعت حصو ستون ص 94)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪيتريون ئي اهڙيون رسمون هونديون آهن جيڪي شرعي طور تي ناجائز هونديون آهن، مثال طور ان ۾ مرد ۽ عورت جو بي پردو اختلاط ٿيندو آهي يا اها رسم ڪنهن مسلمان جي دل آزاريءَ تي مشتمل هوندي آهي. علىٰ هٰذا القِياس. پر شرم ۽ حياءُ کي هڪ پاسي رکي، انهن رسمن کي ضرور پورو ڪيو ويندو آهي. مثال طور:

اڪثر گهرن ۾ هي رواج هوندو آهي تہ شاديءَ جي ڏينهن ۾ مٽ مائٽ ۽ پاڙي جون عورتون گڏ ٿي ڪري ڍُهل وڄائينديون آهن ۽ گيت ڳائينديون آهن اهو حرام آهي جو ڀهريان تہ دهل وڄائڻ ئي حرام، وري عورتن جو ڳائڻ ان ۾ عورت جو آواز نامحرم تائين پهچڻ ۽ اهو بہ ڳاني جو ۽ عشق، جُدائيءَ جا شعر يا گيت. جيڪي عورتون پنهنجي گهرن ۾ ڳالهائيندي وقت گهرن کان ٻاهر آواز وڃڻ کي عيب سمجهنديون آهن، اهڙن موقعن تي

ناجائز آهي، پر ڪافي گهوٽ پنهنجن هٿن ڪان علاوه پيرن تي بہ ميندي هڻندا آهن. (بهار شريعت ص 95) بينڊ باجي وارا گهرايا ويندا آهن، جيڪي ڄڄ جي اچڻ وقت پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا آهن ۽ ساز و اوزار وڄائڻ جو گناھ ڪتڻ سان گڏوگڏ ستل مسلمانن ۽ مريضن کي تڪليف پهچائيندا آهن.

رخصتي جي وقت کير پيئارڻ جي رسم ادا ڪئي ويندي آهي، جنهن ۾ گهوٽ کي نامحرم عورتن جي جهرمٽ ۾ گهرايو ويندو آهي. ان جا دوست ان کي اهڙي موقعي تي اڪيلو ناهن ڇڏيندا ۽ ان سان گڏ هليا ايندا آهن پوءِ ڪا نامحرم نوجوان ڇوڪريءَ پنهنجي سهيلين جي جُهرمٽ ۾ وڏي محبّت سان گهوٽ کي کير جو گلاس پيش ڪندي آهي تہ پوءِ شور شرابو ڪندا آهن ۽ گهوٽ جا دوست نامحرم عورتن سان کل مسخريءَ جو شغل ڪندا آهن ۽ پوءِ آخر ۾ گهوٽ کان کير پيئارڻ جي معاوضي جو مطالبو ڪيو ويندو آهي، جيڪو عام طور تي ان جي حيثيت کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ هوندو آهي، اهڙي موقعي تي بي پردگي کان سواءِ بہ ڪافي ڏکوئيندڙ منظر ڏسڻ ۾ ايندا آهن.

آتش بازي حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي پر ڪيترائي ماڻهو انهن ڪمن جو ايترو تہ اهتمام ڪندا آهن جو اهي ڪم نہ هجن تہ ڄڻ شادي ئي نہ ٿي ۽ ان کان علاوه ڪيترا تہ ايترا چڙواڳ هوندا آهن جو جيڪڏهن اهي حرام ڪم نہ هجن تہ ان کي غمي ۽ جنازي سان تشبيھ ڏيندا آهن. اهو خيال ناهن ڪندا تہ هڪ تہ اهو گناھ ۽ شريعت جي مخالفت آهي ٻيو مال ضايع ڪرڻ ۽ ٽيون سڀني جي تماشاين جي گناھ جو اهو ئي سبب آهي ۽ سڄي ميڙ

جيترو ان تي گناھ جو بار. پر آھ! وقتي خوشيءَ ۾ اھو سڀ ڪجھ ڪيو ويندو آھي. مسلمان ھئڻ جي حيثيت سان اسان تي لازم آھي تہ پنھنجي ھر ڪم ڪي شريعت جي مطابق ڪريون. **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول **اللّٰه** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مخالفت ڪان بچون، انھيءَ ۾ ئي دين ۽ دنيا جي ڀلائي آھي. (بھارِ شريعت حصو ستون ص 95)

## (5) نڪاح جي مستحبات تي عمل ڪيو وڃي

مثال طور: (1) اعلان ڪرڻ (2) نڪاح کان اڳ ۾ خطبو پڙھڻ، کھڙو بہ خطبو ھجي ۽ بھتر اھو آھي جيڪو حديث ۾ آيو آھي (3) مسجد ۾ ٿئي (4) جمعي جو ڏينھن ھجي (5) عادل شاھدن جي سامھون ھجي (6) عورت عمر حسب مال ۽ عزت ۾ مرد کان گھٽ ھجي (7) چال چلت، اخلاق، تقويٰ ۽ جمال ۾ وڌيڪ ھجي. (الدر المختار، ج 4 ص 75)

## (6) اجايي خرچ کان پرھيز ڪئي وڃي

قرآن پاڪ ۾ آھي:

وَلَا تُسْرِفُوْا ؕ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِيْنَ ۙ﴿۱۴۱﴾ (سيپارو 8 الانعام: 141)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ اجايو خرچ نہ ڪيو بيشڪ اجايو خرچ ڪرڻ وارا ان کي پسند ناھن.

مفسرِ شھير، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْحَنَّان انھيءَ آيت تحت اجايو خرچ (يعني اِسراف) بابت تفصيل بيان ڪندي لکن ٿا: ”ناجائز جڳھن تي خرچ ڪرڻ بہ اجايو خرچ ڪرڻ آھي ۽ سجو مال خيرات ڪري ٻارن ٻچن کي فقير بڻائڻ بہ اجايو خرچ ڪرڻ آھي. ضرورت کان وڌيڪ خرچ بہ اجايو خرچ آھي. ان ڪري ئي وضو وارن عضون کي (شرعي اجازت کان سواءِ) چار ڀيرا ڌوئڻ بہ اِسراف ۾ داخل آھي. (نور العرفان ص 232)

معلوم ٿيو تہ ضرورت کان وڌيڪ خرچ بہ اجايو خرچ (يعني اِسراف) آهي پر عام طور تي اهو تجربو ڪيو ويو آهي تہ احتياط ڪرڻ واري عادت رکڻ وارا اسلامي ڀائر بہ اهڙن موقعن تي بي احتياطي ڪري ويهندا آهن. مثال طور: مهمانن جي تعداد کان ڪافي وڌيڪ کاڌو تيار ڪرايو ويندو آهي، جنهن جي بچي وڃڻ جي صورت ۾ خراب ٿيڻ جو تمام گهڻو انديشو هوندو آهي.

**(7) اڪيلائي ۾ بہ شرعي حدن کي قائم رکيو وڃي.**

جڏهن مڙس پنهنجي زال سان صحبت جو ارادو ڪري تہ شريعت ان جا بہ آداب ٻڌايا آهن. ان ڪري شاديءَ جي پهرين رات مڙس کي گهرجي تہ زال جي پيشانيءَ تي هٿ رکي هيءَ دعا پڙهي:

اَللّٰهُمَّ اِنِّی اَسْئَلُکَ خَيْرَهَا وَخَيْرَمَاجَبَلْتَهَا عَلَيْهِ وَاَعُوْذُ بِکَ مِنْ شَرِّهَا وَ (مِنْ) شَرِّمَاجَبَلْتَهَا عَلَيْهِ

يعني: يا الله عَزَّوَجَلَّ مان تو کان ان جي ڀلائي چاهيان ٿو ۽ خاص طور تي جيڪا ڀلائي تو ان جي فطرت ۾ رکي آهي ۽ ان جي شرّ کان پناهہ گهران ٿو جيڪا ان جي فطرت ۾ آهي.“ (سنن ابي داوٗد، ج 2، ص 362 الحديث 2160)

**حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ عباس** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي **سرڪارِ مدينہ** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جڏهن توهان مان ڪوبہ شخص پنهنجي گهرواريءَ سان جماع جو ارادو ڪري تہ هيءَ دعا پڙهي:

بِسْمِ اللهِ، اَللّٰهُمَّ جَنِّبْنَا الشَّيْطٰنَ وَجَنِّبِ الشَّيْطَانَ مَا رَزَقْتَنَا

يعني: **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان اي **الله** عَزَّوَجَلَّ، اسان کي شيطان کان محفوظ رک ۽ جيڪو اولاد اسان کي ڏين تہ ان کي بہ شيطان کان محفوظ رک.“ پوءِ جيڪڏهن انهن جي لاءِ ڪو ٻار مقدر ۾ هوندو تہ **الله تعاليٰ** ان کي هميشہ شيطان کان محفوظ رکندو.“ (صحيح مسلم، الحديث 1434، ص 751)

انهيءَ جذباتي موقعي تي شرعي حڪمن تي عمل اسان کي شيطاني چنبي کان بچائيندو ۽ اسان جي نسلن جي بہ حفاظت ٿيندي. جماع جي وقت هڪٻئي جي شرمگاهہ ڏسڻ ۽ هڪٻئي سان پاڻ ۾ ڳالهائڻ جي بہ منع ڪئي وئي آهي. جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي تہ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ جڏهن توهان مان ڪو پنهنجي زال يا ٻانهيءَ سان جماع ڪري تہ ان جي شرمگاهہ ڏانهن نہ ڏسي، جو ان سان ٻار جي انڌي ٿيڻ جو انديشو آهي.” (الكامل في ضعفاء الرجال، ج 2 ص 265)

حضرتِ سيّدُنا قبيصہ بن ذوهيب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ جِماع جي وقت گهڻي گفتگو نہ ڪريو جو ان سان (ٻار جي) گونگي يا ٻاتي ٿيڻ جو انديشو آهي.” (كنزالعمال، ج 16 ص 151 الحديث 44893)

## ربّ العٰلمين جَلّ جلالُہ جو شڪر ادا ڪريو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انسان کي گهرجي تہ جڏهن اولاد جي حوالي سان ڪا ”سٺي خبر“ ملي تہ سجده شڪر ادا ڪري چوتہ نعمت جو شڪر ادا ڪرڻ سان نعمتن ۾ اضافو ٿيندو آهي. الله تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو:

لَىٕنۡ شَكَرۡتُمۡ لَاَزِيۡدَنَّكُمۡ

ترجموڪنزالايمان: جيڪڏهن احسان مڃيندؤ تہ مان توهان کي اڃان ڏيندس.

(سيپارو 13، ابراہيم: 7)

## ماءُ جي لاءِ خوشخبري

هڪ ڀيري رسول اڪرم، رحمت عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن عورتن کي ارشاد فرمايو تہ ڇا توهان مان ڪا ان ڳالهہ تي راضي ناهي تہ جڏهن اها پنهنجي مڙس مان حاملہ ٿئي ۽ اهو مڙس ان مان

راضي هجي تہ ان کي ايترو ثواب عطا ڪيو ويندو آهي جيترو الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ روزو رکڻ ۽ شبِ بيداري ڪرڻ واري کي ملندو آهي ۽ ويم جي سور جي تڪليف پهچڻ تي اهڙا اهڙا انعام ڏنا ويندا آهن جو انهن تي آسمان ۽ زمين وارن منجهان ڪنهن کي بہ خبروار ناهي ڪيو ويو ۽ اها ٻار کي جيترو کير پيئاريندي تہ هر ڍڪ جي بدلي ۾ هڪ نيڪي عطا ڪئي ويندي ۽ جيڪڏهن ٻار جي ڪري رات جو ان کي جاڳڻو پوي تہ ان کي راهِ خدا ۾ 70 غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب ملندو. (الجامع الصغير، الحديث 1592 ج 1 ص 99)

## سٺيون سٺيون نيّتون ڪريو

والدين خاص طور تي والد کي گهرجي تہ پنهنجي اولاد جي لاءِ سنيون سنيون نيتون ڪري.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## ”يا الله نيڪ اولاد عطا ڪر“ جي اٺويهہ اکرن جي نسبت سان 19 نيّتون

از: شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد **الياس عطار قادري رضوي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ. يعني ”مسلمان جي نيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.“

(المعجم الڪبير للطبراني، ج 6 ص 185، الحديث 5942)

### ٻہ مدني گل

1. سني نيّت کان سواءِ ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

2. جيتريون سنيون نيتون وڏيڪ، اوترو ثواب بہ وڏيڪ.

﴿1﴾ پنهنجي اولاد جي سنّت مطابق تربيّت ڪندس.

﴿2﴾ جڏهن ٻار پيدا ٿيندو تہ ساڄي ڪن ۾ اذان ۽ کاٻي ڪن ۾ تڪبير چوندس.

﴿3﴾ ڌيءُ پيدا ٿيڻ تي ناراض نہ ٿيندس، پر **الله** تعاليٰ جي نعمت سمجهي **الله** عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪندس.

﴿4﴾ ڪنهن بزرگ کان ان جي تحنِيڪ ڪرائيندس. (يعني ان کي درخواست ڪندس تہ اهو چوهارو يا ڪا مني شيءِ چٻاڙي ان جي تارونءَ تي لڳائي.)

﴿5﴾ جيڪڏهن پٽ پيدا ٿيو تہ برڪت خاطر ان جو نالو ”محمد“ يا ”احمد“ رکندس.

﴿6﴾ ان کي سڏڻ لاءِ بزرگن جي نسبت وارو ان جو ڪونہ ڪو ٻيو نالو رکندس.

﴿7﴾ جيترو ٿي سگهي ان جي نالي ”محمد“ يا ”احمد“ جي نسبت سان ان جي تعظيم ڪندس.

﴿8﴾ ان کي ڪنهن جامع شرائط پير صاحب جو مريد بڻائيندس.

﴿9﴾ ستين ڏينهن ان جو عقيقو ڪندس (پيدائش جي ڏينهن کان پوءِ ايندڙ هي اڳيون ڏينهن ان جي لاءِ ستون ڏينهن ٿيندو آهي. (مثال طور: سومر شريف تي ٻار پيدا ٿيو تہ زندگيءَ جو هر آچر ان جو ستون ڏينهن آهي)

﴿10﴾ مٿي جا وار ڪوڙائي ان جيتري چاندي توري خيرات ڪندس.

﴿11﴾ اولاد کي حلال ڪمائيءَ مان کارائيندس.

﴿12﴾ حرام ڪمائيءَ کان بچائيندس.

﴿13﴾ ان کي پرچائڻ جي لاءِ ڪوڙو واعدو ڪرڻ کان بچندس.

﴿14﴾ پنهنجي سيني ٻارن سان هڪجهڙو سلوڪ ڪندس.

﴿15﴾ انهن کي ديني علم سيکاريندس.

﴿16﴾ حڪم طور اهڙو ڪو بہ ڪم نہ چوندس، جنهن ۾ نافرمانيءَ جو انديشو هجي، پر مشوري طور چئي ان کي نافرمانيءَ جي آفت کان بچائيندس.

﴿17﴾ جيڪڏهن مون انهن کي ڪڏهن بہ حڪم طور ڪو چيو ۽ انهن نہ ڪيو يا نافرماني ڪري منهنجي دل کي صدمو پهچايو تہ انهن کي معاف ڪندس. (والدين معاف ڪري بہ ڇڏين تڏهن بہ اولاد کي توبهہ ڪرڻي پوندي ڇوتہ والدين جي نافرماني ۾ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني آهي)

﴿18﴾ وقت سر اولاد جي نيڪ بڻجڻ ۽ بي حساب بخشجڻ جي دعا ڪندو رهندس.

﴿19﴾ بالغ ٿيڻ تي جلدي انهن جي شاديءَ جي ترڪيب ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## حمل دوران احتياط

جيئن تہ حمل واري وقت جا مُعاملا ٻار جي شخصيت تي گهرو اثر وجهندا آهن. ان ڪري ماءُ کي گهرجي تہ حمل دوران پنهنجن خيالن ۽ فڪرن کي پاڪ و صاف رکڻ جي ڪوشش ڪري، جيڪڏهن هوءَ اهو وقت ڪيبل ۽ وي سي آر تي فلمون ڊراما ڏسندي گذاريندي تہ پيٽ ۾ پلجندڙ اولاد تي جيڪي اثرات مرتب ٿيندا، اهي اولاد جي شعور ۾ اچڻ وقت آسانيءَ سان محسوس ڪري سگهجن ٿا. جيستائين مائرون عبادت ۽ رياضت جو شوق ۽ قرآن پاڪ جي تلاوت جو ذوق رکندڙ هونديون هيون، تيستائين انهن جي جهوليءَ ۾ پلجندڙ اولاد بہ علم و عمل جو پيڪر ۽ خدا عَزَّوَجَلَّ جي خوف جو مظهر هوندو هو. جڏهن مائرن نمازن ڇڏڻ جو پنهنجو

معمول، فيشن کي پنهنجو شعار ۽ بي پردگيءَ کي پنهنجو وقار ٻڌائي ڇڏيو تہ اولاد بہ انهيءَ چال تي هلڻ لڳو، فحاشي، عرياني ۽ بي حيائيءَ جي ٻوڏ انهن کي لوڙهي ڇڏيو. الا ماشاءَالله.

بهرحال ماءُ کي گهرجي تہ:

(1) نيڪ عمل تمام گهڻا ڪري، جو تہ والدين جي نيڪين جون برڪتون اولاد کي ملنديون آهن. (نيڪ عملن جا فضائل ڄاڻڻ لاءِ "جنت ميں لے جانے والے اعمال" (مطبوعہ مکتبة المدينہ) جو مطالعو ڪيو)

(2) نمازن جي پابندي ڪندي رهي، هرگز هرگز سُستي نہ ڪري جو اهڙي حالت ۾ نماز معاف ناهي ٿيندي.

(3) ان مرحلي ۾ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪري، جو اسان جون پاڪ بيبيون ان حالت ۾ بہ قرآن پاڪ جي نور سان پنهنجن دلين کي منوّر ڪنديون هيون.

## پندرهن سيپارا پڙهي ٻڌايائين:

حضور سيّدُنا خواجہ قطبُ الحق والدّين بختيار ڪاڪي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي عمر جڏهن ڏينهن چار سال، چار مهينا ۽ چار ڏينهن جي ٿي تہ بِسۡمِ الله جي تقريب مقرر ٿي، ماڻهو گهرايا ويا. حضرت خواجہ غريب نواز رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه بہ موجود هئا. بِسۡمِ الله پڙهائڻ چاهي، پر اِلهام ٿيو تہ ترسو! حميد الدين ناگوري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه اچن ٿا، اهي پڙهائيندا. هوڏانهن ناگور ۾ قاضي حميد الدين رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي اِلهام ٿيو تہ جلدي وڃو! منهنجي هڪ ٻانهي کي بِسۡمِ الله پڙهايو. قاضي صاحب جلد تشريف فرما ٿيا ۽ ڪين فرماين: صاحبزاده پڙهہ بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پاڻ پڙهيائون: اَعُوۡذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡم ؕ بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ۽ شروعات کان وٺي پندرهن سيپارا ياد پڙهي ٻڌايا. حضرت قاضي صاحب ۽

خواجہ صاحب رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْھِما فرمايو: ”صاحبزاده اڳتي پڙهو“ جواب ڏنائون: ”مان پنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ ايترا ئي ٻُڌا هئا ۽ ايتري تائين انهن کي ياد هئا ۽ اهي مون کي ياد ٿي ويا.“ (الملفوظ حصو 4 ص 415)

(4) انهيءَ حالت ۾ به خاص طور تي حلال رزق استعمال ڪري ته جيئن ٻار جي نشوونما وغيره حلال غذا مان ٿئي.

## شڪ وارو ڪاڌو پيٽ مان ڪيڏٿو پوندو هو

حضرت بايزيد بسطامي رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي والده رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْھا فرمائن ٿيون: ”جڏهن بايزيد منهنجي پيٽ ۾ هئا ته جيڪڏهن ڪو شڪ وارو ڪاڌو ڪائي چڏيندي هئس، ته ايتري قدر بي چيني ٿيندي هئي جو ٻِڙيءَ ۾ آڱر وجهي اهو ڪيڏٿو پوندو هو.“ (تذڪرة الاولياء ص 129)

## معذرت ڪرڻي پئي

حضرتِ سيّدُنا سفيان ثوري رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جمندي متقي هئا. هڪ پيري سندن والده محترمه رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْھا حمل جي ڏينهن ۾ پاڙيوارن جي ڪا شيء بنا اجازت وات ۾ وڌي ته حضرت سفيان رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ پيٽ ۾ ڦتڪڻ شروع ڪيو ۽ جيستائين ان پاڙيوارن کان معذرت نه ڪئي، تيستائين سندن بيچيني ختم نه ٿي. (تذڪرة الاولياء، ص 174)

(5) کائڻ پيئڻ، لباس، اٿڻ ويهڻ، سمهڻ وغيره جهڙن ڪمن ۾ سنّتن تي عمل ڪري.

(6) زبان جو احتياط ڪندي ڪوڙ، غيبت، چُغلي وغيره گناهن کان بچندي رهي.

(7) خيرات، صدقو تمام گهڻو ڪري چاڪاڻ ته صدقو مصيبتن کي ٽاري ٿو.

حضرتِ سيّدُنا علي بن ابي طالب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي

ته الله جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزّهٌ عن العيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”صدقو ڏيڻ ۾ جلدي ڪندا ڪريو، ڇوته مصيبت صدقي کان اڳتي نه ٽپي وڌي سگهي.“ (مجمع الزوائد، الحديث 4606، ج 3 ص 284)

(8) ڪيترين ئي اسلامي ڀينرون حمل جي دؤران غسل ڪري ڏينهن جو پنهنجي ڪمري ۾ ڪنهن ٻار يا ٻارڙيءَ جي تصوير يا فوٽو لڳائي ڇڏينديون آهن. ياد رکو! گهر ۾ ڪنهن ساهه واري جي تصوير لڳائڻ جائز نه آهي. (بهارِ شريعت حصو 16 ص 208) ۽ جنهن گهر ۾ ڪنهن جاندار جي تصوير هوندي ته اتي رحمت جا ملائڪ داخل ناهن ٿيندا. حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”ان گهر ۾ ملائڪ داخل ناهن ٿيندا، جنهن ۾ ڪتو يا تصوير هجي.“ (صحيح بخاري، الحديث 4002 ج 3 ص 19)

جيڪڏهن ڏسڻو ئي آهي ته پيارو پيارو ڪعبو شريف ۽ سبز سبز گنبذ جا جلوا ڏسو ۽ گهر ۾ اسلامي طغرا لڳايو.

ديکھنا ہے تو مدينہ ديکھئے
قصرِ شاہی کا نظارہ کچھ نہيں

(9) دعائن جي ڪثرت ڪريو ڇاڪاڻ جو دعا مؤمن جو هٿيار آهي، حضرتِ سيدتنا مريم رحمةُ اللهِ تعالي عَلَيها جي والده ماجده به ان حالت ۾ دعا ڪئي هئي، اهڙي طرح قرآن پاڪ ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

رَبِّ اِنِّیْ وَضَعْتُهَاۤ اُنْثٰىؕ وَ اللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا وَضَعَتْؕ وَ لَیْسَ الذَّكَرُ كَالْاُنْثٰىۚ وَ اِنِّیْ سَمَّیْتُهَا مَرْیَمَ وَ اِنِّیْۤ اُعِیْذُهَا بِكَ وَ ذُرِّیَّتَهَا مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ(۳۶)

**ترجموڪنزالايمان:** اي منهنجا ربّ هيءَ ته مان ڏيءُ ڄڻي ۽ الله کي خوب معلوم آهي جيڪي انهيءَ ڄڻيو ۽ اهو پٽ جو اُن گهريو ان ڇوڪري وانگر نه آهي ۽ مان ان جو نالو مريم رکيو ۽ مان ان کي ۽ ان جي اولاد کي تنهنجي پناهه ۾ ڏيان ٿي تڙيل شيطان کان. (پ 3، آل عمران: 36)

## ماءُ ٻچڻ واري چاهي تہ هيٺين طريقي سان بہ دعا گهري سگهي ٿي.

يا الله عَزَّوَجَلَّ تنهنجا ڪروڙين شڪر جو تو مون کي هيءُ عظيم نعمت عطا فرمائي، يا الله عَزَّوَجَلَّ ان جي پيدائش ۾ آساني فرماءِ. يا الله عَزَّوَجَلَّ تون ان کي پنهنجو اطاعت گذار ۽ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانبردار بڻاءِ، يا الله عَزَّوَجَلَّ تون ان کي متقي، پرهيزگار ۽ سچو عاشقِ رسول بڻاءِ، يا الله عَزَّوَجَلَّ تون ان کي سنّتن جو مبلغ بڻاءِ، يا الله عَزَّوَجَلَّ تون ان کي اسان جي اکين جو ٺار بڻاءِ، يا الله عَزَّوَجَلَّ ان کي خير و برڪت واري وڏي عمر عطا فرماءِ، ياالله عَزَّوَجَلَّ ان کي ايمان جي حالت ۾ شهادت جو موت نصيب فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## عظيم ماءُ

مُحدّثِ اعظم پاڪستان حضرت علاّمہ مولانا سردار احمد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي والده ماجده رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا هميشہ فرمائيندي هيون: ”اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ منهنجو هي دادلو فرزند عظيم شخصيت جو مالڪ ٿيندو ۽ اها بہ دعا ڪنديون هيون، تنهنجو نالو سردار آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ توکي دين ۽ دنيا جو سردار بڻائي.“ دنيا ڏٺو تہ سندن عظيم ماءُ جي دعا قبول ٿي ۽ الله تعالٰي سندن نالي جيان سندن کي دنيا وارن جو سردار بڻائي ڇڏيو. (حياتِ مُحدّثِ اعظم ص 30)

(10) ڪيترائي والدين اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ پيٽ ۾ ڇوڪرو آهي يا ڇوڪري، ان ڪري الٽراساؤنڊ بہ ڪرائيندا آهن. پوءِ پنهنجي خواهش جي ابتڙ نتيجو اچڻ تي (مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ) خاص طور تي ڌيءُ ٿيڻ جي حالت ۾ حمل ضايع ڪرائڻ کان بہ ناهن ڪيٻائيندا

۾ اهڙيءَ طرح پنهنجي حد درجي جي جهالت جو مظاهرو ڪندا آهن، چوته جيتريون به سائنسي تحقيقون هونديون آهن، انهن جو بنياد گمان تي هوندو آهي. انهن کي ڪڏهن به يقيني قرار نه ٿو ڏئي سگهجي، ان ڪري تي سگهي ٿو ته توهان کي جيڪو ڪجهه ٻڌايو ويو، حقيقت ان جي ابتڙ هجي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اولاد جي سلسلي ۾ **الله** تعالٰي جي رضا تي راضي رهڻ ۾ ئي عافيّت آهي، ائين نه ٿئي جو ڌيءُ جي پيدائش تي ان جي ماءُ سان خراب سلوڪ ڪرڻ جي ڪري ربّ تعالٰي جي ناراضگيءَ کي منهن ڏيڻو پوي. ان سلسلي ۾ هڪ عبرت انگيز سچو واقعو ٻڌو.

ڪشمير جي ڪنهن علائقي ۾ هڪ شخص کي پنج نياڻيون هيون، ڇهون دفعو ولادت ٿيڻ واري هئي. ان هڪ ڏينهن پنهنجي گهرواريءَ کي چيو ته جيڪڏهن هن دفعي به تو ڌيءَ ڄڻي ته مان توکي انهيءَ ڌيءُ سميت قتل ڪري ڇڏيندس. رمضان المبارڪ جي ٽين رات وري ڌيءُ جي ولادت ٿي. صبح جي وقت ننڍڙيءَ جي امڙ جي دانهن فرياد جي پرواهه نه ڪندي ان بي رحم پيءُ (مَعَاذَاللہ) پنهنجي گلن جهڙي زنده نياڻي کي ڪٽي پريشر ڪُڪر ۾ وجهي چُلهه تي چاڙهي ڇڏيو. اوچتو پريشر ڪُڪر ڦاٽو ۽ ان سان گڏوگڏ خوفناڪ زلزلو اچي ويو. انهيءَ دؤران اهو ظالم شخص زمين اندر دٻجي ويو. ڇوڪريءَ جي ماءُ کي زخمي حالت ۾ بچايو ويو ۽ غالبًا ان جي ذريعي ان قصي جي خبر پئي. (زلزله اور اس کے اسباب: ص 51)

ان جي برعڪس نيڪين ڪرڻ وارن تي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رحمت جي ڇم ڇم برسات ٿيندي آهي. ڪجهه بهارون پيش ڪجن ٿيون.

## پٽ جو اولاد ملي ويو

هڪ اسلامي ڀاءُ کي ٻه ڌيئرون هيون. اهو پٽ جي اولاد کان محروم هئڻ جي ڪري پريشان رهندو هو. ان جي گهرواريءَ وري اميد سان هئي. ڪنهن اسلامي ڀاءُ جي مشوري سان ان عاشقانِ رسول جي مدني قافلي ۾ 30 ڏينهن جي لاءِ سفر اختيار ڪيو، جو ان جي برڪت سان ان جي گهر پٽ پيدا ٿئي. الله عَزَّوَجَلَّ جو شان ته ڏسو اڃا 30 ڏينهن به پورا نه ٿيا هئا ته ان کي سفر دؤران ئي پٽ جي ولادت جي خوشخبري ملي. جڏهن اهو راهِ خدا ۾ 30 ڏينهن جي سفر کان پوءِ واپس گهر موٽيو ته عجيب منظر ڏسڻ لڳو، گهر ۾ خوشي هئي. ان جي هٿن ۾ مدني مُنّو ۽ ان جي چهري تي چمڪندڙ سونهاري شريف ۽ مٿي تي سبز سبز عمامي جو تاج سجايل هو.

ان کا دیوانہ عمامہ اور زُلف وریش میں
واہ ! دیکھو تو سہی لگتا ہے کتنا شاندار

(دعوتِ اسلامی کی بہاریں، قسط اول، ص۱۵)

## اولاد ملي ويو

هڪ اسلامي ڀاءُ تقريبًا 25 سالن کان بي اولاد هو. دعوتِ اسلامي جو بين الاقوامي اجتماع ٿيڻ وارو هو. هڪ مبلّغ ان کي اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ جي لاءِ ترغيب ڏياري حوصلو ڏيندي چيو ته توهان اجتماع ۾ شريڪ ٿي دعا ڪجو. اتي تمام گهڻا عاشقانِ رسول گڏ ٿيندا آهن ۽ نيڪ ماڻهن جي صحبت ۾ دعا قبول ٿيندي آهي. اوهان به اتي اولاد جي لاءِ خيريّت جي دعا گهرجو. اها ڳالهه ان کي سمجهه ۾ اچي وئي ۽ هو اجتماع ۾ حاضر ٿيو. اتي دعا جي برڪت سان الله تعاليٰ ان کي اولاد جي نعمت سان نوازي ڇڏيو.

# بغير آپريشن جي اولاد پيدا ٿيو

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فيضانِ سنّت (جلد پهريون) ۾ لکن ٿا:

دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي سنتن ڀريي اجتماعن ۽ مدني قافلن جون بہ ڇا تہ بهارون ۽ برڪتون آهن. حيدرآباد (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي هڪ بيان جو خلاصو آهي تہ غالبًا 1998ع جو واقعو آهي، منهنجي گهرواريءَ اميد سان هئي. ڏينهن بہ پورا ٿي چڪا هئا. ڊاڪٽر جو چوڻ هو تہ شايد آپريشن ڪرڻو پوندو. تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جو بين الاقوامي ٽي روزہ سنتن ڀريو اجتماع (صحراءِ مدينہ ملتان) ويجهو هو. اجتماع کان پوءِ سنّتن جي تربيت جي 30 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان سفر ڪرڻ جي منهنجي نيّت هئي. اجتماع جي لاءِ روانگي جي وقت زادِ قافلہ ڪٽي اسپتال پهچي ويس، جيئن تہ خاندان جا ڀيا بہ ڪافي ماڻهو تعاون جي لاءِ موجود هئا. منهنجي گهرواريءَ محترمہ مون کي اشڪبار اکين سان سنّتن ڀريي اجتماع (ملتان شريف) جي لاءِ الوداع ڪيو. منهنجو اهو ذهن ٺهيل هو تہ هاڻي تہ مون کي بين الاقوامي سنّتن ڀريي اجتماع ۽ پوءِ اتان وري 30 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ ضرور سفر ڪرڻو آهي، ڪاش ان جي برڪت سان خيريت سان ولادت ٿي وڃي. مون غريب وٽ تہ آپريشن جي لاءِ بہ پئسا نہ هئا. بهرحال مان مدينة الاولياء ملتان شريف حاضر ٿي ويس. سنتن ڀريي اجتماع ۾ ڪافي دعائون گهريون. اجتماع جي آخر ۾ رقت انگيز دعا کان پوءِ

مون گهر فون ڪئي تہ منهنجي جيجل امڙ مون کي فرمايو: ”مبارڪ هجئي پٽ! گذريل رات ربّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ بغير آپريشن جي توکي خوبصورت مدني مُنّي عطا فرمائي آهي. مون خوشيءَ سان عرض ڪيو: جيجل امڙ! منهنجي لاءِ ڇا حڪم آهي؟ اچان يا 30 ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي وڃان؟ جيجل امڙ فرمايو: ”پٽ! بي فڪر ٿي، مدني قافلي ۾ سفر ڪر.“

پنهنجي مدني مُنّيءَ جي زيارت جي حسرت دل ۾ سمائي اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مان 30 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ روانو ٿي ويس. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي ۾ سفر جي نيّت جي برڪت سان منهنجي مشڪل آسان ٿي وئي هئي. مدني قافلن جي بهارن جي برڪت جي سبب سيني گهروارن جو زبردست مدني ذهن بڻجي ويو، ايتري قدر جو منهنجي گهرواريءَ جو چوڻ آهي. جڏهن توهين مدني قافلي جا مسافر هوندا آهيو تہ مان ٻارن سميت پنهنجو پاڻ کي محفوظ تصوُّر ڪندي آهيان.

آپریشن نہ ہو، کوئی الجھن نہ ہو — غم کے سائے ڈھلیں، قافلے میں چلو
بیوی بچّے سبھی، خوب پائیں خوشی — خیریت سے رہیں، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(فيضانِ سنت، ج 1 ص 898)

## مدني مُني جي پيدائش

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريي سفر کي پنهنجو هميشہ معمول بڻائي ڇڏيو. هڪ دفعو سفر ڪري تجربو ڪري ڏسو. اِن شآءالله عَزَّوَجَلَّ اوهان کي اهڙا تہ ديني فائدا

حاصل ٿيندا جو اوهان پاڻ حيران رهجي ويندا. اوهان جي ترغيب لاءِ هڪ بي بهار پيش ڪجي ٿي: قصبہ ڪالوني (باب المدينہ ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: ”اسان جي خاندان ۾ ڇوڪريون گهڻيون هيون، چاچي سائين کي ست ڇوڪريون ته وڏي ڀاءُ کي نَوَ ڇوڪريون! منهنجي شادي ٿي ته مون وٽ به ڇوڪريءَ جي ولادت ٿي. سيني کي ڳڻتي ٿي پئي ته اڄڪلهه جي عام ذهن مطابق سيني کي ڄڻ ته وهم ٿي پيو ته ڪنهن جادو وغيره ڪرائي پٽ جي اولاد جو سلسلو بند ڪرائي ڇڏيو آهي. مان نيّت ڪري ڇڏي ته مون کي پٽ پيدا ٿيو ته 30 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر ڪندس. منهنجي گهرواريءَ هڪ پيري خواب ڏٺو ته آسمان مان ڪو ڪاغذ جو ٽڪرو ان جي آڏو اچي ڪريو آهي، ڪٽي جو ڏنائين ته ان ۾ لکيل هو ”بلال“. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ 30 ڏينهن جي مدني قافلي جي نيّت جي برڪت سان منهنجي گهر ۾ مدني مُنّي جي ولادت ٿي، نه رڳو هڪ پر اڳتي هلي هڪبئي پنيان به مدني منّا پيدا ٿيا. الله عَزَّوَجَلَّ جو ڪرم ته ڏسو جو 30 ڏينهن جي مدني قافلي جي برڪت صرف مون تائين محدود نه رهي، اسان جي خاندان ۾ جيڪو به پٽ جي اولاد کان محروم هو، سيني وٽ خوشين جون بهارون عام ٿي ويون ۽ مدني منّا پيدا ٿيا. هيءُ بيان ڏيڻ وقت اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مان علاقائي مدني قافلي جي ذميدار جي حيثيت سان مدني قافلن جون بهارون عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان.

آکے تم باادب، دیکھ لو فضلِ ربّ | مَدَنی مُنّے ملیں، قافِلے میں چلو
کھوٹی قسمت کھری، گود ہو گی ہری | مُنّا مُنّی ملیں، قافِلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(فيضانِ سنت، ج 1 ص 994)

## دل گهري مراد جو نہ ملڻ بہ انعام!

(شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي مشهور تاليف فيضانِ سنّت ۾ هڪ حڪايت نقل ڪرڻ ڪانپوءِ لکن ٿا)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! مدني قافلي جي برڪت سان ڪيئن من جون مُرادون پوريون ٿينديون آهن. اميدن جي ويران زمين سرسبز ٿي ويندي آهي. دلين جون ڪُومائيل مکڙيون ٽڙنديون آهن. مايوس ٿيلن جون خوشيون واپس موٽي اينديون آهن. پر اهو ذهن ۾ رهي تہ ضروري ناهي تہ هر ڪنهن جي دلي مُراد لازمي پوري ٿئي. ڪيترا ڀيرا ائين بہ ٿيندو آهي تہ ٻانهو جيڪو گهرندو آهي اهو ان جي حق ۾ بهتر ناهي هوندو، ان جو سوال پورو ناهي ڪيو ويندو، ان جي دلي مُراد نہ ملڻ ئي ان جي لاءِ انعام هوندو آهي. مثال طور: هو پٽ جو اولاد گهرندو آهي پر ان کي مدني مُنين سان نوازيو ويندو آهي حالانڪ اهوئي ان جي حق ۾ بهتر هوندو آهي، جيئن تہ ٻئين سيپاري سورة البقره جي آيت نمبر 216 ۾ ربُّ العِباد جو ارشاد حقيقت بنياد آهي:

عَسٰۤى اَنْ تُحِبُّوْا شَیْـٴًـا وَّ هُوَ شَرٌّ لَّكُمْ ؕ
(سيپارو 2 البقره: 216)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ عين ممڪن آهي تہ جو ڪا ڳالهہ اوهان پسند ڪريو ۽ اها اوهان جي حق ۾ خراب هجي.

## مشتاق جي دربار مان ڪرم

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ صحراءِ مدينہ باب المدينہ ڪراچي ۾ ”دربارِ مشتاق“ مرجع خلائق آهي. اسلامي ڀائر پري پري کان ايندا آهن ۽ فيض وٺي ويندا آهن. جيئن تہ هڪ اسلامي ڀاءُ ڪجهہ اهڙي لکت پيش ڪئي: منهنجي گهرواريءَ اميد سان هئي ميڊيڪل رپوٽ جي

مطابق ڏيءُ جي ولادت ٿيڻي هئي، پر مونکي پٽ جي تمنا هئي ڇوته هڪ ڏيءُ اڳ ۾ ئي هئي. مان صحراءِ مدينه ۾ اچي دربارِ مشتاق عَلَيهِ رَحمَةُ الرَّازق ۾ حاضرٿيس ۽ بارگاهِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ ۾ دعا گهري. ميڊيڪل رپورٽ غلط ثابت ٿي ۽ اَلحَمدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي چند جهڙي خوبصورت مدني مني (يعني پٽ) سان نوازيو. (فيضانِ سنت، ج 1 ص 623)

## ٻارءِ عورت جي حفاظت جو مدني نسخو

(از: شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت حضرت علامه مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي مَدّظِلّہ العالی)

لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ کنهن ڪاغذ تي 55 پيرا لکي (يا لکرائي ڪري ضرورت مطابق تعويذ جيان ويڙهي ڪري موم جامو يا پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪرائي ڪپڙي يا ريگزين يا چمڙي ۾ سبي ڪري حامله پنهنجي ڳچيءَ ۾ پائي يا ٻانهن ۾ ٻَڌي ڇڏي اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ حمل جي حفاظت ۽ ٻار به آفت ۽ مصيبت کان سلامت رهندو جيڪڏهن لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ پنجونجاه پيرا (اول ۽ آخر هڪ پيرو درود شريف) پڙهي پاڻيءَ تي دم ڪري رکي ڇڏيو ۽ پيدا ٿيندي ئي ٻار جي منهن تي لڳائي ڇڏيو ته اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ ٻار ذهين ٿيندو ۽ ٻارن ٽيڻ وارين (عام بيمارين کان محفوظ رهندو. جيڪڏهن اهو ئي پڙهي ڪري زيتون شريف جي تيل تي دم ڪري ٻار جي جسم تي نرميءَ سان مليو وڃي ته بيحد مفيد آهي. اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ ڪيڙا ماڪوڙا ۽ ٻيا موذي جانور به ٻار کان پري رهندا. ان طرح جو پڙهيل زيتون شريف جو تيل وڏن لاءِ جسماني سور ۾ مالش جي لاءِ به نهايت ڪارائتو آهي.

(فيضانِ سنت، ج 1 ص 941)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# پيدائش تي رد عمل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پٽ هجي يا ڌيءُ انسان کي الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ پٽ الله تعاليٰ جي نعمت ۽ ڌيءُ رحمت آهي ۽ اهي ٻئي والدين جي پيار ۽ شفقت جا حقدار آهن. عام طور تي ڏٺو ويو آهي تہ مائٽ مٺ جيڪا خوشيءَ پٽ جي ولادت تي ڪندا آهن جو سڄي پاڙي ۾ مٺايون ورهايون وينديون آهن. مبارڪ ۽ سلامت جو شور مچي ويندو آهي، پر نياڻيءَ جي ولادت تي ان خوشيءَ جو ڏهين ڪان ڏهون حصو بہ ناهي ڪيو ويندو.

دنياوي طور تي نياڻين ڪان والدين ۽ خاندان کي ظاهري طور تي ڪوبہ فائدو حاصل ناهي ٿيندو ۽ ان جي برعڪس ان جي شاديءَ تي تمام گهڻن خرچن جو بار پيءُ جي ڪلهن تي اچي پوندو آهي. شايد ان ڪري ڪافي نادان نياڻين جي جمڻ تي ناراض ٿيندا آهن ۽ گهرواريءَ کي قسمين قسمين جا طعنا ۽ مهڻا ڏيندا رهندا آهن. طلاق جون ڌمڪيون ڏنيون وينديون آهن. جڏهن تہ لڳاتار نياڻين جي جمڻ جي صورت ۾ پنهنجي گهرواريءَ کي طلاق بہ ڏئي ڇڏيندا آهن. انهن کي گهرجي تہ انهن روايتن کي هرهر پڙهن جن ۾ نياڻين جي پرورش تي مختلف بشارتن سان نوازيو ويو آهي.

(1) حضرت نبيط بن شريط رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ روايت ڪن ٿا تہ حضور پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ جڏهن ڪنهن وٽ نياڻي پيدا ٿيندي آهي تہ الله تعاليٰ ان جي گهر ملائڪن کي موڪليندو آهي، جيڪي اچي چوندا آهن. اي گهر وارؤ! توهان تي سلامتي هجي پوءِ ملائڪ انهيءَ نياڻيءَ کي پنهنجي پَرن جي ڇانوَ ۾ ڍڪي ڇڏيندا آهن ۽ ان جي مٿي تي هٿ

ڦيرائي چوندا آهن تہ هيءَ هڪ ناتوان ۽ ڪمزور جان آهي، جيڪا هڪ ڪمزور مان پيدا ٿي آهي. جيڪو شخص هن ڪمزور جان جي پرورش جي ذميواري کڻندو تہ قيامت تائين خدا تعاليٰ جي مدد ان جي شاملِ حال رهندي. (مجمع الزوائد، الحديث 13484، ج 8 ص 285)

(2) حضرت نبيط بن شريط رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان ئي روايت آهي تہ شهنشاهِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ، صاحبِ معطر پسينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: نياڻين کي برو نہ چئو، مان بہ نياڻين وارو آهيان بيشڪ نياڻيون تہ تمام محبت ڪرڻ واريون، غم ونڊيندڙ ۽ تمام گهڻيون مهربان هونديون آهن. (مسند الفردوس للديلمي، الحديث 7556 ج 2 ص 415)

(3) حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا کان روايت آهي تہ نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عظمت نشان آهي: ”جنهن وٽ نياڻي پيدا ٿئي ۽ اهو ان کي ايذاءُ نہ ڏئي ۽ نہ ئي خراب سمجهي ۽ نہ ئي پٽ کي نياڻيءَ تي فضيلت ڏئي تہ اللّٰہ تعاليٰ ان شخص کي جنّت ۾ داخل فرمائيندو.“ (المستدرڪ، الحديث 7428 ج 5، ص 248)

(4) حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي تہ رحمتِ عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن جون ٽي نياڻيون هجن ۽ اهو انهن جو خيال رکي، انهن کي سٺي رهائش ڏئي، انهن جي ڪفالت ڪري تہ ان جي لاءِ جنّت واجب ٿي ويندي آهي. عرض ڪيو ويو ۽ بہ هجن تہ؟ فرمايائون: ٻلي بہ هجن تڏهن بہ، عرض ڪيو ويو ”جيڪڏهن هڪ هجي تہ؟ فرمايائون: جيڪڏهن هڪ هجي تڏهن بہ؟ (المعجم الاوسط، الحديث 6199، ج 4 ص 347)

(5) حضرتِ عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهَا روايت ڪن ٿيون تہ مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ جنهن

شخص تي نياڻين جي پرورش جو بار پئجي وڃي ۽ اهو انهن سان سهڻو سلوڪ ڪري ته اهي نياڻيون ان جي لاءِ جهنّم کان آڙ بڻجي وينديون. (صحيح مسلم، الحديث 2629 ص 1414)

## مدني آقا ﷺ جن جي نياڻين تي شفقت

(1) حضرتِ سيّدتنا فاطمه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّهٌ عن العُيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ اقدس ۾ حاضر ٿينديون هيون ته پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اٿي بيهي انهن ڏانهن متوجهه ٿيندا هئا، پوءِ انهن جو هٿ پنهنجي هٿ مبارڪ ۾ وٺي انهن کي چُمندا هئا ۽ پوءِ انهن کي پنهنجي ويهڻ واري جاءِ تي ويهاريندا هئا. اهڙي طرح جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت بيبي فاطمةُ الزّهرا رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا وٽ تشريف فرما ٿيندا هئا ته اهي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڏسي اٿي بيهنديون هيون. سندن هٿ مبارڪ پنهنجي هٿ ۾ وٺي ان کي چمنديون هيو ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي جاءِ تي ويهارينديون هيون. (سنن ابي داوٗد، الحديث 5217، ج 4 ص 454)

(2) حضرتِ سيّدتنا زينب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا رسولِ اڪرم، نورِ مُجسّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سڀ کان وڏي شهزادي آهي، جيڪي نُبُوَّت جي اعلان کان ڏهه سال پهريان مڪي شريف ۾ پيدا ٿيون. جنگِ بدر کان پوءِ حضورِ پُرنُور شافع يوم النشور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي مڪي کان مديني گهرائي ورتو. جڏهن اهي هجرت جي ارادي سان اُٺ تي سوار ٿي مڪي کان ٻاهر نڪتيون ته ڪافرن سندن جو رستو روڪيو. هڪ ظالم نيزو هڻي، انهن کي اٺ کان هيٺ زمين تي ڪيرائي وڌو، جنهن جي ڪري انهن جو حمل ساقط ٿي ويو. نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ان واقعي جو تمام

گهڻو صدمو پهتو، ان ڪري پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جي شان ۾ ارشاد فرمايو: ”هِيَ اَفْضَلُ بَنَاتِيْ اُصِيْبَتْ فِيَّ“ يعني اهي منهنجي نياڻين ۾ ان اعتبار سان فضيلت واريون آهن جو مون ڏانهن هجرت ڪرڻ ۾ وڏي مصيبت برداشت ڪيائون. جڏهن انين هجري ۾ حضرت زينب رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو انتقال ٿيو ته جنازي جي نماز پڙهائي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مبارڪ هٿن سان قبر ۾ لاٿائون. (شرح الزرقاني، ج 2 ص 318)

(3) حضرتِ سيّدتنا عائشه صدّيقه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون ته نجاشي بادشاهه حضور پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ ڪجهه زيور تحفي طور موڪليا، جنهن ۾ هڪ حبشي ڳُڙي واري مُندي به هئي. نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهيءَ منديءَ کي لڪڻ يا مبارڪ آڱر سان ڇهيو ۽ پنهنجي ڏوهٽيءَ اُمامه کي سڏيو جيڪي سندن شهزاديءَ حضرتِ سيدتنا زينب رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي نياڻي هئي، فرمايائون: اي ننڍڙي تون انهيءَ کي پائي ڇڏ.“ (سنن ابي داوٗد، الحديث 4235 ج 4 ص 125)

(4) حضرتِ سيّدُنا ابو قتاده رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ روايت ڪن ٿا ته اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان وٽ تشريف فرما ٿيا ته سندن ڏوهٽي اُمامه بنت ابو العاص ڪلهن تي هئي. پوءِ پاڻ نماز پڙهائڻ لڳا ته رڪوع ۾ وڃڻ وقت ان کي لاهيندا هئا ۽ جڏهن اٿي بيهندا هئا ته ان کي کڻندا هئا. (صحيح بخاري، الحديث 5996 ج 4 ص 100)

## سيّدنا صديقِ اڪبر جي پنهنجي نياڻيءَ تي شفقت

حضرتِ سيّدُنا براء بن عازب رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا ته هڪ دفعي ڪنهن غزوه مان حضرتِ سيّدُنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ مدينه

شريف تشريف فرما ٿيا تہ مان انهن سان گڏ انهن جي گهر ويس، چا پيو ڏسان تہ انهن جي صاحبزادي حضرتِ سيدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهَا کي بخار جي حالت ۾ سُتيون پيون هيون تنهنکري حضرتِ سيّدُنا ابوبکر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهُ ان وٽ تشريف فرما ٿيا ۽ پُڇا ڪيائون تہ "اي منهنجي نياڻيءَ! طبيعت ڪيئن آهي؟ ۽ شفقت وچان سندن رخسار کي چميائون." (سنن ابي داوٗد، الحديث 5222 ج 4 ص 455)

## ايثار ڪندڙ ماءُ

حضرتِ سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْهَا فرمائن ٿيون تہ مون وٽ هڪ مسڪين عورت آئي، جنهن سان گڏ ان جون بہ نياڻيون بہ هيون. مون ان کي ٽي کجوررون ڏنيون. انهن مان هر هڪ کي هڪ هڪ کجور ڏنائين. پوءِ جنهن کجور کي ان پاڻ کائڻ ٿي چاهيو، ان جا بہ ٽکر ڪري اها کجور بہ نياڻين کي کارائي ڇڏيائين مون کي ان واقعي مان ڏاڍو تعجب ٿيو. مون نبي مڪرّم، نورِ مجسّم، رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ ان عورت جي ايثار جو بيان ڪيو تہ آقا صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: **اللّٰہ تعاليٰ** ان (ايثار) جي ڪري ان عورت جي لاءِ جنّت واجب ڪري ڇڏي.

(صحيح مسلم، الحديث 2630 ص 1415)

## پيدائش ڪان پوءِ ڪرڻ وارا ڪم

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اولاد پيدا ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ **اللّٰہ تعاليٰ** جي نافرمانيءَ وارا ڪم مثال طور: دهل وڄائڻ، نچڻ ۽ ميوزيڪل پروگرام ڪرڻ بدران صدقا ۽ خيرات ڪريو ۽ شڪراني جا نفل ادا ڪريو. ذڪر و نعت جا اجتماع ڪريو هينان ڪم بہ ڪريو:

﴿1﴾ **ڪن ۾ اذان:** جڏهن ٻار پيدا ٿئي، مستحب هي آهي تہ ان

جي ڪن ۾ اذان ۽ اقامت چئي وڃي، جو اهڙي طرح شروعات ڪان ئي ٻار جي ڪن ۾ **الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نالو پهچي ويندو. اهڙي طرح هڪ مسلمان ٻار جي لاءِ اسلام جا بنيادي عقيدا سيکارڻ جو بہ آغاز ٿي ويندو آهي ۽ ٻار جو روح توحيد جي نور سان منوّر ٿي ويندو آهي، ان جي دل ۾ عشقِ رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شمع روشن ٿي ويندي آهي.

اسان جي پياري مدني آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حضرت حسن بن علي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جي ولادت تي سندن ڪنن ۾ خود اذان ڏني، جيئن حضرتِ سيّدُنا رافع رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ چون ٿا تہ جڏهن حضرتِ سيدتنا فاطمہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا وٽ حضرتِ سيّدُنا حسن بن علي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا جي ولادت ٿي تہ مان الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي سندن ڪن ۾ نماز واري اذان ڏيندي ڏٺو.“

(جامع الترمذي، الحديث 1519، ج 3 ص 173)

ٻار جي ڪن ۾ اذان ڏيڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ مصيبتون ٽرنديون. جيئن حضرتِ سيّدُنا حسين بن علي رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جنهن گهر ۾ ٻار پيدا ٿئي ۽ ان جي ساڄي ڪن ۾ اذان ۽ کاٻي ڪن ۾ اقامت چوي تہ ان ٻار کان امُّ الصِّبيان (جي بيماري) دور ٿي ويندي آهي.“ (شعب الايمان، الحديث 8619، ج 6 ص 390)

بهتر هي آهي تہ ساڄي ڪن ۾ چار ڀيرا اذان ۽ کاٻي ڪن ۾ ٽي دفعا اقامت چئي وڃي. (بهارِ شريعت حصو 15، ص 153)

**﴿2﴾ تحنيڪ:** (ڪارڪ يا ڪا مٺي شيءِ تارونءَ تي لڳائڻ) دؤر رسالت

۾ اصحابن سڳورن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡھُم جو اهو معمول هو تہ جڏهن انهن جي گهر ۾ ڪوبہ ٻار پيدا ٿيندو هو تہ ان کي رحمتِ عالم، نورِ مجسّم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ کڻي ايندا هئا ۽ رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪارڪ پنهنجي وات مبارڪ ۾ چٻاڙي ٻار جي وات ۾ وجهندا هئا جنهن کي تحنِيڪ چئبو آهي. ائين ٻار کي لعابِ دهن جون برڪتون بہ نصيب ٿي ويندﻳون هيون جيئن:

اُمُّ المؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا کان روايت آهي تہ ماڻهو پنهنجن ٻارن کي تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مُحسنِ انسانيّت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهِ اقدس ۾ آڻيندا هئا تہ پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن جي لاءِ خير ۽ برڪت جي دعا فرمائيندا هئا ۽ تحنيڪ فرمائيندا هئا. (صحيح مسلم، الحديث 2147 ص 1184)

حضرتِ سيّدَتُنا اسماء بنت ابوبڪر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا کان روايت آهي تہ ”هوءَ هجرت ڪانپوءِ مديني پاڪ آيون تہ قبا واري جڳهہ تي انهن وٽ ولادت ٿي، حضرت سيّدُنا عبدالله بن زبير رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا پيدا ٿيا. فرمائن ٿيون تہ مان ٻار کي کڻي نبي مڪرّم، نورِ مجسّم، شهنشاهِ بني آدم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ اقدس ۾ حاضر ٿيس ۽ مون ان کي پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جهولي مبارڪ ۾ رکيو. پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪارڪ گهرائي، ان کي چٻاڙيو ۽ پوءِ پنهنجي وات مبارڪ جو لعاب مبارڪ وڌائون، بهرحال ان جي پيٽ ۾ سڀ کان اول رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو لعاب مبارڪ پهتو هو پوءِ ان کي تحنيڪ فرمائي (يعني ڪارڪ تارونءَ سان لڳائي) ان لاءِ خيريّت جي دعا ڪري برڪت سان نوازيو. اهو اسلام ۾ پهريون ٻار پيدا ٿيو هو. (صحيح بخاري، ج 3 ص 546)

حضرتِ سيّدُنا ابو موسيٰ اشعري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ بيان ڪن ٿا تہ مون جو پٽ پيدا ٿيو ۽ مان ان کي کڻي اللّٰه جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّہٌ عَنِ الۡعُیُوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي بارگاھِ بيڪس پناھ ۾ حاضر ٿيس. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ان جو نالو ”ابراهيم“ رکيو ۽ ان جي تارونءَ سان کارڪ لڳائي. (صحيح مسلم، الحديث 2145 ص 1184)

حضرتِ سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ بيان ڪن ٿا تہ جڏهن حضرتِ سيّدُنا ابو طلحہ انصاري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جو پٽ عبدالله رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ پيدا ٿيو تہ مان ان کي کڻي خاتم النبيين، محبوبِ ربّ العٰلمين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ حاضر ٿيس. ان وقت آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن چادر ويڙهي پنهنجي اٺ کي تيل هڻي رهيا هئا. آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ڇا توهان وٽ کارڪون آهن؟ مون عرض ڪيو: ”جي ها“ پوءِ مون ڪجھ کارڪون ڪڍي سندن بارگاھ ۾ پيش ڪيون. پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن اهي کارڪون پنهنجي وات مبارڪ ۾ وجهي چٻاڙيون، پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻار جو وات کولي ان کي وات ۾ وجهي چڏيائون تہ ٻار ان کي چوسڻ لڳو. پوءِ رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”انصارين کي کارڪ سان محبت آهي ۽ ان ٻار جو نالو عبدالله رکيائون.“ (صحيح مسلم، حديث 2144 ص 1183)

انهن حديثن جي بنياد تي مسلمانن جو اهو معمول آهي تہ اهي پنهنجي ٻارن جي صالح ۽ پرهيزگار مسلمانن کان تحنيڪ ڪرائيندا آهن. جيڪڏهن کارڪ موجود نہ هجي تہ ماکي يا ڪنهن بہ مٺي شيءِ سان تحنيڪ ڪري سگهجي ٿي.

## مفتيءِ اعظم هِند جي تحنيڪ

اعليٰ حضرت، عظيم المرتبت، مجدّدِ دين و ملت، الشاھ، امام

احمد رضا خان عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ الرَّحۡمٰن جي گهر سندن ننڍي شهزادي مصطفيٰ رضا خان (مفتيءِ اعظم هند) رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي ولادت ٿي تہ پاڻ ان وقت پنهنجي مرشد خاني هئا. حضرت ابوالحسين نوري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جن پٽ جي پيدائش جي مبارڪ ڏني ۽ فرمايائون: اوهان بريلي تشريف ڪٽي وڃو.

ڪجھ ڏينهن کان پوءِ حضرت ابوالحسين نوري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ بريلي شريف آيا تہ اعليٰ حضرت جي شهزادي کي سندن آغوشِ ۾ ڏنو ويو. پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ پنهنجي آڱر مبارڪ مصطفيٰ رضا خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي وات ۾ وجهي ڪري قادري ۽ برڪاتي برڪتن سان اهڙو تہ مالا مال ڪري ڇڏيو جو اهي ئي شهزادا وڏا ٿي مفتيءِ اعظم هند ٿيا. (تاريخ مشائخ قادريہ، ج 2 ص 447، ملخصًا)

### ﴿5،4،3﴾ نالو رکڻ، وار ڪوڙائڻ ۽ عقيقو ڪرڻ

ستين ڏينهن ٻار جو نالو رکيو وڃي ۽ ان جو مٿو ڪوڙيو وڃي ۽ مٿي ڪوڙائڻ وقت ان جو عقيقو ڪيو وڃي ۽ وارن جو وزن ڪري چاندي يا سون صدقو ڪيو وڃي.

(المعجم الاوسط، الحديث 558، ج 1 ص 170)

## ڪهڙا نالا رکيا وڃن؟

والدين کي گهرجي تہ ٻار جو سٺو نالو رکن. ڇاڪاڻ تہ انهن جي طرفان پنهنجي ٻار جي لاءِ سڀ کان پهريون بنيادي تحفو آهي، جنهن کي هو سڄي عمر پنهنجي سيني سان لڳائي رکندو آهي، ايتري تائين جو جڏهن حشر جو ميدان ٿيندو تہ هو انهيءَ نالي سان مالڪِ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ گهرايو ويندو. جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا ابودرداء رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان مروي آهي تہ حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ قيامت جي ڏينهن

توهان پنهنجي ۽ پنهنجي ابن ڏاڏن جي نالن سان پڪاريا ويندؤ ان ڪري پنهنجا سٺا نالا رکندا ڪريو. (سنن داوٗد، الحديث 4948، ج 4 ص 374)

هن حديثِ پاڪ مان اهي ماڻهو عبرت حاصل ڪن جيڪي پنهنجي ٻارن جا نالا ڪنهن فلمي اداڪار يا (مَعاذَاللہعَزَّوَجَلَّ) ڪافرن جي نالن جهڙا نالا رکندا آهن. ان ڪان بدترين ذلّت ڇا هوندي جو مسلمان جي اولاد کي سياڻي حشر جي ميدان ۾ ڪافرن جي نالن سان پڪاريو وڃي. (وَالعِيَاذُ بِاللہعَزَّوَجَلَّ)

اسان جي معاشري ۾ ٻار جي نالي رکڻ جي ذميواري عام طور تي ڪنهن ويجهي مٽ مائٽ مثال طور ڏاڏي، پڦي، چاچي وغيره جي حوالي ڪئي ويندي آهي ۽ عام طور تي شرعي مسئلن کان بي خبر هئڻ جي ڪري اهي ٻارن جا اهڙا نالا رکندا آهن جن جي ڪابہ معنيٰ نہ هوندي آهي يا وري سٺي معنيٰ ناهي هوندي. اهڙن نالن رکڻ کان پرهيز ڪرڻ گهرجي. انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جا مبارڪ نالا، صحابہ ڪرام و تابعين عظام ۽ اولياءِ ڪرام رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُم اَجۡمَعِيۡن جي نالن تي نالا رکيا وڃن. جنهن جو هڪ فائدو تہ اهو ٿيندو جو ٻار کي پنهنجن بزرگن سان روحاني تعلق قائم ٿي ويندو ۽ ٻيو انهن نيڪ هستين سان لاڳاپو هجڻ جي ڪري انهن جي برڪتن سان انهن ٻارن جي زندگيءَ تي مدني اثر پوندا.

حضرتِ سيّدُنا ابو وهب جشمي رَضِيَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي تہ رسول اڪرم، رحمتِ عالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: نبين سڳورن عَلَيۡهِمُ السَّلَام جي نالن جهڙا نالا رکو.“ (سنن داوٗد، حديث 4950، ج 4 ص 374)

ٻار جي ڪنيّت رکڻ بہ جائز آهي ۽ برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ بزرگن جي نسبت سان ڪنيت رکڻ بهتر آهي مثال طور: ابوتراب

(اها حضرتِ سيّدُنا علي المرتضيٰ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي ڪنيت آهي) وغيره
(بهارِ شريعت ج 3 حصو 16 ص 213)

حضرتِ سيّدُنا انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ شهنشاهِ مدينہ، سُرورِ قلب و سينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ پنهنجي ٻارن جي ڪنيّت رکڻ ۾ جلدي ڪريو جو ڪٿي انهن جا (خراب) لقب نہ پئجي وڃن.“ (ڪنزالعمال، الحديث 45222 ج16 ص 176)

**مسئلو:** عبدالمصطفيٰ، عبدالنّبي، عبدالرّسول نالا رکڻ بلڪل جائز آهن جو ان مان مقصد نسبت جو شرف حاصل ڪرڻ آهي. عبد جون ٻہ معنائون آهن. عبد ۽ غلام، ان ڪري انهن نالن رکڻ ۾ ڪوبہ حرج ناهي. غلام محمد، غلام صديق، غلام فاروق، غلام علي، غلام حسين وغيره نالا رکڻ جنهن ۾ غلام جي نسبت نبين ۽ صالحن ڏانهن ڪئي وئي هجي، بلڪل جائز آهن.
(بهارِ شريعت حصو 16 ص 213)

**مسئلو:** محمد بخش، احمد بخش، پير بخش ۽ اهڙي طرح ٻيا نالا رکڻ، جنهن ۾ نبي يا ولي جي نالي سان گڏ بخش جو لفظ ملايو ويو هجي، بالڪل جائز آهي. (بهارِ شريعت، حصو 16 ص 214)

**مسئلو:** طٰه، ياسين نالا نہ رکيا وڃن ڇاڪاڻ جو اهي لفظ مقطعاتِ قرآني مان آهن، جن جي معنيٰ جي خبر ئي ناهي.
(بهارِ شريعت، حصو 16 ص 213)

**مسئلو:** جيڪي نالا برا هجن انهن کي مَٽائي سنا نالا رکيا وڃن.
(بهارِ شريعت حصو 16 ص 213)

حضرتِ سيدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہَا کان روايت آهي تہ شهنشاهِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن خراب نالن کي بدلائي ڇڏيندا هئا. (جامع الترمذي، الحديث 2848، ج 4 ص 382)

حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ حضرت جويريہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا جو نالو پهريان برّه هو، سروَرِ عالم، نورِ مجسم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن (برّه مان) بدلائي جويريہ رکيو.

(صحيح مسلم، الحديث 2140 ص 1182)

## الله عَزَّوَجَلَّ جي پسند جا نالا

حضرتِ سيّدُنا عبدالله ابنِ عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، پيکرِ عظمت و شرافت، محبوبِ ربِّ العزّت، مُحسنِ انسانيّت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: توهان جي نالن مان الله تعاليٰ وٽ سڀ کان وڌيڪ پسنديده نالا عبدالله ۽ عبدالرحمٰن آهن.

(صحيح مسلم، الحديث 2132 ص 1178)

صدرُالشّريعہ، بدرُالطّريقہ مفتي امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی لکن ٿا: ”عبدالله ۽ عبدالرحمٰن تمام سٺا نالا آهن (پر هن زماني ۾ گهڻو ڪري ڏنو ويو آهي تہ عبدالرحمٰن جي بجاءِ ان شخص کي ماڻهو رحمٰن چوندا آهن ۽ غير خدا کي رحمٰن چوڻ حرام آهي. اهڙيءَ طرح عبدالخالق کي خالق ۽ عبدالمعبود کي معبود چوندا آهن) اهڙن قسمن جي نالن ۾ اهڙي ناجائز ترميم هرگز نہ ڪئي وڃي. اهڙي طرح گهڻن نالن ۾ تصغير جو رواج آهي، يعني نالن کي ائين بگاڙيندا آهن جنهن سان حقارت پيدا ٿيندي آهي. اهڙن نالن ۾ تصغير نہ ڪئي وڃي ۽ جتي اهڙو گمان هجي تہ انهن نالن ۾ تصغير ڪئي ويندي تہ پوءِ اهڙا نالا نہ رکيا وڃن، ٻيا نالا رکيا وڃن.

(بهارِ شريعت، حصو 16 ص 211)

## مُحمّد صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَسَلَّم جي نالي جون برڪتون

رحمتِ عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جنهن منهنجي نالي مان برڪت حاصل ڪرڻ جي اميد

رکندي منهنجي نالي جهڙو نالو رکيو تہ قيامت تائين صبح ۽ شام ان تي برکت نازل ٿيندي رهندي.“ (کنزالعمال، الحديث 45213 ج 16 ص 175)

حضرتِ سيِّدُنا ابو اُمامہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ روايت کن ٿا تہ سرکارِ مدينہ، فيض گنجينہ، صاحبِ معطر پسينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ جنهن وٽ پٽ پيدا ٿئي تہ منهنجي محبت ۽ برکت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ان جو نالو ”محمد“ رکي تہ اهو ۽ ان جو پٽ ٻئي جنّت ۾ ويندا.“ (کنزالعمال، الحديث 45215 ج 16 ص 175)

اميرالمؤمنين حضرتِ سيِّدُنا عليرَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ روايت کن ٿا تہ سرکارِ مدينہ، فيض گنجينہ صاحبِ معطر پسينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جڏهن ڪابہ قوم ڪنهن مشوري جي لاءِ گڏ ٿئي ۽ انهن ۾ ڪوبہ شخص ”مُحمّد“ نالي جو هجي ۽ اهي ان کي ان مشوري ۾ شامل نہ ڪن تہ انهن جي لاءِ انهيءَ مشاورت ۾ برڪت نہ پوندي.“ (الکامل في ضعفاء الرجال لابن عدي ج 1 ص 275)

صدرُالشريعه، بدرالطّريقہ مفتي امجد علي اعظميرَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ لکن ٿا: ”مُحمّد“ ڏاڍو پيارو نالو آهي، ان نالي جي تمام وڏي تعريف حديثن ۾ آئي آهي. جيڪڏهن تصغير جو انديشو نہ هجي تہ پوءِ اهو نالو رکيو وڃي ۽ هڪ طريقو اهو بہ آهي تہ عقيقي جو نالو اهو هجي ۽ پڪارڻ جي لاءِ ٻيو ڪو نالو تجويز ڪيو وڃي. ان صورت ۾ نالي جي برکت بہ حاصل ٿيندي ۽ تصغير کان بہ بچي سگهبو. (بهارِ شريعت حصو 15 ص 154)

جڏهن شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِیَہ کان ڪنهن جو نالو رکڻ جي درخواست ڪئي ويندي آهي تہ پاڻ دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِیَہ ان ٻار جو نالو محمد ۽ سڏڻ جي لاءِ ٻيو ڪو نالو مثال طور

رجب رضا رکندا آهن. نالي سان گڏ رضا جو اضافو امامِ اهلسنّت، مجددِ دين وملت الشاه امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن جي نسبت سان ڪندا آهن.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن ڪوبہ ماڻهو پنهنجي پٽ جو نالو ”محمد“ رکي تہ ان کي گهرجي تہ ان پاڪ نالي جي نسبت جي ڪري ان سان سهڻو سلوڪ ڪري ۽ ان جي عزّت ڪري. حضرتِ سيّدُنا علي المرتضيٰ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي تہ نبي ڪريم، رؤُف رحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جڏهن توهان پٽ جو نالو ”محمد“ رکو تہ ان جي عزّت ڪريو ۽ مجلس ۾ ان جي لاءِ ويڪري جڳهہ ڇڏيو ۽ان جي نسبت بُرائيءَ ڏانهن نہ ڪريو.“

(تاريخ بغداد ج 3 ص 305)

حضرتِ ابو شعيب رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه امام عطاء رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه کان روايت ڪن ٿا تہ جيڪو اهو چاهي تہ ان جي عورت جي حمل مان ڇوڪرو پيدا ٿئي تہ ان کي گهرجي تہ پنهنجو هٿ عورت جي پيٽ تي رکي چوي: اِنۡ کَانَ ذَکَـرًا فَقَدۡ سَمَّيۡتُهٗ مُحَمَّدًا يعني جيڪڏهن هي ڇوڪرو ٿيو تہ مان ان جو نالو محمد رکندس“ تہ اِنۡ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڇوڪرو پيدا ٿيندو.

(فتاويٰ رضويه ج 24 ص 290)

## وار ڪوڙائڻ

ٻار جا وار ڪوڙايا وڃن. حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن بريده رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهُ پنهنجي والد کان روايت ڪن ٿا تہ ”جڏهن جاهليّت جي زماني ۾ ٻار پيدا ٿيندو هو تہ اسين ان جي طرفان ٻڪري ذبح ڪندا هئاسين. ان ٻار جا وار لاهي ۽ ان ٻار جي مٿي تي ان ٻڪريءَ جو رت هڻندا هئاسين، پر جڏهن اسين اسلام سان مشرّف ٿياسين تہ پوءِ

اسان وٽ جيڪو ٻه ٻار پيدا ٿيندو آهي ته اسين ان جي طرفان ٻڪري ذبح ڪندا آهيون ۽ ان ٻار جو مٿو ڪوڙي، ان جي مٿي تي زعفران هڻندا آهيون. (المستدرڪ للحاڪم، الحديث 7668 ج 5 ص 338)

امُّ المؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان روايت آهي ته جاهليت جي زماني ۾ ماڻهن جو دستور اهو هوندو هو ته جڏهن اهي ٻار جو عقيقو ڪندا هئا ته ڪپهه جو هڪ ڦهو عقيقي واري جانور جي رت سان پريندا هئا. پوءِ جڏهن ٻار جو مٿو ڪوڙائيندا هئا ته اهو رت پريل ڪپهه جو ڦهو ان جي مٿي تي رکندا هئا ۽ ان جي مٿي کي عقيقي واري جانور جي رت سان رنگيندا هئا. اها هڪ جاهلن واري رسم هئي. نبيءِ مڪرم، نورِ مجسم، رسولِ اڪرم آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته ٻار جي مٿي کي رت نه پر ان جي بدران خلوق (هڪ خوشبودار مرڪب جو نالو آهي جيڪو زعفران وغيره مان تيار ڪيو وڃي ٿو) لڳائيندا ڪريو.“

(الاحسان بترتيب صحيح ابنِ حبان، الحديث 5284، ج 7 ص 355)

## عقيقو

ٻار جي پيدائش والدين ۽ سڄي خاندان جي خوشي ۽ شادماني جو سبب آهي. بارگاهِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۾ ان نعمت جي شڪر جو اسلامي طريقو اهو آهي ته شڪراني طور جانور ذبح ڪيو وڃي. انهيءَ کي عقيقو چئبو آهي ۽ اهو مستحب آهي. (بهارِ شريعت، حصو 15 ص 153)

اسان جي مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خود ان جي ترغيب ارشاد فرمائي آهي. حضرتِ سيّدُنا سلمان بن عامر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ بيان ڪن ٿا ته تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوّت، مُحسنِ انسانيّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي فرمائيندي ٻُڌو ته ٻار سان گڏ عقيقو آهي، ان ڪري ان جي طرفان

رت وهايو ۽ ان کان تڪليف هٿايو. (صحيح بخاري، الحديث 1518، ج 3 ص 548)

اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت مولانا احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: جيڪو ٻار بالغ ٿيڻ کان اڳ مري ويو ۽ ان جو عقيقو ڪيو ويو هو يا عقيقي جي طاقت نہ هئي يا ستين ڏينهن کان اڳ مري ويو. انهن سڀني حالتن ۾ اهو والدين جي شفاعت ڪندو جڏهن تہ اهي دنيا مان ايمان سان ويا هجن. (فتاويٰ رضويہ ج 20 ص 596)

## عقيقو ڪڏهن ڪريون؟

عقيقي جي لاءِ ستون ڏينهن بهتر آهي، حضرتِ سيّدُنا حسن بصري رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ حضرتِ سيّدُنا سمره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت ڪئي آهي تہ سرڪارِ والا تبار، اسان بيڪسن جي مددگار، شفيع روزِ شمار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”ٻار پنهنجي عقيقي جي عيوض گروي آهي، ستين ڏينهن ان جي طرفان جانور ذبح ڪيو وڃي، نالو رکيو وڃي ۽ ان جو مٿو ڪوڙيو وڃي.“ (جامع الترمذي، الحديث 1527، ج 3 ص 177)

جيڪڏهن ستين ڏينهن نہ ڪري سگهو تہ جڏهن چاهيو ڪري سگهو ٿا پر ستين ڏينهن جو لحاظ رکڻ بهتر آهي. ان کي ياد ڪرڻ جو طريقو اهو آهي تہ جنهن ڏينهن ٻار پيدا ٿيو ان کان پهريون ڏينهن جڏهن بہ ايندو تہ ستون ٿيندو. مثال طور: چنڇر تي ٻار پيدا ٿيو تہ جمعة المبارڪ ستون ڏينهن ٿيندو.علیٰ ھٰذا القِياس

(بهارِ شريعت، حصو 15 ص 154)

## عقيقي جا جانور

حضرتِ سيّدُنا عمرو بن شعيب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، محسنِ انسانيت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن وٽ ٻار پيدا ٿيو ۽ اهو انهيءَ جي طرفان عقيقي جي

قرباني ڪرڻ چاهي ته پٽ جي طرفان هڪ جهڙيون ٻه ٻڪريون ۽ نياڻيءَ جي طرفان هڪ ٻڪري قربان ڪئي وڃي.
(سنن ابي داوٗد، الحديث 2841 ج 3 ص 143)

حضرتِ سيدتنا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا کان روايت آهي فرمائن ٿيون: نبي مڪرّم، نورِ مجسّم، رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”پٽ جي طرفان ٻه ٻڪر ۽ نياڻيءَ جي طرفان هڪ ٻڪر ذبح ڪيو وڃي.“ (المسند امام احمد بن حنبل، الحديث 26194، ج 10 ص 101)

## عقيقي جا ڪجهه مسئلا

﴿1﴾ عقيقي جي جانورن جي لاءِ به اهي ئي شرط آهن جيڪي قربانيءَ جي جانور جي لاءِ آهن. ان جو گوشت فقيرن ۽ رشتيدارن ۾ ڪچو تقسيم ڪيو وڃي يا پچائي ڏنو وڃي يا انهن کي مهماني طور ڪارايو وڃي، هر طرح سان جائز آهي.

﴿2﴾ پٽ جي عقيقي ۾ به ٻڪر ۽ نياڻيءَ جي عقيقي ۾ هڪ ٻڪري ذبح ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن پٽ جي عقيقي ۾ ٻڪريون ۽ نياڻيءَ جي طرفان ٻڪر ذبح ڪيو ويو ته تڏهن به حرج ناهي.

﴿3﴾ ڳئون ذبح ڪئي وڃي ته پٽ جي لاءِ ٻه حصا ۽ نياڻيءَ جي لاءِ هڪ حصو ڪافي آهي.

﴿4﴾ ڳئون جي قرباني ۾ عقيقي لاءِ حصو وجهي سگهجي ٿو.

﴿5﴾ بهتر اهو آهي ته ان جي هڏيءَ نه ٽوڙيو، پر هڏين تان چريءَ سان گوشت لاٿو وڃي جو ٻار جي سلامتيءَ جي لاءِ نيڪ فال آهي. جيڪڏهن هڏيون ٽوڙي گوشت لاٿو تڏهن به حرج ناهي.

﴿6﴾ گوشت کي جيئن چاهيو پچائي سگهو ٿا، پر مٺو پچائڻ بهتر آهي جو ٻار جي سٺي اخلاق هئڻ جي فال آهي.

جڏهن اهي ٻار جو عقيقو ڪندا هئا ته ڪپهه جو هڪ پهو عقيقي واري جانور جي رت سان پريندا هئا. پوءِ جڏهن ٻار جو مٿو ڪوڙائيندا هئا ته اهو رت پريل ڪپهه جو پهو ان جي مٿي تي رکندا هئا ۽ ان جي مٿي کي عقيقي واري جانور جي رت سان رنگيندا هئا. اها هڪ جاهلن واري رسم هئي. نبيءِ مڪرم، نورِ مجسم، رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته ٻار جي مٿي کي رت نه پر ان جي بدران خلوق (هڪ خوشبودار مرڪب جو نالو آهي جيڪو زعفران وغيره مان تيار ڪيو وڃي ٿو) لڳائيندا ڪريو.“

(الاحسان بترتيب صحيح ابنِ حبان، الحديث 5284، ج 7 ص 355)

## عقيقو

ٻار جي پيدائش والدين ۽ سڄي خاندان جي خوشي ۽ شادماني جو سبب آهي. بارگاهِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ۾ ان نعمت جي شڪر جو اسلامي طريقو اهو آهي ته شڪراني طور جانور ذبح ڪيو وڃي. انهيءَ کي عقيقو چئبو آهي ۽ اهو مستحب آهي. (بهارِ شريعت، حصو 15 ص 153)

اسان جي مدني آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خود ان جي ترغيب ارشاد فرمائي آهي. حضرتِ سيّدُنا سلمان بن عامر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ بيان ڪن ٿا ته تاجدارِ رسالت، شهنشاهه نُبُوَّت، مُحسنِ انسانيّت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي فرمائيندي ٻُڌو ته ٻار سان گڏ عقيقو آهي، ان ڪري ان جي طرفان رت وهايو ۽ ان کان تڪليف هٽايو.

(صحيح بخاري، الحديث 1518، ج 3 ص 548)

اعلٰي حضرت، امامِ اهلسنّت مولانا احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: جيڪو ٻار بالغ ٿيڻ کان اڳ مري ويو ۽ ان جو عقيقو ڪيو ويو هو يا عقيقي جي طاقت نه هئي يا ستين ڏينهن کان اڳ

حضرتِ سيّدُنا مولا علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مرفوعًا روايت آهي تہ پنهنجي ٻار جي ستين ڏينهن طهر ڪريو جو اهو گوشت وڌڻ جي لاءِ جلدي ۽ سنو آهي ۽ دل جي لاءِ راحت آهي.

(ڪنزالعمال، الحديث 45304 ج 8 ص 181)

**مسئلو:** ٻار جي طهر ان جو پيءُ پاڻ بہ ڪري سگهي ٿو (جيڪڏهن حجم يا ڊاڪٽر وغيره طهر ڪري تہ عورت ان جي سامهون نہ اچي، پر ٻار کي ڪو مرد جهلي ويهي) (فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 204)

## ٻار کي ان جي ماءُ کير پيئاري

اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

وَ الْوَالِدٰتُ يُرْضِعْنَ اَوْلَادَهُنَّ حَوْلَيْنِ كَامِلَيْنِ (پ 2 البقره: 233)

ترجموڪنزالايمان: ۽ مائرون کير پيئارن پنهنجي ٻارن کي پورا ٻہ سال.

ٻار جي لاءِ ماءُ جو کير بهترين تحفو آهي، بوتل جو کير ڪڏهن بہ ان جو نعم البدل نہ ٿو ٿي سگهي. ان ڪري ٻار کي ماءُ جو کير پيئاريو وڃي. شديد مجبوريءَ جي حالت ۾ ان کي ڪنهن نيڪ عورت جو کير پيئاريو وڃي. حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا روايت ڪن ٿا تہ رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”کير طبيعت کي بدلائي ٿو ڇڏي.“

(الجامع الصغير، الحديث 4525 ص 277)

## کير پيئارڻ جي فضيلت

نور جي پيڪر، سيني نبين جي سروَر، ٻنهي جهانن جي تاجوَر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جڏهن ڪابہ عورت پنهنجي ٻار کي کير پيئاريندي آهي تہ هر ڍڪ پيئارڻ تي اهڙو ثواب ملندو آهي جيئن ڪنهن جاندار کي زنده ڪري ڇڏيائين، پوءِ جڏهن ان

ڪان ڪير ڇڏرائيندي آهي تہ هڪ ملائڪ ان جي ڪلهي تي ٿپڪي هڻي چوندو آهي تہ پنهنجو عمل ٻيهر شروع ڪر. (يعني ان جا گناهہ بخشيا ويا هاڻي ٻيهر پنهنجي عملن جو آغاز ڪري)

(ڪنزالعمال، الحديث 45152، ج 16 ص 171)

**مسئلو:** وڌ مان وڌ ٻن سالن جي عرصي تائين ماءُ يا ڪنهن بہ عورت جو کير پيئاري سگهجي ٿو. جڏهن ٻار ٻن سالن جي عرصي کي پهچي تہ (هاڻي) ان کي ڪنهن بہ عورت جو کير پيئارڻ جائز ناهي.

**مسئلو:** ٻارن کي نظر لڳڻ ثابت آهي تہ حضرتِ سيِّدَتُنا اُمِّ سلمہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا کان روايت آهي تہ نبي مُڪرّم، نورِ مُجَسَّم، رسولِ اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جي گهر هڪ ٻارڙيءَ کي ڏٺو جنهن جو چهرو ڦڪو هو تہ ارشاد فرمايائون: ان کي دعا ۽ تعويذ ڪرايو، ان کي نظرِبد لڳي آهي. (صحيح مسلم، الحديث 2197 ص 1206)

**مسئلو:** ٻارن يا وڏن کي تعويذ پائڻ جائز آهي. جڏهن تہ اهو تعويذ قرآني آيتن يا اللہ تعاليٰ جي نالن مبارڪن يا دعائن تي مشتمل هجي. جن حديثن ۾ تعويذن کان جيڪا منع ڪئي وئي آهي، ان مان مُراد اهي تعويذ آهن جيڪي ناجائز لفظن تي مشتمل هجن، جيئن جاهليت جي زماني جا تعويذ هوندا هئا.

(بهارِ شريعت، حصو 16 ص 252، ردالمختار، ج 9 ص 600)

تعويذ اسماءِ الٰهي، يا ڪلامِ الٰهي يا ذِڪرِ الٰهي وارا هوندا آهن ان ۾ اثر نہ مڃڻ جو جواب اهو ئي بهتر آهي، جيڪو حضرتِ شيخ ابوسعيد ابوالخير قُدِّسَ سِرُّہُ العَزِيز هڪ ملحد (يعني بي دين) کي ڏنو، جنهن تعويذن جي اثر تي اعتراض ڪيو. حضرت قُدِّسَ سِرُّہٗ جن فرمايو تہ ”تون عجيب گڏهہ آهين.“ اهو دنياوي لحاظ کان وڏو معزز هو، اهو لفظ ٻُڌندي ئي ان جو چهرو ڳاڙهو ٿي ويو ۽ ڪنن جون رڳون

اُيري آيون ۽ بدن کاوڙ جي کري ڏکڻ لڳو ۽ حضرت جي ان فرمان تي ناراض ٿيو ته پاڻ فرمايائون: مون ته توکي تنهنجي سوال جو جواب ڏنو آهي، جو گڏھ جي نالي جي اثر جو تو تجربو کري ورتو جو تنهنجي ايڏي وڏي جسم جي ڇا حالت کري ڇڏي پر مولىٰ عَزَّوَجَلَّ جي نالي پاڪ کان تون انڪار ٿو کرين. والله تعالىٰ اعلم.

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغِ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مجلسِ مڪتوبات و تعويذات عطّاريہ جي تحت ڏکويل مسلمانن جي لاءِ اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري مدظله العالی جي عطا ڪيل تعويذن جي ذريعي في سبيل الله علاج ڪيو ويندو آهي ۽ پڻ استخاره ڪرڻ جو بہ سلسلو آهي. روزانو هزارين مسلمان انهن مان فيض حاصل ڪري رهيا آهن. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هن وقت مجلس جي طرفان بغير ڪنهن وڏاء جي لکين تعويذ و تعزيت، عيادت ۽ تسلي ناما موڪليا ويا آهن ۽ هن تحرير تائين (يعني 22 صفرالمظفر 1428ھ) هڪ اندازي جي مطابق مجلس جي طرفان ماهوار سوا بہ لک ۽ سالانہ لڳ ڀڳ 26 لکن کان وڌيڪ تعويذ ۽ ورد ڏنا ويا ۽ لڳ ڀڳ 20 کان 25 هزار مڪتوبات موڪليا ويا آهن، انهن ۾ E-mail جا جواب بہ شامل آهن. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ ماهوار 2500 کان بہ وڌيڪ آن لائين استخاره جي ترڪيب بہ شامل آهي. تعويذاتِ عطّاريہ جون تمام گهڻيون بهارون آهن جيڪي مڪتبة المدينه جي شايع ڪيل هنن رسالن "خوفناڪ بلا"، "پُراسرار ڪتو" ۽ "سڳن واري ڪنوار" ۾ ڏسي سگهجن ٿيون. تعويذ وٺڻ وارن اسلامي ڀائرن کي گهرجي تہ اهي پنهنجي شهر جي ٿيندڙ سنّتن ڀريي اجتماع ۾ شريڪ ٿين ۽ اتي تعويذاتِ عطّاريہ جي بستي

(استال) تان تعويذ حاصل ڪن.

**مسئلو:** ٻار چاهي ڪجهه منٽن جو ئي هجي ان جو پيشاب ناپاڪ آهي جيئن وڏي جو ناپاڪ آهي. عوام ۾ جيڪو مشهور آهي ته کير پيئندڙ ٻار جو پيشاب پاڪ هوندو آهي، ان جو ڪو اصل ناهي.
(الفتاويٰ الهنديه، ج 1 ص 46)

ان ڪري ڪارپيٽ يا قالين تي ٻار کي سمهاريندي يا ويهاريندي وقت ان جي هيٺان پلاسٽڪ شيٽ وڇائي وجي ڇوته ناپاڪ ٿيڻ جي صورت ۾ ان جو پاڪ ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي.

**مسئلو:** جن عضون کي لڪائڻ ضروري آهي انهن کي عورت (يعني اوگهڙ) چئبو آهي. تمام ننڍڙي ٻار جي لاءِ اوگهڙ ناهي، يعني ان جي بدن جي ڪنهن به حصي کي لڪائڻ فرض ناهي. پوءِ جڏهن ڪجهه وڏو ٿئي ته ان جو اڳيون ۽ پويون اوگهڙ وارو حصو لڪائڻ ضروري آهي. پوءِ جڏهن اجا وڏو ٿي وڃي ۽ ڏهن سالن کان به وڏو ٿي وڃي ته ان جي لاءِ بالغ جهڙو حڪم آهي. (رد المحتار، ج 9 ص 602)

## گوڏا نہ کولڻا پون

مُحدّثِ اعظم پاڪستان حضرتِ علامہ مولانا سردار احمد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ننڍپڻ ۾ جڏهن پڙهڻ لاءِ ويندا هئا ته رستي ۾ هڪ برساتي نالو ايندو هو جيڪو برسات واري موسم ۾ پرجي ويندو هو. اهو ٽپڻ جي لاءِ ٻيا شاگرد پنهنجي ڪپڙن کي مٿي ڪندا هئا، جنهن جي ڪري انهن جا گوڏا ظاهر ٿي ويندا هئا. جيئن ته مرد جا لڪائڻ وارا عضوا ڌُن کان هيٺ گوڏن تائين آهن. ان ڪري پاڻ پنهنجي وڏي ڀاءُ کي عرض ڪندا هئا ته ”مون کي ڪلهن تي کڻي واهه پار ڪرايو“ ته جيئن ڪين گوڏا ظاهر ڪرڻا نه پون. (حياتِ محدثِ اعظم ص 30)

# پنهنجي ٻارن کي ڪنهن ڪامل پير جو مريد ڪري ڇڏيو

هڪ مسلمان جي لاءِ ان جو سڀ کان وڏو قيمتي سرمايو ان جو ايمان آهي اسان کي هن جي حفاظت جو فڪر دنياوي شين جي مقابلي ۾ وڌيڪ هئڻ گهرجي. نيڪ ڪمن تي استقامت سان گڏوگڏ ايمان جي حفاظت جو هڪ ذريعو ڪنهن ڪامل پير جي بيعت ڪرڻ ٻه آهي ڪنهن کي ٻه پنهنجو پير ٻڻائڻ جي لاءِ چئن شرطن کي ذهن ۾ رکڻ انتهائي ضروري آهي.

(1) صحيح عقيدي وارو سنّي هجي.

(2) ايترو علم هجي جو پنهنجي ضرورت مطابق مسئلا ڪتابن مان ڪڍي سگهي.

(3) فاسق معلن نہ هجي (هڪ دفعو ڪبيره گناه ڪرڻ وارو يا صغيره گناهن تي اصرار ڪرڻ وارو يعني تي يا ان کان وڌيڪ دفعا ڪرڻ وارو يا صغيره گناهن کي ئي صغيره سمجهي ڪري هڪ دفعو ڪرڻ وارو فاسق هوندو آهي ۽ جيڪڏهن ظاهر ظهور ڪري تہ فاسق معلن آهي)

(4) ان جي بيعت جو سلسلو نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين مليل هجي. (فتاويٰ رضويه ج 21 ص 603)

اڄوڪي زماني ۾ جامع شرائط پير جو ملڻ ناياب ناهي پر ڪمياب ضرور آهي. جيڪو ڪنهن جو مُريد نہ هجي ان کي گهرجي تہ پنهنجي ٻارن سميت سلسلہ قادريّہ جي عظيم بزرگ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو مُريد تي وڃي. پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه قطبِ مدينہ، ميزبانِ مهمانانِ مدينہ، خليفهءِ اعليٰ حضرت، سيّدُنا ضياءُ الدين

مدني رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جا مُريد ۽ مفتيءِ اعظم پاڪستان حضرت علامہ مفتي وقارالدين قادري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه، شارح بخاري حضرتِ علامہ مفتي شريف الحق امجدي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه، جانشينِ قطبِ مدينہ حضرتِ علامہ فضل الرحمٰن قادري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جا خليفہءِ مجاز آهن. ان کان سواءِ ٻين بزرگن کان خلافتون ۽ حديثن جي سَنَدُن جي اجازت حاصل آهي. پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه قادري سلسلي ۾ مُريد ڪندا آهن. قادري سلسلي جي عظمت جي ڇا ڳالهہ ڪجي جو ان جا عظيم پيشوا حضور سيّدُنا غوث الاعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه قيامت تائين (خدا عَزَّوَجَلَّ جي فضل سان) پنهنجي مُريدن جي توبهہ تي مرڻ جا ضامن آهن. (بهجة الاسرار، ص 191)

مُريد ٿيڻ جي لاءِ پنهنجو، پنهنجي زال ۽ ٻارن جو نالو ۽ ايڊريس هن ايڊريس تي روانو ڪري ڇڏيو، اوهان کي مريد ڪيو ويندو. مڪتب نمبر 3،2 عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ نزد پراڻي سبزي منڊي، يونيورسٽي روڊ ڪراچي.

## ٻارن سان محبت ڪريو

ٻارن جي سٺي تعليم ۽ تربيّت لاءِ شروع کان وٺي شفقت ۽ محبت سان پيش اچڻ گهرجي. اهڙي طرح جڏهن والدين جي ممتا ۽ پيءُ جي شفقت جو ميناج گهوٽي اسلامي تعليم جو شربت ٺاهي ان کي پياريو ويندو تہ اهي جلد ان کي هضم ڪري وٺندا.

حضرتِ سيدتنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهَا روايت ڪن ٿيون تہ خاتم المُرسلين، رحمةٌ لِّلعٰلمين، شفيع المُذنبين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”بيشڪ جنّت ۾ هڪ گهر آهي جنهن کي ”الفرح“ چيو ويندو آهي ان ۾ اهي ئي ماڻهو داخل ٿيندا جيڪي ٻارن کي خوش ڪندا آهن.“ (الجامع الصغير، الحديث 2321 ص 140)

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ روايت ڪن ٿا ته خاتم المرسلين، رحمةٌ للعٰلمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڏينهن جي ڪنهن وقت نڪتا، نه حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪجهه فرمايو ۽ نه ئي مون ڪجهه عرض ڪيو، ايستائين جو بني قينقاع جي بازار ۾ پهتا (اتان ڪان واپس موٽيا) ۽ حضرت فاطمه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جي گهر جي صحن ۾ ويهي رهيا ۽ حضرت حسن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ (جيڪي اڃا ننڍا هئا) جي باري ۾ پُڇيائون. سيّده فاطمه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جن انهن کي ٿوري دير جي لاءِ روڪي ورتو، مون سمجهيو ته شايد ان کي هار پارائي رهيون آهن يا وهنجاري رهيون آهن ايتري ۾ اهي (يعني حضرت حسن رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ) ڊوڙندا آيا ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي ڳلي سان لڳائي، چُميو ۽ فرمايائون: ”اي الله عَزَّوَجَلَّ! هن سان محبت ڪر ۽ ان سان محبت ڪر جيڪو هن سان محبت ڪري.“ (صحيح البخاري، الحديث 2122 ج 2 ص 25)

حضرتِ سيّدُنا ابوبريده رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ ارشاد فرمائن ٿا ته نبي مڪرّم، نور مجسّم، رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ دفعي خطبو ارشاد فرمائي رهيا هئا ته ايتري ۾ حضرتِ حسن ۽ حضرتِ حُسين رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا ٻئي ڳاڙهي رنگ جون (پٽا پٽي) قميصون پائي هلندا آيا (جيئن ته اڃا ٻار هئا ۽ صحيح نموني سان نه پيا هلي سگهن ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن ڪِرن پيا) ته رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن انهن کي ڏٺو ته منبر مبارڪ تان لٿا ۽ انهن ٻنهي کي کڻي پنهنجي سامهون ويهاريو. (جامع الترمذي، الحديث 3799 ج 5 ص 429)

حضرتِ سيّدُنا ابوعثمان رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ حضرتِ سيّدُنا اُسامه بن زيد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت ڪن ٿا ته حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي هڪ ران تي مون کي ۽

هڪ ران مبارڪ تي امام حسن رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي ويهاريندا هئا ۽ ٻنهي کي ڀاڪر پائيندا هئا ۽ دعا ڪندا هئا: ”اي الله عَزَّوَجَلَّ انهن ٻنهي تي رحم فرماءِ ڇوته مان به انهن تي رحم ڪيان ٿو.“

(صحيح بخاري، الحديث 6003 ج 4 ص 101)

## ڪير پياڪ ٻار جي روئڻ جا ڪجهه سبب ۽ ماٺ ڪرائڻ جا طريقا

ٻارن جو روئڻ ڪا نئين ڳالهه ناهي، پر جڏهن ڪير پياڪ ٻار مسلسل روئندو رهي ۽ ماٺ ئي نه ڪري ته ان کي نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي. ڪير پياڪ ٻار جي روئڻ جا ڪجهه سبب ۽ ان جو حل ٻڌو.

**﴿1﴾ بُک:**

گهڻي قدر ٻارن کي ٻن ڪلاڪن جي اندر بُک لڳندي آهي. اهڙيءَ حالت ۾ جيڪڏهن ٻارن کي کير ڏنو وڃي ته اهي آرام سان سُمهي پوندا آهن.

**﴿2﴾ اُڃ :**

گرميءَ جي موسم ۾ ۽ بخار جي حالت ۾ جسم مان تمام گهڻو پگهر نڪرندو آهي، ان ڪري ٻارن کي هر هر اُڃ لڳندي آهي. پاڻي نه ملي ته اهي روئڻ شروع ڪندا آهن. ٿورو پاڻي ڏنو وڃي ته اهي جلد ئي ماٺ ڪري ويندا آهن ۽ انهن کي آرام اچي ويندو آهي.

**﴿3﴾ ڪپڙا آلا ٿيڻ:**

ٻار جو پاجامو يا پوتڙو Napkin (يعني کير پياڪ ٻار جي پيشاب جي جاءِ تي رکيو ويندڙ رومال يا توال جو ٽڪرو) پيشاب جي ڪري آلو ٿي وڃي ته ٻارن کي پريشاني ٿي پوندي آهي ۽ جلد ئي روئڻ لڳندا آهن. Napkin تبديل ڪريو ته جلد ماٺ ڪري ويندا آهن. ڪجهه مائرون

پنهنجي سهولت جي لاءِ صبح کان شام تائين "Pamper" ٻڌي ڇڏينديون آهن. ڪجهه مائرون ته اهڙيءَ طرح ٻڌنديون آهن جو ٻار جي تنگن ۾ سوج ٿي پوندي آهي.

**﴿4﴾ پيٽ جي خرابي:**

ٻار پيٽ ۾ مروٽ (وٽ) پوڻ جي ڪري به روئندا آهن، جيڪڏهن ٻار ٽنگون ملائي اوچتو روئڻ شروع ڪن ته پوءِ ٿوري دير ڪانپوءِ گئس خارج ٿيڻ جي ڪري ماٺ ڪري ويندا آهن، ڪجهه وقت ڪان پوءِ جيڪڏهن وري ائين ڪن ته اها ان ڳالهه جي نشاني آهي ته ٻار پيٽ جي تڪليف ۾ مبتلا آهي. ڪير پيئارڻ کان پوءِ ٻار کي سيني سان لڳائي اوڳرايون ڏياريون وڃن ته ٻار عام طور تي ان تڪليف ۾ مبتلا نه ٿيندا. جيڪڏهن ٻار ان تڪليف جي ڪري روئي رهيو هجي ته اوڳرائي ڏيارڻ تي جلد ئي ماٺ ڪري ويندو آهي. اجان به ماٺ نه ڪري ۽ مسلسل روئندو رهي ته پنهنجي ڊاڪٽر سان ضرور رابطو ڪريو.

**﴿5﴾ بوريت:**

ٻار ڪمري ۾ اڪيلو سُتو پيو هجي ۽ اوچتو ان جي اک کُلي وڃي ۽ ويجهو ڪوبه نظر نه اچي ته بيزار ٿي روئڻ لڳندو آهي. ٻار اڪيلائپ کان جلد بور ٿي پوندا آهن. اهڙي حالت ۾ ٻار کي هنج ۾ کڻي پرچائڻ سان ٻار جلدي چُپ ڪندو آهي.

**﴿6﴾ ڏند نڪرڻ:**

ڏند نڪري رهيا هجن ته ٻار ان ڪري به روئندو آهي، پر عام طور تي ائين ناهي هوندو، جيڪڏهن ٻار مسلسل روئي رهيو هجي ته ان جو ڪو ٻيو سبب هوندو جنهن کي اوهان جو ڊاڪٽر

بهتر طور سمجھي سگھي ٿو.

**﴿7﴾ ننڊ پوري نہ ٿيڻ:**

ٻار جي ننڊ پوري نہ ٿئي تڏهن بہ اهو روئڻ لڳندو آهي. جيڪڏهن اوهين ڏسو تہ ٻار کي ڪنهن سبب جي ڪري سمهڻ جو موقعو نہ ملي سگهيو آهي يا ان جي سمهڻ جو وقت گذري ويو آهي تہ ان کي جلد پاسيرو ڪري سمهارڻ جي ڪوشش ڪريو. جيڪڏهن جلد سمهي پوي تہ پوءِ سمجهي وٺو تہ ان ڪري روئي رهيو هو.

**﴿8﴾ ڪن ۾ سور:**

گهڻا ٻار تہ ان وقت روئندا آهن جڏهن انهن کي ڪا تڪليف هجي. مثال طور: بخار، نزلو، ڪن ۾ سور. جيڪڏهن ان کي ڪن ۾ سور آهي تہ ٻار هرهر پنهنجي سور واري ڪن کي هٿ لڳائيندو آهي. اهڙي حالت ۾ ڊاڪٽر سان رابطو ڪريو.

جيڪڏهن ٻار ڪنهن بہ صورت ۾ ماٺ نہ ڪري، نہ کير پيئارڻ تي، نہ اوڳرائي ڏيارڻ تي، نہ سمهارڻ تي، نہ هنج ۾ ويهارڻ تي تہ پوءِ اها ان ڳالهہ جي علامت آهي تہ ٻار کي ڪٿي نہ ڪٿي ڪا تڪليف ضرور آهي، جنهن جي ڪري ٻار بيچين آهي. اهڙي حالت ۾ گهڻي پيئارڻ، گرائپ واٽر پيئارڻ، پيٽ تي هِڱ ملڻ، سيني تي بام ملڻ يا ڪاوڙجي ٻار کي چماٽ هڻڻ ۽ پوءِ خود ويهي روئڻ کان بهتر اهو آهي تہ جلدي ڊاڪٽر کي ٻار ڏيکاريو. جيڪڏهن ٻار کير پيئڻ ڇڏي ڏئي، ڇهري مان بيمار لڳي رهيو هجي، بخار هجي، دست هجن، ٻار بيقرار هجي، مسلسل روئي رهيو هجي تہ پوءِ ٿوري دير بہ نہ ڪريو، جلد کان جلد ڊاڪٽر کي ڏيکاريو يا پوءِ ڪنهن ٻارن جي ماهر ڊاڪٽر سان رابطو ڪريو.

# جگر جو ڪينسر ختم ٿي ويو

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي عظيم تاليف، فيضانِ سنّت (جلد پهريون) ۾ لکن ٿا:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! تبليغِ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابسته رهو ۽ خوب خوب رحمتون ۽ برڪتون حاصل ڪريو. اچو توهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ ايمان افروز خوشگوار مدني بهار توهان کي ٻُڌايان ٿو: گلستانِ مصطفيٰ (بابُ المدينہ ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي، مون هڪ اهڙي اسلامي ڀاءُ کي تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدينة الاولياء ملتان شريف ۾ ٽيڻ واري بين الاقوامي ٽن ڏينهن جي سنّتن ڀريي اجتماع جي دعوت پيش ڪئي جنهن جي ڏيءُ کي جگر جو ڪينسر هو. اهو دعاءِ شفا جو جذبو کڻي سنّتن ڀريي اجتماع ۾ شريڪ ٿيو، ان جو چوڻ آهي تہ مون اجتماع پاڪ ۾ خوب دعا ڪئي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ واپسي ڪانپوءِ جڏهن پنهنجي ڏيءُ جو چيڪ اپ ڪرايو تہ ڊاڪٽر حيران ٿئي ويا ڇو تہ ان جي جگر جو ڪينسر ختم ٿي چُڪو هو. ڊاڪٽرن جي پوري ٽيم حيرت ۾ هئي تہ آخر ڪينسر ويو ڪيڏانهن! جڏهن تہ حالت ايتريقدر خراب هئي جو اجتماع پاڪ ۾ وڃڻ کان اڳ ان ڇوڪريءَ جي جگر مان روزانو گهٽ ۾ گهٽ هڪ سرنج ڀري مواد ڪڍيو ويندو هو! اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ اجتماع پاڪ (ملتان) ۾ شرڪت جي برڪت سان ان ڇوڪريءَ جي جگر ۾ ڪينسر جو نالو نشان ئي نہ رهيو هو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ هي بيان ڏيڻ تائين اها ڇوڪريءَ هاڻي نہ رُڳو صحتمند آهي بلڪ ان جي

شادي بہ ٿي چُڪي آهي.

اگر دردِ سر ہو، کہ یا کینسر ہو، دلائے گا تم کو شفا مَدَنی ماحول
شفائیں ملیں گی، بلائیں ٹلیں گی یقیناً ہے بَرَکت بھرا مَدَنی ماحول

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني منيءَ جو علاج ٿي ويو

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي سنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سفر ڪيو ۽ ٻنهي جهانن جون برڪتون حاصل ڪريو. اوهان جي ترغيب لاءِ مدني قافلي جي هڪ ٻي بهار پيش ڪريان ٿو: رنڇوڙ لائين (بابُ المدينہ ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي تہ هڪ ڀيري عاشقانِ رسول جي ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ تقريبًا 26 سال هڪ اسلامي ڀاءُ بہ سفر ۾ شريڪ هيو، اهو دعا ۾ تمام گهڻو روئندو هو. پُڇڻ تي ٻُڌايائين تہ منهنجي هڪ ئي مدني منيءَ آهي ۽ ان جي چهري تي ڏاڙهيءَ جا وار ڦٽڻ شروع ٿي ويا آهن! ان ڪري مونکي ڏاڍي ڳڻتي آهي، ايڪسري ۽ ٽيسٽ وغيره مان سبب جي خبر نہ ٿي پوي ۽ ڪوبہ علاج ڪارائتو نٿو ٿئي. ان جي گذارش تي شرڪاءِ مدني قافلہ ان جي مدني منيءَ جي لاءِ دعا ڪئي. سفر مڪمل ٿي وڃڻ ڪان پوءِ جڏهن ٻئي ڏينهن ان ڏکويل اسلامي ڀاءَ سان ملاقات ٿي تہ ان وڏي خوشيءَ مان هيءَ خوشخبري ٻُڌائي تہ ٻارڙيءَ جي ماءُ ٻُڌايو تہ توهان جي مدني قافلي جي سفر تي رواني ٿيڻ جي ٻئي ڏينهن ئي اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ حيرت انگيز طور تي مدني منيءَ جي چهري تان وار ائين غائب ٿي ويا جڻ تہ ڪڏهن هئا ئي نہ!

کوئی سا بھی ہو مرض، آؤ اللہ سے عرض　　مل کے سارے کریں، قافِلے میں چلو
غم سے روتے ہوئے، جان کھوتے ہوئے　　مرحبا! ہنس پڑیں! ، قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”حضرت سيدنا علي اصغر“ جي سورهن اکرن جي نسبت سان کير پياڪ ٻارن جي لاءِ 16 مدني گل

(از: اميرِ اهلسنّت حضرتِ علامہ محمد الياس عطار قادري مدظلہ العالی)

﴿1﴾ ٻار يا ٻارڙيءَ جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ هڪدم ”يَا بَرُّ“ ست ڀيرا (اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي جيڪڏهن ٻار تي دم ڪيو وڃي تہ اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ بالغ ٿيڻ تائين آفتن کان حفاظت ۾ رهندو ﴿2﴾ پيدائش کان پوءِ ٻار کي پهريان لوڻ واري نيم گرم پاڻي سان وهنجاريو پوءِ وري سادي پاڻيءَ سان وهنجاريو تہ اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ ٻار ڦٽ ڦرڙين جي بيمارين کان محفوظ رهندو ﴿3﴾ لوڻ واري پاڻي سان ٻارڙن کي ڪجھ ڏينهن تائين وهنجاريندا رهو جو ٻارڙن جي تندرستيءَ لاءِ بيحد مفيد آهي ۽ پڻ ﴿4﴾ وهنجارڻ کان پوءِ بدن تي سرنهن جي تيل جي مالش ٻارڙن جي صحت جي لاءِ اڪسير آهي ﴿5﴾ ٻارڙن کي ڪير پيارڻ کان پهريان روزانو ہہ تي ڀيرا هڪ آڱر ماکي چٽائڻ ڪافي فائديمند آهي ﴿6﴾ چاهي پينگهي ۾ لوڏيو يا بستري تي سمهاريو يا هنج ۾ کيڏاريو هر حال ۾ ٻارڙن جو مٿو اوچو رکو، مٿو هيٺ ۽ پير مٿي ٿيڻ نہ ڏيو جو نقصان ڏيندڙ آهي. ﴿7﴾ ولادت کان پوءِ تمام تيز روشنيءَ واري جڳهہ تي سمهارڻ سان ٻار جي نظر ڪمزور ٿيندي آهي ﴿8﴾ جڏهن ٻار جون مهارون سخت ٿي وڃن ۽ ڏند نڪرڻ لڳن تہ مهارن تي ڪڪڙ جي چربي مَليندا ڪريو ۽ ﴿9﴾ روزانو هڪ ڀہ ڀيرا مهارن تي ماکي مَليندا رهو ۽ ٻار

جي متي ۾ ڪنڌ تي تيل جي مالش ڪرڻ مفيد آهي ﴿10﴾ جڏهن ڪير چڏائڻ جو وقت اچي ۾ ٻار ڪائڻ لڳي تہ خبردار! خبردار! ان کي ڪا سخت شيءِ چٻاڙڻ نہ ڏيو، ڪيس تمام ئي نرم ۽ جلد هضم ٿيڻ واريون غذائون کارايو ﴿11﴾ ڳئون يا ٻڪريءَ جو کير بہ پياريندا رهو ﴿12﴾ حيثيّت مطابق ٻارن کي ان عمر ۾ چڱي خوراڪ ڏيو جو ان عمر ۾ جيڪا طاقت بدن ۾ اچي ويندي اها جيڪڏهن ٻار زنده رهيو تہ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ سڄي عمر ڪم ايندي ﴿13﴾ ٻارڙن کي هر هر غذا نہ ڏيڻ گهرجي جيستائين هڪ غذا هضم نہ ٿئي ٻي غذا هرگز نہ ڏيو ﴿14﴾ ٽافيون، مٺائي ۽ کٽائي جي عادت کان بچائڻ بيحد ضروري آهي ڇو تہ هي شيون ٻارن جي صحت جي لاءِ بيحد نقصانڪار آهن ﴿15﴾ ٻارڙن کي خُشڪ ميوا ۽ تازا ميوا کارائڻ تمام سٺو آهي ﴿16﴾ ختنو جيتري ننڍي عمر ۾ ٿي وڃي بهتر آهي، تڪليف بہ گهٽ ٿيندي ۽ زخم بہ جلدي ڀرجي ويندو آهي.

(فيضانِ سنت، ج 1 ص 940)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ٻار کي لولي ڏيڻ

ٻار کي سمهارڻ يا ريجهائڻ جي لاءِ لولي ڏيڻ جو رواج عام آهي پر لولي ڏيڻ وقت اهو خيال رکيو وڃي تہ اها بي معنيٰ لفظن تي مشتمل نہ هجي ۽ نہ ئي ان ۾ غير شرعي جملو هجي، پر بهتر اهو آهي تہ حمد يا نعت يا بزرگ سڳورن جي منقبت ٻار کي ٻُڌائي وڃي تہ ثواب بہ ملندو ۽ ٻار کي ننڊ بہ اچي ويندي، پر ان لاءِ ضروري آهي تہ ڪنهن احتياط پسند عالم جو ڪلام ئي پڙهيو وڃي. مثال طور امام اهلسنّت، الشاه احمد رضا خانعَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن، مولانا حسن رضا

خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْہ، مفتيءِ اعظم هِند مولانا مصطفيٰ رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْہ مولانا سيّد نعيم الدين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْہ، مولانا عبدالمصطفيٰ اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْہ، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْہ، اميرِ اهلسنّت علامہ مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ وغيره.

**مسئلو:** ٻارن کي سمهارڻ يا روئڻ کان چُپ ڪرائڻ جي لاءِ آفيم ڪارائڻ حرام آهي. (فتاويٰ رضويه ج 24 ص 198)

## ٻارن تي خرچ ڪريو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجي ٻارن ۽ ٻين گهروارن تي دل کولي خرچ ڪري، حضورِ اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بشارتن جا حقدار ٿيو. حضرتِ سيّدُنا ابو امامہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ نور جي پيڪر، سيني نبين جي سروَر صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جيڪو شخص (ناجائز ۽ شڪ واري شيءِ کان) بچڻ جي لاءِ پاڻ تي خرچ ڪندو تہ اهو صدقو آهي ۽ جيڪو پنهنجي زال، اولاد ۽ گهروارن تي خرچ ڪندو تہ (اهو) صدقو آهي.“ (مجمع الزوائد، الحديث 4660، ج 3 ص 302)

حضرتِ سيّدُنا جابر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ شهنشاهِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”سڀ کان اڳ ۾ جيڪا شيء انسان جي عملن واري تارازيءَ ۾ رکي ويندي اها انسان جو اهو خرچ هوندو جيڪو ان پنهجي گهروارن تي خرچ ڪيو هوندو.“ (المعجم الاوسط، الحديث 6135، ج 4 ص 328)

حضرتِ سيّدُنا سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ حضورِ اڪرم، نورِ مجسّم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ تون جيترو بہ خرچ ڪندين توکي ان جو اجر ملندو ايتري تائين جو اهو گره جيڪو تون پنهنجي

گھرواريءَ جي واٽ ۾ وجھين ٿو ان جو بہ اجر ملندو.“

(صحيح بخاري، الحديث 1295 ج 1 ص 438)

حضرتِ سيّدُنا ثوبان رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ روايت ڪن ٿا تہ سرڪارِ والاتبار، اسان بيڪسن جي مددگار، شفيع روز شمار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: خرچ ڪرڻ جي اعتبار کان بهترين دينار اھو آھي جنھن کي ماڻھو پنھنجي گھروارن تي خرچ ٿو ڪري ۽ اهڙيءَ طرح اھو دينار بہ بهتر آھي جنھن کي ھو راهِ خدا ۾ پنھنجي جانور تي خرچ ڪري ٿو ۽ اھو دينار بہ جنھن کي پنھنجي ساٿين تي راهِ خدا ۾ خرچ ٿو ڪري.

(المسند للامام احمد بن حنبل، الحديث 2443، ج 8 ص 323)

حضرتِ سيّدُنا ابوھريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آھي تہ خاتم المرسلين، رحمةٌ لِّلعٰلمين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”ھڪ دينار اھو آھي جنھن کي توھان اللّٰہ تعاليٰ جي راھ ۾ خرچ ڪندا آھيو، ھڪ دينار اھو آھي جنھن کي توھان غلام تي خرچ ڪندا آھيو، ھڪ دينار اھو آھي جنھن کي توھان مسڪين تي صدقو ڪندا آھيو، ھڪ دينار اھو آھي جنھن کي توھان اھل و عيال تي خرچ ڪندا آھيو ان ۾ سڀ کان وڌيڪ اجر ان دينار تي ملندو جيڪو توھان پنھنجي اھل و عيال تي خرچ ڪندا آھيو.“

(صحيح مسلم، الحديث 995، ص 499)

حضرتِ سيّدُنا جابر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ بيان ڪن ٿا تہ بنو عذره جي ھڪ شخص ھڪ غلام کي مدبّر ڪيو (يعني ائين چيو تہ منھنجي مرڻ کان پوءِ تون آزاد آھين) حضور پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي اھا خبر پئي تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ان شخص کان پُڇيو تہ ”ڇا تو وٽ ان کان علاوه بہ ڪجھ مال آھي؟“ ان عرض ڪيو: ”نہ“ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ھن غلام کي مون کان

﴿5﴾ ٻارڙن کي کير پيارڻ کان پهريان روزانو ٻہ ٽي ڀيرا هڪ آڱر ماکي چٽائڻ ڪافي فائديمند آهي ﴿6﴾ پلي پينگهي ۾ لوڏيو يا بستري تي سمهاريو يا هنج ۾ کڻيو هر حال ۾ ٻارڙن جو مٿو اونچو رکو، مٿو هيٺ ۽ پير مٿي ٿيڻ نہ ڏيو جو نقصان ڏيندڙ آهي. ﴿7﴾ ولادت کان پوءِ تمام تيز روشنيءَ واري جڳهہ تي سمهارڻ سان ٻار جي نظر ڪمزور ٿيندي آهي ﴿8﴾ جڏهن ٻار جون مهارون سخت ٿي وڃن ۽ ڏند نڪرڻ لڳن تہ مهارن تي ڪُڪڙ جي چرٻي مَليندا ڪريو ۽ ﴿9﴾ روزانو هڪ ٻہ ڀيرا مهارن تي ماکي مَليندا رهو ۽ ٻار جي مٿي ۽ ڪنڌ تي تيل جي مالش ڪرڻ مفيد آهي ﴿10﴾ جڏهن کير ڇڏائڻ جو وقت اچي ۽ ٻار کائڻ لڳي تہ خبردار! خبردار! ان کي ڪا سخت شيءِ چٻاڙڻ نہ ڏيو، ڪيس تمام ئي نرم ۽ جلد هضم ٿيڻ واريون غذائون کارايو ﴿11﴾ ڳئون يا ٻڪريءَ جو کير بہ پياريندا رهو ﴿12﴾ حيثيّت مطابق ٻارن کي ان عمر ۾ چڱي خوراڪ ڏيو جو ان عمر ۾ جيڪا طاقت بدن ۾ اچي ويندي اها جيڪڏهن ٻار زنده رهيو تہ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ سڄي عمر ڪم ايندي ﴿13﴾ ٻارڙن کي هر هر غذا نہ ڏيڻ گهرجي جيستائين هڪ غذا هضم نہ ٿئي ٻي غذا هرگز نہ ڏيو ﴿14﴾ ٽافيون، مٺائي ۽ ڪٽائي جي عادت کان بچائڻ بيحد ضروري آهي ڇو تہ هي شيون ٻارن جي صحت جي لاءِ بيحد نقصانڪار آهن ﴿15﴾ ٻارڙن کي خُشڪ ميوا ۽ تازا ميوا کارائڻ تمام سٺو آهي ﴿16﴾ طهر جيتري ننڍي عمر ۾ ٿي وڃي بهتر آهي، تڪليف بہ گهٽ ٿيندي ۽ زخم بہ جلدي ڀرجي ويندو آهي. (فيضانِ سنت، ج 1 ص 993)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

خدمت لاءِ نڪتو آهي تہ اهو الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ آهي ۽ جيڪڏهن پنهنجو پاڻ کي (ناجائز ۽ شڪ وارين شين کان) بچائڻ جي لاءِ نڪتو آهي تہ بہ الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ آهي ۽ جيڪڏهن هو ڏيکاءُ ۽ وڏائيءَ جي لاءِ نڪتو آهي تہ پوءِ اهو شيطان جي راهہ ۾ آهي.“

(المعجم الڪبير، الحديث 282، ج 19 ص 129)

حضرتِ سيدنا امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نقل فرمائن ٿا: ”جيڪو شخص لڳاتار حلال روزي ڪمائيندو آهي ۽ حرام جي گرهہ جي ملاوٽ ٿيڻ نہ ڏيندو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي دل کي پنهنجي نور سان روشن ڪري ڇڏيندو آهي ۽ حڪمت جا چشما ان جي دل مان جاري ٿي ويندا آهن.“ (ڪيمياءِ سعادت، ج 1 ص 344)

حضور اڪرم، نورِ مجسّم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جيڪو شخص ان ڪري حلال ڪمائي ٿو تہ سوال ڪرڻ کان بچي ۽ اهل و عيال لاءِ ڪجهہ حاصل ڪري ۽ پاڙيسريءَ سان سهڻو سلوڪ ڪري تہ اهو قيامت جي ڏينهن ائين ايندو جو ان جو چهرو چوڏهين واري چنڊ وانگر چمڪندو.“

(شعب الايمان، الحديث 10375، ج 7 ص 298)

پيارا اسلامي ڀائرو! ضرورتن جي پورائي ۽ آسائشن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ هرگز هرگز حرام ڪمائيءَ جي ڄار ۾ نہ ڦاسو جو اهو اوهان جي ۽ اوهان جي گهر وارن جي لاءِ دنيا و آخرت ۾ وڏي نقصان جو سبب آهي. حضرتِ سيّدُنا جابر بن عبدالله رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ روايت ڪن ٿا تہ شهنشاهِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”اهو گوشت هرگز جنّت ۾ داخل نہ ٿيندو جنهن جي حرام سان واڌ ويجهہ ٿي هوندي.“ (سنن الدارمي، الحديث 2776، ج 2 ص 409)

حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن حنظلہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ

حضرتِ سيّدُنا جابر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ شهنشاهِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”سڀ کان اڳ ۾ جيڪا شيءِ انسان جي عملن واري تارازيءَ ۾ رکي ويندي اها انسان جو اهو خرچ هوندو جيڪو ان پنهنجي گھروارن تي خرچ ڪيو هوندو.“ (المعجم الاوسط، الحديث 6135، ج 4 ص 328)

حضرتِ سيّدُنا سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ حضورِ اڪرم، نورِ مجسّم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ تون جيترو بہ خرچ ڪندين توکي ان جو اجر ملندو ايتري تائين جو اهو گرهہ جيڪو تون پنهنجي گھرواريءَ جي وات ۾ وجهين تو ان جو بہ اجر ملندو.“
(صحيح بخاري، الحديث 1295 ج 1 ص 438)

حضرتِ سيّدُنا ثوبان رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ روايت ڪن ٿا تہ سرڪارِ والاتبار، اسان بيڪسن جي مددگار، شفيع روز شمار صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: خرچ ڪرڻ جي اعتبار کان بهترين دينار اهو آهي جنهن کي ماڻهو پنهنجي گھروارن تي خرچ تو ڪري ۽ اهڙيءَ طرح اهو دينار بہ بهتر آهي جنهن کي هو راهِ خدا ۾ پنهنجي جانور تي خرچ ڪري ٿو ۽ اهو دينار بہ جنهن کي پنهنجي ساٿين تي راهِ خدا ۾ خرچ ٿو ڪري. (المسند للامام احمد بن حنبل، الحديث 2443، ج 8 ص 323)

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ خاتم المرسلين، رحمةٌ لِّلعٰلمين صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”هڪ دينار اهو آهي جنهن کي توهان اللّٰه تعالٰي جي راهہ ۾ خرچ ڪندا آهيو، هڪ دينار اهو آهي جنهن کي توهان غلام تي خرچ ڪندا آهيو، هڪ دينار اهو آهي جنهن کي توهان مسڪين تي

اچلائي ڇڏ، ڇا توکي خبر ناهي تہ اسين يعني بنو هاشم صدقي جو مال ناهيون کائيندا.“ (صحيح مسلم، الحديث 1069، ص 501)

## ٻارن کي نئون ميوو کارايو

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ جڏهن سَروَرِ ڪونين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ (مند جو) پهريون ميوو پيش ڪيو ويندو هو تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمائيندا هئا: ”يا الٰهي عَزَّوَجَلَّ اسان جي مديني، اسان جي ميون ۽ اسان جي مُد ۽ صاع ۾ برڪت ئي برڪت عطا فرماءِ.“ پوءِ اهو ميوو اتي موجود ٻارن مان سڀني کان ننڍي ٻار کي ڏئي ڇڏيندا هئا.

(صحيح مسلم، الحديث 1373، ص 713)

جڏهن ڪوبہ نئون ميوو ڪٽي اچي تہ پنهنجن ٻارن کي کارايو جو نئين کي نئون مناسب آهي ميوا وغيره ورهائڻ ۾ پهريائين نياڻين کي ڏيو جو اهي دلي طور حساس هونديون آهن. حضرتِ سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ نبي مڪرّم، نورِ مجسّم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو بازار مان پنهنجي ٻارن جي لاءِ ڪا نئين شيءِ آڻي تہ اها انهن تي صدقي ڪرڻ وانگر آهي ۽ ان کي گهرجي تہ نياڻين کان شروعات ڪري، ڇوتہ اللّٰه تعاليٰ نياڻين تي رحم فرمائيندو آهي ۽ جيڪو شخص پنهنجين نياڻين تي رحمت ۽ شفقت ڪري اهو خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ روئڻ واري وانگر آهي ۽ جيڪو پنهنجي نياڻين کي خوش ڪري اللّٰه تعاليٰ قيامت جي ڏينهن ان کي خوش ڪندو.“ (فردوس الاخبار، الحديث 5830 ج 2 ص 263)

## ٻار جي صحت جو خيال رکو

والدين کي گهرجي تہ ٻارن جي سٺي صحت جي لاءِ ضروري

گھرجون مثال طور سنئي غذا، صاف سٿرو گھر ۽ موسم جي مطابق آرام واري لباس جو خيال ڪن. انهن جي استعمال وارين شين کي جراثيم کان بچائي رکن. انهن کي حفاظتي ٽُڪا لڳرائين. جيڪڏهن اهي بيمار ٿين ته ڪنهن ماهر طبيب جون خدمتون حاصل ڪن، پڻ شفا حاصل ڪرڻ جي نيّت سان **الله** عَزَّوَجَلَّ جي پيارن جي بارگاهه ۾ به حاضر ٿين. حضرتِ سيّدُنا سائب بن يزيد رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمائن ٿا: منهنجي ماسي مون کي رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمتِ بابرڪت ۾ وني وئي ۽ عرض ڪيائين: يا رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منهنجو ڀاڻج بيمار آهي" (اهو ٻُڌي) رسول **الله** صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مٿي تي هٿ ڦيرايو ۽ منهنجي لاءِ برڪت جي دعا فرمائي، پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وضو فرمايو ته مان سندن وضو جو بچيل پاڻي پيتو."

(صحيح المسلم، الحديث 2345، ص 1277)

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن ڪو توهان جو اولاد يا گھر جو ڪو ٻيو ڀاتي بيمار ٿئي ته طبي علاج سان گڏوگڏ راهِ خدا ۾ سفر ڪندڙ مدني قافلي ۾ شامل ٿي، ان جي صحت يابيءَ جي لاءِ دعا به ڪريو. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ راهِ خدا ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلي ۾ سفر جي برڪت سان شفايابيءَ جا ڪيترائي واقعا آهن. به مدني بهارون پيش ڪجن ٿيون.

## نظر موٽي آئي

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت حضرت علامه مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه وٽ هڪ شخص پنهنجي مني کي جهوليءَ ۾ کڻي دم ڪرائڻ جي لاءِ آيو ۽ ٻُڌايائين ته ٻار جي نظر ختم ٿي وئي آهي. اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن دم ڪرڻ ڪانپوءِ مشورو

ڏنو تہ اوھان دعوتِ اسلامي جي مدني قافلي ۾ سفر ڪيو ۽ سفر تي وجي دعا ڪريو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ڪرم ٿي ويندو. ٿوري عرصي ڪان پوءِ اھو شخص وري پنھنجي مني کي ڪڻي فيضانِ مدينہ آيو ۽ ٻڌايائين تہ مان عاشقانِ رسول جي مدني قافلي ۾ سفر ڪيو ۽ سفر تي وجي دعا گھري ھئي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ منھنجي مُني جي اکين جي روشني واپس اچي چڪي آھي.

انہیں نہ دیکھا تو کس کام کی ہیں یہ آنکھیں
کہ دیکھنے کی ہے ساری بہار آنکھوں میں

(دعوت اسلامی کی بہاریں قسط اول ص 3)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## علاج ٿي ويو

ھڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آھي تہ اسان جي پاڙيسريءَ جو ٻار ڪنھن موذي مرض ۾ مبتلا ٿي پيو. ڊاڪٽرن ٻڌايو تہ ان جو علاج پاڪستان ۾ نٿو ٿي سگھي، جيڪڏھن ان جي حياتي چاھيو ٿا تہ ان کي ٻاھرين ملڪ ڪڻي وڃو. اھو ويچارو غريب شخص ٻاھرئين ملڪ علاج ڪرائڻ جي لاءِ لکين روپيا ڪٿان آڻي؟ مطلب تہ ھو پنھنجي فرزند دلبند جي زندگي مان نا اميد ٿي ويو. باب المدينہ (ڪراچي) ۾ ٿيڻ وارو ٽن ڏينھن جو سنتن ڀريو اجتماع ويجھو ھو. مون ان کي اجتماع ۾ شرڪت ڪري دعا ڪرڻ جو شوق ڏياريو. تنھن ڪري ھو پنھنجي پياري پٽ کي بہ اجتماع ۾ وني آيو ۽ روئي روئي دعا گھريائين. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ٻار بلڪل تندرست ٿي ويو. جڏھن ڊاڪٽرن ٻار جو ٻيو دفعو طبي معائنو ڪيو تہ حيران رھجي ويا.

(دعوتِ اسلامي ڪي بہاريں حصہ اول ص 15)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## زبان کلڻ کان پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ جو نالو سيکاريو

جڏهن ٻار ٿورو هوشيار ٿئي ۽ زبان کلڻ لڳي ته سڀ کان اڳ ۾ ان کي خالق، مالڪ ۽ رزّاق جو اسمِ ذات "الله" سيکارڻ گهرجي ۽ ان ڳالهه جو اهتمام به ڪيو وڃي ته ان جي پاڪ و صاف زبان مان سڀ کان پهريان ڪلمو طيّب جاري ٿئي.

حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان مروي آهي ته حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته پنهنجي ٻارن جي زبان مان سڀ کان اڳ ۾ لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ چورايو."

(شعب الايمان، الحديث 8649، ج 6 ص 397)

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت حضرت علامه مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي ڌوهٽيءَ جي لاءِ سيني گهروارن کي چئي ڇڏيو هو ته ان جي سامهون "الله الله" جو ذڪر ڪندا رهو ته جيئن ان جي زبان مان پهريون لفظ "الله" ئي نڪري ۽ جڏهن اها سندن جي بارگاهه ۾ آندي ويندي هئي ته پاڻ خود به ان جي سامهون ذِڪرُالله ڪندا هئا. ان ڪري جڏهن انهن جي ڌوهٽيءَ ڳالهائڻ شروع ڪيو ته پهريون لفظ "الله" ئي چيو.

تبليغِ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي مرحوم رڪن الحاج، الحافظ، المفتي محمد فاروق العطاري المدني عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْغَنِی جي مدني منيءَ سندن وفات جي وقت ٻارهن مهينن جي هئي. جڏهن مدني منيءَ کي گهر مان کو چوندو هو ته چئو "پاپا" ته فرمائيندا هئا ته ان کي ائين نه سيکاريو، پر ان جي سامهون "الله الله" چوندا رهو.

(مفتيءِ دعوتِ اسلامي ص 43)

ٻار جڏهن ڳالهائڻ شروع ڪن ته انهن سان گفتگو جي دؤران صرف صاف ۽ سولن ننڍڙن جملن ۾ ڳالهايو. ٻار شروع ۾ ٻاتو ڳالهائيندا آهن پر اوهان ائين نه ڪيو چوته اهڙي حالت ۾ هو ان انداز کي سنو سمجهڻ شروع ڪندا آهن ۽ انهن جي اها عادت وڏي هوندي به باقي رهندي آهي.

## پيءُ جو نالو ۽ گهر جي ايڊريس ياد ڪرايو

جيئن ئي ٻار گهر کان نڪرڻ جي لائق ٿي وڃي ته ان کي ان جي پيءُ، ڏاڏي ۽ چاچي جو نالو، گهٽي يا پاڙي جو نالو ياد ڪرايو ته جيئن خدانخواسته گم ٿيڻ جي صورت ۾ ان کي سولائيءَ سان گهر پهچائي سگهجي. جيڪڏهن توهان ان ڪم ۾ سستي ڪندا ته ٿي سگهي ٿو ته ٻار گم ٿي وڃڻ جي صورت ۾ جلد نه ملي سگهي، چوته جيڪو به ماڻهو ان کي گهر پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو اهو ان کان ان جو نالو ۽ ايڊريس پُڇا ڪندو ۽ جواب ۾ ٻار جيڪڏهن اهو چوندو ته مان پنهنجي پيءُ جو پٽ آهيان ۽ پنهنجي گهر ۾ رهندو آهيان ته پوءِ ان جي گهر وغيره جو ڪوبه پتو نه پئجي سگهندو.

## ضروري عقيدا سيکاريا وڃن

والدين کي گهرجي ته جڏهن اولاد شعور واري عمر کي پهچي ته ان کي اللّٰه تعاليٰ فرشتن، آسماني ڪتابن، انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام، قيامت، جنّت و دوزخ جي باري ۾ ترتيب سان عقيدا سيکاريا وڃن. ٻارن کي ٻُڌايو ته اسان کي اللّٰه تعاليٰ پيدا ڪيو آهي، اهو ئي اسان کي رزق عطا فرمائيندو آهي. ان ئي اسان کي زندگي ڏني آهي، اهو ئي موت ڏيندو. اسين صرف ان جي ئي عبادت ڪندا آهيون. اهو جسم، جاءِ ۽ گهر کان پاڪ آهي. (ڪي والدين اللّٰه تعاليٰ جو نالو وٺڻ تي

پنهنجي ٻار کي آسمان ڏانهن آگر کڻي سيکاريندا آهن، ائين نہ ڪرڻ گهرجي) اهو ڪنهن جو بہ محتاج ناهي سڄي ڪائنات ان جي محتاج آهي. اهو اولاد کان پاڪ آهي، اهو هميشہ کان آهي ۽ هميشہ رهندو ۽ جيڪو ڪجهہ ٿي چڪو آهي ۽ جيڪو ٿي رهيو آهي يا ٿيندو اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو. ملائڪ ان جي نوري مخلوق آهن، جيڪي ان جي حڪم سان مختلف ڪم سرانجام ڏين ٿا. مثال طور برسات وسائڻ، هوا هلائڻ، ڪنهن جو روح ڪڍڻ وغيره.

الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن جي هدايت جي لاءِ ڪافي صحيفا ۽ ڪتاب نازل فرمايا آهن جن ۾ چار ڪتاب تمام گهڻا مشهور آهن:

(1) تورات (حضرت سيّدُنا موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تي نازل ٿيو)
(2) زبور (حضرت سيّدُنا داوٗد عَلَيْهِ السَّلَام تي نازل ٿيو)
(3) انجيل (حضرتِ سيّدُنا عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تي نازل ٿيو)
(4) قرآن ڪريم (اسان جي نبي حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي نازل ٿيو)

الله تعاليٰ پنهنجي مخلوق جي رهنمائي جي لاءِ نبين ۽ رسولن کي موڪليو جن جو مڪمل تعداد اهو ئي ڄاڻي ٿو ۽ سڀ کان آخر ۾ اسان جي نبي محمد مصطفيٰ، احمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي موڪليو، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله عَزَّوَجَلَّ جا آخري نبي آهن. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کانپوءِ ڪوبہ نبي نہ ايندو. الله تعاليٰ سندن کي اعليٰ شان عطا فرمايو آهي.

قيامت مان مُراد اها آهي تہ هڪ وقت اهڙو ايندو جو هي آسمان ۽ هي زمين سڀ تباهہ ٿي ويندا. پوءِ مُردا پنهنجي قبرن مان اٿندا ۽ محشر جي ميدان ۾ پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيندا ۽ پنهنجي عملن جو حساب ڏيندا پوءِ جنهن جا عمل سٺا هوندا ان کي

جنّت ملندي ۽ جنهن جا عمل بُرا هوندا ان کي دوزخ ۾ وجھو پوندو.
ٻار جي ذهن ۾ جنّت جو شوق ۽ جهنّم جو خوف ويهاريو.
ان سلسلي ۾ ٻار جي سمجھ سوچ مطابق جنّت جي انعامن ۽ جهنّم جي عذابن جون روايتون ٻُڌايو ۽ ان کي ٻڌايو تہ جيڪڏهن اسين الله تعاليٰ ۽ ان جي پياري محبوب، داناءِ غُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اطاعت ڪنداسين تہ اسان کي جنّت ملندي ۽ جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ۾ زندگي گذارينداسين تہ جهنّم جو عذاب اسان جو مقدّر بڻجي ويندو. (وَالعِيَاذُ بِاللهِ عَزَّوَجَلَّ) (بهار شريعت حصہ اول)

## حڪايت

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه نهر جي ڪناري سان وڃي رهيا هئا ڏٺائون تہ هڪ ٻار ڪناري تي وينو وضو ڪري رهيو آهي ۽ روئي بہ رهيو آهي. پاڻ ان ٻار کان پڇڻ لڳا تہ تون ڇو ٿو روئين؟ ان عرض ڪيو: مان قرآن پاڪ جي تلاوت ڪري رهيو هوس، جڏهن ان آيت تي پهتس:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَ اَهْلِيْكُمْ نَارًا وَّ قُوْدُهَا النَّاسُ وَ الْحِجَارَةُ (پ 28 التحريم: 6)

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! پنهنجين جانين ۽ پنهنجي گهروارن کي ان باھ کان بچايو جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر آهن.

تہ مان ڊڄي ويس جو الله تعاليٰ ڪٿي مون کي جهنّم ۾ وجھي نہ ڇڏي. پاڻ فرمايائون، ننڍڙا! تون تہ تمام ننڍڙو آهين، تون جهنّم ۾ نہ ويندين. هو چوڻ لڳو: ”بابا سائين! اوهان تہ سمجھ وارا آهيو، ڇا توهان کي خبر ناهي تہ جڏهن ماڻهو پنهنجي ضرورتن جي لاءِ باھ ٻاريندا آهن تہ اڳ ۾ ننڍين ڪاٺين کي وجھندا آهن، پوءِ وڏيون

ڪائيون وجهندا آهن. اهي بزرگ ان ننڍي ٻار جي ان انداز کي ڏسي ڏاڍو رُنا ۽ فرمائڻ لڳا: ”اهو ٻار اسان کان وڌيڪ جهنّم جي باھ کان ڊڄي ٿو تہ پوءِ اسان جو ڇا حال ٿيندو.“ (درة الناصحين، ص 263)

**اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ٻار جي دل ۾ نبي ڪريم ﷺ جي محبت پيدا ڪريو

والدين کي گهرجي تہ ڪڏهن سرڪارِ مدينہ، فيض گنجينہ، راحتِ قلب وسينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي سيرت جا مختلف واقعا ٻار کي ٻُڌائيندا رهن تہ جيئن ان جي دل ۾ عشقِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڌندو ويجهندو رهي.

حضرتِ سيّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاحِ افلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: توهان مان ڪوبہ ان وقت تائين (ڪامل) مؤمن نٿو ٿي سگهي جيستائين مان ان وٽ ان جي والدين ان جي اولاد ۽ سڀني ماڻهن کان وڌيڪ پيارو نہ ٿي وڃان.“ (صحيح البخاري، الحديث 14 ج 1 ص 15)

پنهنجي ٻار کي سرڪارِ مدينہ، فيض گنجينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود شريف پڙهڻ جي عادت وجهو. ان لاءِ خاص طور تي ٻار جي سامهون رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو تذڪرو اچڻ تي محبت سان درود شريف مثال طور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهندا ڪريو ۽ صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! (يعني حبيبِ خدا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پڙهو) چئي ٻار کي بہ درود شريف پڙهڻ جو شوق ڏياريو. ڪڏهن ٻار کي درود شريف پڙهڻ جون فضيلتون ٻُڌائيندا رهو. ڪجهہ روايتون خدمت ۾ پيش ڪجن ٿيون.

(1) نور جي پيڪر، سيني نبين جي سروَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عظمت نشان آهي ”الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا جڏهن پاڻ ۾ ملن، مصافحو ڪن ۽ نبي (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي درود شريف موڪلين تہ انهن جي جدا ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي انهن ٻنهي جا اڳيان پويان گناھ بخش ڪيا وڃن ٿا.“(مسند ابي يعليٰ، الحديث 2951، ج 3 ص 95)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(2) حضور نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ رحمت نشان آهي: ”مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود شريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.“ (الجامع الصغير، الحديث 1406 ص 87)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(3) سيدُالمبلّغين، رحمةٌ لِّلعٰلمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان جنّت نشان آهي: ”بيشڪ الله تعاليٰ هڪ فرشتو منهنجي قبر تي مقرر ڪري ڇڏيو آهي جنهن کي سموري مخلوق جي آوازن کي ٻڌڻ جي طاقت عطا فرمائي آهي، بس قيامت جي ڏينهن تائين جيڪو بہ مون تي درودِ پاڪ پڙهندو تہ اهو مون کي ان جو ۽ ان جي پيءُ جو نالو پيش ڪندو آهي تہ فلاڻي پٽ فلاڻي جي اوهان تي هن وقت درودِ پاڪ پڙهيو آهي. (مجمع الزوائد، الحديث 17291، ج 10 ص 251)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(4) الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّهٌ عَنِ العُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عظمت نشان آهي. جيڪو مون تي سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهندو الله عَزَّوَجَلَّ ان جون سؤ حاجتون پوريون فرمائيندو، انهن مان 30 دنيا جون ۽ ستر آخرت جون.“ (ڪنز العمال، الحديث 2229، ج 1، ص 255)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(5) خاتم المرسلين، رحمةٌ للعٰلمين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ رحمت نشان آهي: ”قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي وڌيڪ ويجهو اهو هوندو جنهن دنيا ۾ مون تي وڌيڪ درود پڙهيا هوندا.“

(جامع الترمذي، الحديث 484، ج 2 ص 27)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(6) حُسنِ اخلاق جي پيڪر، سيني نبين جي تاجوَر، محبوبِ ربّ اڪبر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عظمت نشان آهي: ”مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.“

(الدر المنثور ج 6 ص 654)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(7) ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، حبيبِ پروردگار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عظمت نشان آهي: ”اي انسانو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن ۽ حساب ڪتاب کان جلد ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ وارو اهو شخص هوندو جنهن توهان مان مون تي دنيا ۾ ڪثرت سان درود شريف پڙهيا هوندا.“

(فردوس الاخبار ، الحديث 8210 ج 2، ص 471)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(8) نبي مڪرّم، نورِ مجسّم، رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”جنهن مون تي سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ته الله تعاليٰ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي ته هي نفاق ۽ جهنّم جي باھ کان آزاد آهي ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو.“

(مجمع الزوائد، الحديث 17298، ج 10 ص 252)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

(9) شهنشاهِ مدينه، قرارِ قلب و سينه، صاحبِ معطر پسينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عظمت نشان آهي: ”جيڪو مون تي هڪ ڏينهن هڪ هزار ڀيرا درود شريف پڙهندو اهو ان وقت تائين نه مرندو جيستائين جنّت ۾ پنهنجي جاءِ نه ڏسي وٺي.“

(الترغيب والترهيب، الحديث 22 ج 2 ص 328)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(10) رسولِ بي مثال، بيبي آمنه جي لال صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آهي: ”جنهن ڏينهن ۽ رات جو مون ڏانهن شوق ۽ محبّت سان ٽي ٽي ڀيرا درود شريف پڙهيو، الله تعاليٰ تي حق آهي ته اهو ان جي ان ڏينهن ۽ ان رات جا گناهہ بخشي ڇڏي.“

(المعجم الكبير الحديث 928، ج 2 ص 361)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

والدين کي گهرجي ته جڏهن به نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڪ نالو اچي ته پنهنجن آڱوٺن کي چمي ڪري اکين تي لڳائين. ان جو ثبوت هن روايت ۾ آهي:

حضرتِ سيّدُنا امام حسن المجتبيٰ رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن فرمايو ته جيڪو شخص اذان چوڻ واري کي اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللهِ چوندي ٻُڌي ته هي دعا پڙهي: مَرْحَبًا بِحَبِيْبِىْ وَقُرَّةِ عَيْنِىْ مُحَمَّدِ بْنِ عَبْدِاللهِ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ پنهنجي آڱوٺن کي چمي ڪري اکين سان لڳائي ته اهو نه ڪڏهن انڌو ٿيندو ۽ نه ئي ڪڏهن ان جي اکين ۾ سور ٿيندو.

(المقاصد الحسنة، تحت الحديث 1021، ص 390)

سيّد المحبوبين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر ايمان جو نُور ۽ دلين جو سُرور آهي، ان ڪري والدين کي گهرجي ته پنهنجي ٻار ۾ سرڪارِ مدينه، فيض گنجينه، راحتِ قلب و سينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن

جي نعتن پڙهڻ ۽ ٻُڌڻ جو شوق ۽ ذوق بيدار ڪن.

## اصحابن سڳورن ۽ اهلبيت اطهار رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُم اَجْمَعِيْن جي محبت سيکاريو

پنهنجي بزرگن سان عقيدت ۽ محبت جو تعلق ايمان جي مضبوطي جو ذريعو آهي، ان ڪري والدين کي گهرجي تہ پنهنجي ٻارن جي دل ۾ اصحابن سڳورن ۽ اهلبيت رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُم اَجْمَعِيْن جي عقيدت پيدا ڪن ۽ ٻارن کي انهن پاڪ هستين جي سيرت جا نوراني واقعا ٻُڌائين.

حضرتِ سيِّدُنا عبدالله بن مغفل رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ نور جي پيڪر، سيني نبين جي سرور صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”منهنجي اصحابن جي باري ۾ الله عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄو، مون کان پوءِ انهن کي اعتراض جو نشانو نہ ٺاهجو، جنهن انهن سان محبت ڪئي تہ ان منهنجي محبت جي ڪري انهن سان محبت ڪئي ۽ جن بہ انهن سان ڪينو رکيو تہ ان مون سان ڪيني جي ڪري انهن سان ڪينو رکيو ۽ جنهن انهن کي ايذايو تہ ان مون کي ايذاءُ ڏنو ۽ جنهن مون کي ايذايو، ان الله عَزَّوَجَلَّ کي ايذايو ۽ قريب آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي پنهنجي پڪڙ ۾ وٺي. (سنن ترمذي، الحديث 3888، ج 5 ص 463)

حضرتِ سيِّدُنا ابوذر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ ڪعبة الله شريف جو دروازو پڪڙي فرمايو تہ مان سرڪارِ مدينہ، فيض گنجينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي فرمائيندي ٻُڌو: ”خبردار توهان ۾ منهنجي اهلبيت جو مثال نوح عَلَيْهِ السَّلَام جي ٻيڙيءَ وانگر آهي، جيڪو ان ۾ سوار ٿيو، اهو ڇوٽڪارو ماڻي ويو ۽ جيڪو پوئتي رهجي ويو اهو تباهہ ٿي ويو.“ (المستدرڪ، الحديث 4774، ج 4 ص 132)

## ولين سڳورن رَحِمَهُمُ اللهُ تَعَالٰی جو ادب سيکاريو

پنهنجي اولاد کي الله تعاليٰ جي ولين جو ادب سيکاريو ۽ انهن جي پيرويءَ جو ذهن ٺاهيو. پنهنجي مقبول ٻانهن جي باري ۾ الله تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو:

اَلَاۤ اِنَّ اَوْلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿۶۲﴾ (سيپارو 11 يونس: 62)

ترجموڪنزالايمان: خبردار! ٻڌو ته الله تعاليٰ جي ولين تي نه ڪجهه خوف آهي نه ڪجهه غم.

نبي مڪرّم، نورِ مجسّم، رسولِ اڪرم، شهنشاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عاليشان آهي: ”جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪنهن وليءَ سان دشمني رکي ٿو ته تحقيق ان الله عَزَّوَجَلَّ سان جنگ جو اعلان ڪيو.“ (سنن ابن ماجه، الحديث 3989، ج 4 ص 350)

پر اهو ياد رکو ته ڪو به ولي يا بزرگ چاهي اهو ڪيڏو به عظيم ڇو نه هجي، شرعي حڪمن جي پابنديءَ کان بري نٿو ٿي سگهي، ان ڪري ڏاڙهي ڪوڙائڻ، هڪ مٺ کان گهٽائڻ، گار گند ڪرڻ، گانا ٻُڌڻ، فلمون ڊراما ڏسڻ، نامحرم عورتن جو هٿ ونڻ وارو ۽ ٻيا سرِعام گناهه ڪرڻ وارو شخص ڪڏهن به ولي نٿو ٿي سگهي. ڪجهه جاهل ايتري تائين چوندا آهن ته شريعت هڪ رستو آهي ۽ رستي جي حاجت انهن کي ٿيندي آهي جيڪو مقصود تائين نه پهتو هجي، اسين ته پهچي وياسين. اهڙن جي باري ۾ سيّد الطّائفه حضرتِ سيّدُنا جُنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمايو: ”بيشڪ اهي سچ ٿا چون، اهي پهچي ويا پر ڪٿي؟ جهنّم ۾.“ (اليواقيت والجواهر ص 206)

## پنهنجي ٻارن کي قرآن پڙهايو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قرآن هڪ نُور آهي جيڪڏهن ٻارن جي

دل ۽ دماغ کي قرآن جي نور سان سينگاريو وڃي ته اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ انهن جو باطن به منوّر ٿي ويندو. مُعلّمِ اعظم، شفيع معظّم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي اولاد کي قرآن جي تعليم سان آراسته ڪرڻ وارن جي لاءِ ڪيترين ئي بشارتون عطا فرمايون آهن.

(1) حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته جنهن شخص دنيا ۾ پنهنجي ٻار کي قرآن پڙهڻ سيکاريو ته قيامت جي ڏينهن جنّت ۾ ان شخص کي تاج پارايو ويندو، جنهن ڪري جنّت وارن کي خبر پئجي ويندي ته ان شخص دنيا ۾ پنهنجي پٽ کي تعليم ڏياري هئي.“ (المعجم الاوسط، الحديث 96، ج 1 ص 40)

(2) ٻنهي جهانن جي سلطان، سروَرِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مغفرت نشان آهي: جنهن شخص پنهنجي پٽ کي ناظره قرآن شريف سيکاريو ته ان جا سڀ اڳيان پويان گناه بخش ڪيا ويندا آهن.

(المعجم الاوسط، الحديث 9635، ج 1 ص 524)

جيڪڏهن ٻار جو شوق هجي ته ان کي قرآن پاڪ به ياد ڪرايو، ان جي فضيلت تمام گهڻي آهي. حضرتِ سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّهٌ عنِ العُيُوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن شخص پنهنجي پٽ کي قرآن مجيد ڏسي ڪري پڙهائڻ سيکاريو ته ان جا اڳيان پويان گناه بخش ڪيا وڃن ٿا ۽ جنهن پنهنجي ٻار کي بغير ڏسي ڪري پڙهائڻ سيکاريو ته الله تعاليٰ ان پيءُ کي چوڏهين رات جي چنڊ وانگر اٿاريندو ۽ ان جي پٽ کي چوندو ته ”پڙهه“ پوءِ جڏهن هو هڪ آيت پڙهندو ته الله تعاليٰ ان جي پيءُ جو هڪ درجو بلند فرمائيندو، ايتري تائين جو هو سڄو قرآن پاڪ پورو پڙهي ڇڏي.“

(المعجم الاوسط، الحديث 1935، ج 1، ص 524)

والدين کي گھرجي تہ پنھنجي ٻار کي قرآن پاڪ پڙھائڻ جي لاءِ اھڙي صحيح العقيده قاري صاحب جو انتخاب ڪن جيڪو ٻار کي صحيح مَخارج سان قرآن پاڪ پڙھائي. ڇوتہ قرآن پاڪ ايتري تجويد سان پڙھڻ فرضِ عين آھي جو اکر ھڪٻئي کان صحيح نموني سان الڳ الڳ ھجن. ان سان گڏوگڏ اھو قاري صاحب ٻار جي تربيّت ۾ والدين جو مددگار بہ ٿئي.

## مدرسة المدينہ

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي تحت ملڪ جي اندر ۽ ٻاھر حفظ و ناظره جا ھزارين مدرسا "مدرسة المدينہ" جي نالي سان قائم آھن، جتي ٻارن کي قرآن پاڪ جي تعليم سان گڏوگڏ انھن جي اخلاقي تربيت تي بہ خاص ڌيان ڏنو ويندو آھي. صرف پاڪستان ۾ ھن وقت تائين تقريبًا ٻاھتر ھزار مدني منن ۽ مدني مُنيّن کي مفت تعليم ڏني وڃي پئي. والدين کي گھرجي تہ پنھنجي ٻار جي بھترين تربيّت جي لاءِ ان کي ويجھي مدرسة المدينہ ۾ داخل ڪرائين.

## ستن سالن کان نماز جي تاڪيد ڪريو

جڏھن ٻار ستن سالن جو ٿي وڃي تہ ان کي نماز پڙھائڻ سيکاريو ۽ ان کي پنج وقت نماز ادا ڪرايو تہ جيئن ننڍي ھوندي کان ئي نماز جي ادائگي جي عادت پُختي ٿي وڃي. ٻار کي خاص طور تي صبح سوير اٿڻ ۽ وضو ڪرائي نماز پڙھڻ جي عادت وجھو. پر سردين ۾ ٻار کي وضو جي لاءِ گرم پاڻي مھيا ڪري ڏيو تہ جيئن ھو ٿڌي پاڻيءَ جي تڪليف کان گھٻرائجي وضو ۽ نماز

ڪان بيزار نہ ٿئي. بلڪ والد صاحب کي گھرجي تہ ان کي مسجد ۾ پاڻ سان گڏ وٺي وڃي پر پهريان ان کي مسجد جا آداب سيکاري تہ مسجد ۾ گوڙ ناهي ڪرڻو، هيڏانهن هوڏانهن ناهي ڀڄڻو، نمازين جي اڳيان ناهي گذرڻو وغيره. پوءِ ان کي جماعت جي سيني کان آخري صف ۾ ٻين ٻارن سان گڏ ٻيهاريو. ان حڪمت عمليءَ سان ٻار جو مسجد سان روحاني رشتو قائم ٿي ويندو. اِن شآءالله عَزَّوَجَلّ

نبي مڪرّم، رحمت عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”ٻارن کي ستن سالن جي عمر تيڻ تي نماز سيکاريو ۽ ڏهن سالن جي ٿيڻ تي انهن کي نماز جي مُعاملي تي ماريو.“

(سنن ترمذي، الحديث 407 ج 1 ص 416)

## نماز جا عادي

جڏهن محدّثِ اعظم حضرتِ علامہ مولانا سردار احمد رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ننڍپڻ ۾ هلڻ ڦرڻ جهڙا ٿيا تہ پنهنجي والد ماجد سان گڏ مسجد ۾ نماز پڙهڻ جي لاءِ وڃڻ شروع ڪيو. (حياتِ محدثِ اعظم ص 30)

## روزو رکرايو

نماز وانگر روزي رکڻ جي بہ عادت وجهو. ان کي روزي جي مشق ائين ڪرائي وڃي جو پهريائين ان کي ڪجهہ ڪلاڪ بُکيو رکڻ جو ذهن ڏنو وڃي پوءِ آهستي آهستي ان وقفي کي وڌايو وڃي ۽ جڏهن ٻار روزو رکڻ جي قابل ٿي وڃي تہ ان کي روزو رکرايو وڃي، پر ان کي اهو ياد ڪرايو وڃي تہ رُڃُو بُک ۽ اُڃ برداشت ڪرڻ جو نالو روزو ناهي، پر روزي ۾ هر بُري ڪم کان بچڻ گھرجي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## روزي ڪشائي جي تقريب

اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مُجدّد دين و ملّت الشاه مولانا احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي روزي ڪشائي جي تقريب جو حال بيان ڪندي مولانا سيّد ايوب علي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی فرمائن ٿا ته ”رمضان مبارڪ جو مقدس مهينو آهي ۽ اعليٰ حضرت قُدِّسَ سِرُّهُ الْعَزِيْز جي پهرين روزي رکڻ جي تقريب آهي، گهر مبارڪ ۾ جتي افطار ۽ ڪافي قسم جو سامان آهي. هڪ محفوظ ڪمري ۾ ڪيرٽي جا پيالا ڄمائڻ جي لاءِ رکيا ويا آهن. سج نصف النهار تي آهي ۽ بلڪل سخت گرميءَ جو وقت آهي ۽ حضور جن جا والد ماجد ڪين ان ڪمري ۾ وٺي وڃن ٿا، دروازي جا تاڪ بند ڪري هڪ پيالو ڪٽي ڏين ٿا ته ”اها کائو“ پاڻ عرض ڪن ٿا ته مون کي ته روزو آهي ڪيئن کاوان؟ ارشاد ٿئي ٿو ته ٻارن جو روزو ته ائين ئي ٿيندو آهي، وٺو کائو، مون دروازو بند ڪري ڇڏيو آهي، ڪو ڏسڻ وارو به ڪونهي. پاڻ عرض ڪن ٿا: ”جنهن جي حڪم سان روزو رکيو آهي اهو ته ڏسي رهيو آهي“ اهو ٻُڌي حضور جن جي والد ماجد جي مبارڪ اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا ۽ ڪمرو کولي ٻاهر وٺي آيا. (حيات اعليٰ حضرت، ص 87)

## ديني تعليم ڏياري وڃي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجي اولاد کي ڪامل مسلمان بڻائڻ جي لاءِ ديني علم جي زيور سان آراسته ڪرڻ تمام ضروري آهي، پر افسوس! اڄ ڪلهه ديني تعليم جو رجحان نه هئڻ جي برابر آهي. پنهنجي ذهين ٻار کي دنيا جا علم ۽ فن ته خوب سيکاريا وڃن ٿا، پر سنّتون سيکارڻ ڏانهن ڌيان ئي ناهي ڏنو ويندو. جيڪڏهن ٻار ٿورو ذهين آهي ته ان جي والدين جي دل ۾ ان کي ڊاڪٽر، انجنيئر،

پروفيسر، ڪمپيوٽر پروگرامر بڻائڻ جي خواهش جنم وٺندي آهي ۽ ان خواهش جي تڪميل جي لاءِ ان جي ديني تربيت کان منهن موڙي مغربي تهذيب جي نمائندگي ڪندڙ ادارن جي مخلوط ماحول ۾ تعليم ڏيارڻ ۾ ڪو بہ عار محسوس ناهي ڪيو ويندو، بلڪ ان کي اعليٰ تعليم جي لاءِ ڪافرن جي حوالي ڪرڻ کان بہ پاسو ناهي ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن ٻار گهٽ ذهن وارو يا شرارتي يا معذور آهي تہ جان ڇڏائڻ جي لاءِ ان کي ڪنهن دارالعلوم يا مدرسي ۾ داخل ڪرايو ويندو آهي.

ظاهري طور تہ ان جو سبب اهو ٿو نظر اچي تہ والدين جي اڪثريت جي نگاھ دنيا جي مال ۽ عزت تي هوندي آهي. آخرت جي مرتبن کي حاصل ڪرڻ انهن جي نظر ۾ نہ هوندو آهي، والدين کي گهرجي تہ پهريان پنهنجي اولاد کي ضروري ديني تعليم ڏيارين ۽ ان کي گهٽ مان گهٽ نماز ۽ روزي جا مسئلا، ٻيا فرض و واجب، حلال و حرام، خريد و فروخت، اجاره يعني معاوضي تي خدمت ڏيڻ يا وٺڻ، حقوق العباد وغيره جا شرعي حڪم سيکاريا وڃن.

ان کان پوءِ جيڪڏهن چاهيو تہ اها دنياوي تعليم جنهن سان شرعي حڪمن جي خلاف ورزي نہ ٿيندي هجي، پلي ڏياريو، پر بهتر هي آهي تہ ان کي درسِ نظامي (يعني عالم ڪورس) ڪرايو تہ جيئن هو عالم ٿيڻ کانپوءِ معاشري ۾ لائقِ تقليد ڪردار جو مالڪ بڻجي ۽ ٻين کي ديني علم بہ سيکاري. ترغيب ڏيارڻ لاءِ دين جو علم سکڻ جون ڪجھ فضيلتون پيش ڪجن ٿيون:

حضرتِ سيّدُنا ابودرداء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ مان سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي فرمائيندي ٻُڌو: ”جيڪو علم

جي ڳولا ۾ ڪنهن رستي تي هلندو آهي تہ اللّٰه تعاليٰ ان جي لاءِ جنّت جو رستو آسان فرمائي ڇڏيندو آهي ۽ بيشڪ ملائڪ طالبعلم جي عمل کان خوش ٿي انهن جي لاءِ پنهنجا پَرَ وِڇائي ڇڏيندا آهن ۽ بيشڪ زمين و آسمان ۾ رهندڙ ايتري تائين جو پاڻي ۾ مڇيون طالبعلم جي لاءِ استغفار ڪنديون آهن ۽ عالم جي فضيلت عابد تي اهڙي آهي جهڙي چوڏهينءَ جي رات جي چنڊ جي ٻين تارن تي ۽ بيشڪ عالم نبين عَلَيْهِمُ السَّلَام جا وارث آهن ۽ نبي سڳورا عَلَيْهِمُ السَّلَام درهم ۽ دينارن جا وارث تہ ناهن ڪندا، پر اهي پاڪ هستيون علم جا وارث ڪنديون آهن، تہ پوءِ جنهن ان کي حاصل ڪيو ان وڏو حصو حاصل ڪري ورتو. (سنن ابن ماجہ، الحديث 223 ، ج 1 ص 145)

طبراني شريف ۾ حضرتِ سيّدُنا علي المرتضيٰ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم کان روايت آهي تہ پياري محبوب، داناءِ غيوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جيڪو بانهو علم جي جدوجهد ۾ جوتا، موزا يا ڪپڙا پائيندو آهي تہ پنهنجي گهر جي چائنٺ کان نڪرندي ئي ان جا گناهہ مُعاف ڪيا ويندا آهن.“ (المعجم الاوسط، الحديث 5722، ج 4، ص 204)

حضرتِ سيّدُنا عبداللّٰه ابنِ عَمرو رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مسجد ۾ ٻن مجلسن وٽان گذريا تہ فرمايائون تہ اهي ٻئي ڀلائيءَ تي آهن، پر هڪ مجلس ٻي کان بهتر آهي. هڪ مجلس وارا اللّٰه تعاليٰ کان دعا گهري رهيا آهن، اوڏانهن راغب آهن، جيڪڏهن چاهي تہ انهن کي ڏئي يا نہ ڏئي ۽ ٻي مجلس وارا پاڻ بہ علم ۽ فقہ سکي رهيا آهن ۽ اڻ ڄاڻن کي سيکاري بہ رهيا آهن، اهي افضل آهن. مونکي تہ معلّم بڻائي موڪليو ويو آهي، پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن

وٽ تشريف فرما ٿيا.

## استاد جو انتخاب

انهن شفاف آئينن ۾ تقويٰ ۽ پرهيزگاري جي نقش نگاري ڪرڻ ۽ شيطان جي ڪاريگريءَ کان محفوظ رکڻ جي لاءِ ضروري آهي ته ٻارن جي تعليم جي لاءِ اهڙو استاد ڳوليو وڃي جيڪو خدا عَزَّوَجَلَّ جي خوف ۽ عشقِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پيڪر هجي، پر افسوس! جو هن زماني ۾ اهو اهم انتخاب به دنيا جي گهرجن ۽ سهولتن تي قربان ڪيو ويندو آهي. تاريخ شاهد آهي ته اسلامي دنيا ۾ جيترا به لعل ۽ جواهر پيدا ٿيا انهن جي تعليم ۽ تربيت خدا ترس ۽ شريف النفس عالمن ۽ استادن جي هٿان ٿي.

حديث ۾ آهي ته: بيشڪ اهو دين جو علم آهي ۽ توهان مان هر شخص ڏسي ته هو ڪنهن کان دين حاصل ڪري رهيو آهي.

(ڪنز العمال، الحديث 29260 ج 10 ص 105)

## جامعة المدينه

اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي انتظام تحت ڪيترائي جامعات ”جامعة المدينہ“ جي نالي سان قائم آهن. انهن جي ذريعي بيشمار اسلامي ڀائرن کي (ضرورت مطابق قيام و طعام جي سهولت سان) درسِ نظامي (يعني عالم ڪورس) ۽ اسلامي ڀينرن کي عالمہ ڪورس جي مفت تعليم ڏني ويندي آهي، ان سان گڏوگڏ جامعات ۾ اهڙو ته مدني ماحول مهيا ڪيو ويندو آهي جو اتان پڙهندڙ علم ۽ عمل جا پيڪر بڻجي ٿا نڪرن. اوهان به پنهنجي اولاد کي علم و عمل سيکارڻ جي لاءِ جامعة المدينہ ۾ تعليم ڏياريو.

## علم جو شوق

امامِ اهلسنّت، مجدّد دين و ملت الشاھ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي پيڻ جو بيان آهي تہ ”اعليٰ حضرت (ننڍپڻ ۾) ڪڏهن بہ پڙهائي کان نہ ڪيٻائيندا هئا. پاڻ پابنديءَ سان پڙهڻ جي لاءِ ويندا هئا. جمعي جي ڏينهن بہ چاهيندا هئا تہ پڙهڻ وڃن پر والد صاحب جي منع ڪرڻ تي ويهي رهندا هئا. (حياتِ اعليٰ حضرت ج 1 ص 89)

## آداب سيکاريو

حضرتِ سيّدُنا جابر بن سمره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ روايت ڪن ٿا تہ حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”انسان جو پنهنجي ٻار کي ادب سيکارڻ هڪ صاع صدقي ڪرڻ کان بہ بهتر آهي.“ (سنن الترمذي، الحديث 1958، ج 3 ص 382)

الله جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ رحمت نشان آهي: ”ڪنهن پيءُ پنهنجي پٽ کي سٺو ادب سيکارڻ کان وڌيڪ ڪوبہ عطيو ناهي ڏنو.“
(سنن الترمذي، الحديث 1959، ج 3 ص 383)

والدين کي گهرجي تہ پنهنجي ٻار کي مختلف آداب سيکارين، سهولت خاطر هتي ڪجهہ آداب جو بيان ڪيو وڃي ٿو.

## کائڻ جا آداب

کاڌو الله تعاليٰ جي وڏي لذيذ نعمت آهي، جيڪڏهن سنّتِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مطابق ماني کاڌي وڃي تہ اسان کي پيٽ ڀرڻ سان گڏوگڏ ثواب بہ ملندو. ان لاءِ والدين کي گهرجي تہ پنهنجي اولاد کي سنّت مطابق ماني کائڻ جي عادت وجهن. ان سلسلي ۾ انهن جو ذهن ٻڌايو تہ:

(1) هر ڪاڏي ڪان پهريان پنهنجا هٿ ڪاراين تائين ڌوئو. حضرتِ سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ روايت ڪن ٿا ته نُور جي پيڪر، سيني نبين جي سروَر صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جيڪو اهو پسند ڪري ته الله تعاليٰ ان جي گهر ۾ برڪت وڌيڪ ڪري ته ان کي گهرجي ته جڏهن ڪاڌو آندو وڃي ته وضو ڪري ۽ جڏهن ڪنيو وڃي تڏهن به وضو ڪري.“ (سنن ابن ماجه، الحديث 3260، ج 4 ص 9)

حڪيمُ الامت مفتي احمد يار خان نعيمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْغَنِی لکن ٿا: ”ان يعني ڪاڌي جي وضو جي معنيٰ اها آهي ته هٿ ۽ وات جي صفائي ڪرڻ ۽ گرڙي ڪرڻ.“ (مراٰة المناجيح، ج 6 ص 32)

(2) جڏهن به ڪاڌو کائو ته ويهي ڪري کائو جو سنّت آهي. ويهڻ جو طريقو اهو آهي ته کابو پير وڇائي ۽ ساڄو اڀو رکو يا سُرين پر ويهو يا ٻئي گوڏا اڀا ڪري يا پلٿي هڻي ويهو. (ٽنهي طريقن مان جيئن به ويهندؤ ته سنّت ادا ٿي ويندي) (اشعة اللمعات، ج 3 ص 518)

(3) کائڻ کان اڳ ۾ جوتا لاهي ڇڏيو. حضرتِ سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته جڏهن ڪاڌو کائڻ ويهو ته جوتا لاهي ويهو، ان ۾ توهان جي پيرن جي لاءِ آرام آهي.“ (سنن الدارمي، الحديث 208، ج 2 ص 148)

(4) کائڻ کان اڳ ۾ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط پڙهو. حضرتِ سيّدُنا حذيفه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جنهن ڪاڌي تي بسم الله نه پڙهي وڃي ان ڪاڌي کي شيطان پنهنجي لاءِ حلال سمجهندو آهي.“
(صحيح مسلم، الحديث 2017 ص 1116)

حضرتِ سيدتنا عائشه صديقه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهَا کان روايت آهي ته ٻنهي جهانن جي تاجوَر، سلطانِ بحر وبر صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو:

جڏهن توهان مان ڪوبه ڪاڏو ڪائي ته ان کي گهرجي ته اڳ ۾ بِسۡمِ اللهِ پڙهي. جيڪڏهن شروع ۾ بِسۡمِ اللهِ پڙهڻ وساري وينو ته پوءِ هيئن چوي بِسۡمِ اللهِ اَوَّلَهٗ وَاٰخِرَهٗ. (سنن ابي داوٗد، الحديث 3767، ج 3 ص 487)

(5) ڪائڻ کان اڳ ۾ هيءَ دعا جيڪڏهن پڙهي وجي ته پوءِ جيڪڏهن ڪاڌي ۾ زهر به هوندو ته اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اثر نه ڪندو. بِسۡمِ اللّٰهِ الَّذِیۡ لَایَضُرُّ مَعَ اسۡمِهٖ شَیۡءٌ فِی الۡاَرۡضِ وَلَا فِی السَّمَاءِ یَاحَیُّ یَاقَیُّوۡمُ. يعني **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي پاڪ نالي سان شروع ڪيان ٿو جنهن جي نالي جي برڪت سان زمين ۽ آسمان جي ڪابه شيءِ نقصان نه ٿي پهچائي سگهي، اي هميشه زنده ۽ قائم رهڻ وارا. (فردوس الاخبار، الحديث 1955، ج 1 ص 274)

(6) ساڄي هٿ سان ڪائو. حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عظمت نشان آهي ته جڏهن توهان مان ڪوبه ڪاڏو ڪائي ته ساڄي هٿ سان ڪائي ۽ جڏهن پيئي ته ساڄي هٿ سان پيئي جو شيطان کابي هٿ سان ڪائيندو پيئندو آهي.
(صحيح مسلم، الحديث 2020 ص 1117)

(7) پنهنجي پاسي کان ڪائو. حضرتِ سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي ته نُور جي پيڪر، سيني نبين جي سروَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته ”هر شخص ٿانوَ جي ان پاسي کان ڪائي جيڪو ان جي سامهون هجي.“ (صحيح البخاري، الحديث 5377، ج 3 ص 521)

حضرتِ سيّدُنا ابو سلمه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا ته هڪ ڏينهن ماني ڪائيندي منهنجو هٿ هيڏانهن هوڏانهن چرپر ڪري رهيو هو يعني ڪڏهن هڪ پاسي کان گرهه کنيم پئي ته ڪڏهن ٻئي پاسي کان ۽ ڪڏهن ٽئين پاسي کان پئي کنيم. جڏهن **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّهٌ عن العيوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون کي ائين ڪندي ڏٺو ته فرمايائون: ”اي ننڍڙا! بِسۡمِ اللهِ پڙهي ساڄي هٿ

سان کائيندو ڪر ۽ پنهنجي پاسي کان کائيندو ڪر، ان ڪري ان کان پوءِ منهنجي کاڌي جو اهو طريقو رهيو.“

(صحيح البخاري، الحديث 5376، ج 3 ص 521)

(8) کاڌي مان ڪنهن به قسم جو عيب نه ڪڍو مثال طور اهو نه چئو ته مزيدار ناهي، ڪچو رهجي ويو آهي، ڦڪو ٿي پيو آهي ڇوته کاڌي مان عيب ڪڍڻ مڪروه ۽ سنّت جي خلاف آهي ۽ جيڪڏهن ان جي ڪري کاڌو پچائڻ واري يا ميزبان جي دل آزاري ٿي پوي ته پوءِ منع آهي، بلڪ دل چاهي ته کائو نه ته نه کائو. حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمايو آهي ته نور جي پيڪر، سيني نبين جي سروَر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ڪڏهن به ڪنهن کاڌي مان عيب نه ڪڍيو (يعني خراب نه چيو) جيڪڏهن خواهش هوندي هئي ته کائيندا هئا ۽ خواهش نه هوندي هئي ته ڇڏي ڏيندا هئا.

(صحيح البخاري، الحديث 5409، ج 3 ص 531)

امامِ اهلسنّت، الشاه مولانا احمد رضا خان عَلَیْہِ رَحْمَۃُ الرَّحْمٰن لکن ٿا ته: پنهنجي گهر ۾ به کاڌي مان عيب ڪڍڻ نه گهرجي، مڪروه ۽ سنّت جي خلاف آهي. (رحمتِ عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي) عادتِ ڪريمه اها هئي ته جيڪڏهن پسند ايندو هُيُن ته کائڻ فرمائيندا هئا نه ته نه. (رهيو) پرائي گهر ۾ عيب ڪڍڻ ته (ان ۾) مسلمانن جي دل رنجائڻ آهي ۽ لالچ جي انتها ۽ بي مروتيءَ جو دليل آهي. ”گيهه گهٽ آهي يا مزو ناهي“ اهو عيب ڪڍڻ آهي ۽ جيڪڏهن ڪا شيءِ ان ڪي نقصان ڏيندڙ آهي ته ان ڪي نه کائڻ جي لاءِ عذر ڪيو ۽ ان ڳالهه جو اظهار نه ڪيو ته جيڪو طعني ۽ عيب طور هجي، مثال طور: ان ۾ مرچ گهٽا آهن، (۽) ايترن مرچن جو هو عادي ناهي ته پوءِ اهو عيب ڪڍڻ ناهي ۽ ايترو به (ان وقت آهي جو جڏهن) جتي پاڻ

۾ بي حجابيءَ هجي ۽ ان سبب دعوت واري (يعني ميزبان) کي ٻي کا تڪليف نہ ڪرڻي پوي. مثال طور: ٻن قسمن جي ڀاڄي آهي، هڪ ۾ مرچ گهڻا آهن ۽ اهو عادي ناهي تہ ان کي نہ کائي ۽ سبب پڇيو وڃي تہ ٻُڌائي ڇڏي ۽ جيڪڏهن هڪ ئي قسم جو کاڌو آهي پوءِ جيڪڏهن (اهو) نہ ٿو کائي تہ دعوت واري (يعني ميزبان) کي ان جي لاءِ ٻيو ڪجهہ گهرائڻو پوندو ۽ ان کي شرمندگي ٿيندي ۽ غريب آهي تہ تڪليف ٿيندي تہ پوءِ اهڙي حالت ۾ مروت هي آهي تہ صبر ڪري ۽ کائي ۽ پنهنجي تڪليف کي ظاهر نہ ڪري. والله تعاليٰ اعلم (فتاويٰ رضويہ ج 21 ص 652)

**مسئلو:** ڪجهہ ٻار مٽي کائيندا آهن، بهارِ شريعت ۾ آهي تہ مٽي نقصان جي حد تائين (يعني نقصان واري مقدار) ۾ کائڻ حرام آهي.

(بهارِ شريعت حصو 2 ص 63)

## پيئڻ جا آداب

ان سلسلي ۾ انهن جو ذهن ناهيو تہ پاڻي ويهي ڪري، روشنيءَ ۾ ڏسي ڪري، ساڄي هٿ سان بِسۡمِ اللهِ پڙهي ٽن ساهين ۾ هن طرح سان پيئي جو هر دفعي گلاس کي وات کان پري ڪري ساهہ کڻي. پهرئين ۽ ٻئي دفعي هڪ هڪ ڍڪ پيئي ۽ ٽين ساهيءَ ۾ جيترو چاهي پيئي. حضرتِ سيّدنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا کان روايت آهي تہ نُور جي پيڪر، سيني نبين جي سروَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”اُٺ وانگر هڪ ئي ڍُڪ ۾ نہ پيئندا ڪريو، پر ٻن ۽ ٽن ساهين ۾ پيئندا ڪريو ۽ جڏهن پيئڻ شروع ڪيو تہ بِسۡمِ اللهِ پڙهندا ڪريو ۽ جڏهن پي وٺو تہ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه چوندا ڪريو.“

(جامع الترمذي، الحديث 1892، ج 3 ص 352)

حضرتِ سيّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي تہ سرڪارِ

مدينہ، فيض گنجينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پيئڻ ۾ ٽي دفعا ساھ کڻندا ھئا ۽ فرمائيندا ھئا تہ ”ائين پيئڻ ۾ زياده ڍؤ ٿيندو آھي ۽ صحت جي لاءِ فائديمند ۽ خوشگوار آھي.“

(صحيح مسلم، الحديث 2028، ص 1120)

حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان روايت آھي تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي پياري محبوب، داناءِ غيوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٿانوَ ۾ ساھ کڻڻ ۽ ڦوڪ ڏيڻ کان منع فرمايو.“ (سنن ابي داوٗد، الحديث 3728، ج 3 ص 474)

حضرتِ سيّدُنا ابو سعيد خدري رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آھي تہ سرکارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻيھي ڪري پاڻي پيئڻ کان منع فرمايو آھي. (صحيح مسلم، الحديث 2025 ص 1119)

## هلڻ جا آداب

ان سلسلي ۾ انھن جو ذھن ٺاھيو تہ:

(1) جيڪڏھن ڪا رڪاوٽ نہ ھجي وچٽري چال سان رستي جي پاسن کان ھلو، نہ ايترو تيز جو ماڻھن جون نظرون اوھان تي جمي وڃن ۽ نہ ايترو آھستي جو اوھان بيمار محسوس ٿيو.

(2) لوفرن وانگر ڳلو کولي سيٽجي ھرگز نہ ھلو جو اھو بيوقوفن ۽ تڪبّر ڪرڻ وارن جي چال آھي، بلڪ نظرون جھڪائي با وقار طريقي سان ھلو. حضرتِ سيّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي آھي تہ جڏھن حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ھلندا ھئا تہ جھڪيل محسوس ٿيندا ھئا.

(سنن ابي داوٗد، الحديث 4863، ج 4 ص 338)

(3) رستي تي ھلڻ ۾ بغير ضرورت جي ھرھر ھيڏانھن ھوڏانھن ڏسڻ کان پرھيز ڪيو ۽ رستو پار ڪرڻ وقت گاڏين واري پاسي ڏسندي رستو پار ڪيو. جيڪڏھن ڪا گاڏي اچي رھي ھجي تہ

رستي جي ٻنهي پاسي اوچتو نہ پچو، پر ڪناري تي بيهي رهو جو
ان ۾ حفاظت جو گهڻو امڪان هوندو آهي.

## لباس پائڻ جا آداب

ان سلسلي ۾ انهن جو ذهن ٺاهيو تہ:

(1) سفيد لباس هر لباس کان بهتر آهي جو حديث شريف ۾ ان جي تعريف آئي آهي. جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا سمره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان روايت آهي تہ حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: "سفيد ڪپڙا پائيندا ڪريو جو اهي تمام پاڪيزه ۽ پسنديده آهن." (جامع الترمذي، الحديث 2819 ج 4 ص 370)

(2) جڏهن ڪپڙا پائڻ لڳو تہ هيءَ دعا پڙهو، اڳيان پويان گناه مُعاف ٿي ويندا: اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِیۡ كَسَانِیۡ هٰذَا وَرَزَقَنِيۡهِ مِنۡ غَيۡرِ حَوۡلٍ مِّنِّیۡ وَلَا قُوَّةٍ (ترجمو: الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر آهي جنهن مون کي اهو پارايو ۽ منهنجي قوت ۽ طاقت کان سواءِ مون کي اهو عطا ڪيو) (المستدرڪ، الحديث 7486، ج 5 ص 270)

(3) پائڻ وقت ساڄي پاسي کان شروع ڪيو مثال طور جڏهن پهراڻ پايو تہ پهريائين ساڄي ٻانهن ۾ ساڄو هٿ داخل ڪريو ۽ پوءِ کاٻي ۾. اهڙيءَ طرح شلوار ۾ بہ پهريان ساڄي پانچي ۾ ساڄو پير داخل ڪيو ۽ جڏهن لاهيو تہ ان جي ابتڙ ڪيو يعني کاٻي پاسي کان شروع ڪيو. حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان مروي آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن پهراڻ پائيندا هئا تہ ساڄي پاسي کان شروع فرمائيندا هئا." (الجامع الترمذي، الحديث 1772 ج 3 ص 297)

(4) پهريان قميص پايو پوءِ شلوار.

(5) نئون ڪپڙو جمعي جي ڏينهن پائڻ شروع ڪيو جو نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عام طور تي نئون ڪپڙو جمعي جي

ڏينهن پائيندا هئا. (الجامع الصغير، ج 2 ص 408)

(6) پنهنجي مدني مني کي عمامو شريف ٻڌڻ جي عادت وجهو جو حضرتِ سيّدُنا عباده رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي تہ اللّٰهعَزَّوَجَلَّ جي پياري محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ ”عمامو ضرور ٻڌندا ڪريو جو اهو فرشتن جي نشاني آهي ۽ ان جي (شملي) کي پُٺيءَ جي پويان لڙڪائي ڇڏي.“

(شعب الايمان، الحديث 6262، ج 5 ص 176)

عمامي سان ٻہ رڪعتون بغير عمامي جي ستر رڪعتن کان افضل آهن. (فردوس الاخبار، الحديث 3054، ج 1 ص 410)

پٽ ۽ ڌيءُ جي لباس ۾ فرق رکو جو پٽ کي مرداڻو ۽ ڌيءُ کي زنانو لباس ئي پارايو ۽ جڏهن اهي بالغ ٿين تہ انهن کي اهڙو لباس نہ پارايو جنهن سان اوگهڙ ظاهر ٿيندي هجي. حضرتِ سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا کان مروي آهي تہ اسماء بنت ابوبڪر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهما سنها ڪپڙا پائي سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامهون آيون تہ پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجو چهرو مبارڪ ڦيرائي ڇڏيو ۽ فرمايائون: ”اي اسماء! عورت جڏهن بالغ ٿي وڃي تہ ان جي بدن جو ڪوبہ حصو نظر نہ اچڻ گهرجي، سواءِ هن جي.“ پوءِ پنهنجي منهن ۽ هٿن ڏانهن اشارو فرمايائون.

(سنن ابي داوٗد، الحديث 4104 ج 4 ص 85)

حضرتِ سيّدُنا علقمہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ پنهنجي والده کان روايت ڪن ٿا: حضرت حفصہ بنت عبد الرحمٰن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُمَا حضرتِ سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا جي خدمت ۾ حاضر ٿيون. انهن کي سنهو رئو پاتل هو. حضرتِ سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهَا ان کي ڦاڙي ڇڏيو ۽ انهن کي ٿلهو رئو پارايو. (مؤطا امام مالڪ، الحديث 1739، ج 2 ص 410)

چوڪرين کي پردي جي عادت وجهڻ جي لاءِ انهن کي ننڍپڻ کان ئي اسڪارف ويڙهڻ جي تربيت ڏيو. ٿوري وڏي ٿئي تہ ننڍو برقعو پارايو، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ چوڪري پردي جي عادي ٿي ويندي.

**مسئلو:** چوڪرين جو ڪن ۾ نڪ ٽوپڻ جائز آهي. ڪجھ ماڻهو چوڪرن جا ڪن بہ ٽوپيندا آهن ۽ انهن جي ڪنن ۾ واليون بہ پارائيندا آهن، اهو ناجائز آهي. (بهارِ شريعت، حصو 16 ص 207)

**مسئلو:** چوڪري کي زيور پارائڻ حرام آهي. (فتاويٰ رضويہ جديد ج 23 ص 260)

## جُتي پائڻ جا آداب

انهيءَ سلسلي ۾ انهن جو ذهن بڻايو تہ:

(1) ڪنهن بہ رنگ جو جوتو پائڻ جيتوڻيڪ جائز آهي، پر ڦِڪي رنگ جا جوتا پائڻ بهتر آهن، جو مولا مشڪل ڪشا حضرت سيّدُنا علي المرتضيٰ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمائن ٿا: جيڪو ڦڪا جوتا پائيندو تہ ان جي ڳڻتين ۾ گهٽتائي ٿيندي. (تفسير نسفي، سيپارو 1، البقره، تحت آيت 69، ص 58: روح المعاني، پ 1 البقره ، تحت آيت 69، ج 1 ص 392)

(2) پهريان ساڄو جوتو پايو ۽ پوءِ کاٻو ۽ لاهڻ مهل پهريان کاٻو لاهيو ۽ پوءِ ساڄو. حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي تہ الله جي پياري محبوب، داناءِ غُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ڪوبہ شخص جڏهن جوتو پائي تہ پهريان ساڄي پير ۾ پائي ۽ جڏهن لاهي تہ پهريان کاٻي پير مان لاهي.“ (صحيح مسلم، الحديث 2097، ص 1161)

(3) جوتا پائڻ کان اڳ ۾ چنڊي ونو تہ جيئن جيت يا پٿريون وغيره هجن تہ نڪري وڃن.

(4) استعمال وارو جوتو ڪڍڻ جي لاءِ کاٻي هٿ جي آڱوٺي ۽ ان سان مليل آڱر استعمال ڪريو.

(5) استعمال وارو جوتو اونڌو پيل هجي ته سڌو ڪريو نه ته فقر ۽ غربت جو انديشو آهي. (سني بهشتي زيور، حصو پنجون، ص 201)

## ننهن ڪٽڻ جا آداب

ان سلسلي ۾ انهن جو ذهن ٺاهيو ته:

﴿1﴾ ڏندن سان ننهن نه ڪٽيا وڃن جو مڪروهه آهي.

(الفتاويٰ الهنديہ، ج 5 ص 358)

﴿2﴾ ننهن ائين لاهيو جو ساڄي هٿ جي شهادت واري آڱر کان شروع ڪريو ۽ چيچ تي ختم ڪريو ۽ پوءِ کاٻي هٿ جي چيچ کان شروع ڪري آڱوٺي تي ختم ڪريو ۽ پوءِ ساڄي هٿ جي آڱوٺي جو لاهيو.

(الدر المختار، ج 9 ص 670)

﴿3﴾ ننهن لاهڻ کان پوءِ آڱرين جا پورَ ڌوئي ڇڏڻ گهرجن.

## وار سنوارڻ جا آداب

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي ته حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جنهن جا وار هجن ته اهو انهن جو اڪرام ڪري يعني انهن کي ڌوئي، تيل هڻي ۽ ڦڻي ڏئي.“ (سنن ابي داوٗد، الحديث 4163، ج 4 ص 103)

﴿1﴾ مرد کي اختيار آهي ته سمورا وار رکي يا کوڙائي ڇڏي. سمورا وار ائين جو اڌ ڪن تائين يا پاپڙيءَ تائين وار رکي يا ايترا وڏا رکي جو ڪلهن کي لڳن ۽ مٿي جي وچان سينڌ ڪڍي.“

(بهارِ شريعت حصو 16 ص 198)

﴿2﴾ مٿي ۾ تيل وجهڻ کان اڳ ۾ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط پڙهي، پوءِ کاٻي هٿ جي ترِيءَ ۾ ٿورو تيل وجهي ۽ پهريان ساڄي اک جي پرونءَ تي تيل لڳائي ۽ پوءِ کاٻي اک جي پرونءَ تي، ان کان پوءِ

ساڄي اک جي پنبڻيءَ تي ۽ پوءِ کاٻي اک جي پنبڻيءَ تي پوءِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ چئي متي ۾ پيشانيءَ جي پاسي کان تيل وجهڻ شروع ڪري. سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جڏهن بہ تيل لڳائيندا هئا تہ کاٻي هٿ جي تريءَ تي وجهي ۽ اڳ ۾ پرونءَ کي تيل هڻندا هئا ۽ پوءِ پنبڻين تي ۽ پوءِ پنهنجي متي مبارڪ تي تيل لڳائيندا هئا. (وسائل الوصول الي شمائل الرسول ص 81)

حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جيڪو بہ اهم ڪم بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ سان شروع ناهي ڪيو ويندو اهو اڌورو ۽ نامڪمل رهجي ويندو آهي.“ (الجامع الصغير، الحديث 6248، ص 391)

سيد المبلغين، رحمةٌ للعٰلمين صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وضو ڪرڻ وقت، ڦڻي ڏيڻ وقت ۽ نعلين شريف پائڻ وقت ساڄي پاسي کي پسند فرمائيندا هئا. (وسائل الوصول الي شمائل الرسول ص 81)

## ملاقات جا آداب

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان مروي آهي تہ حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”ڇا مان توهان کي اهڙي ڳالھ نہ ٻڌايان جو جڏهن توهان ان تي عمل ڪريو تہ توهان جي وچ ۾ محبت وڌي ۽ اُها هي آهي تہ پاڻ ۾ سلام جو رواج عام ڪريو.“ (صحيح مسلم، الحديث 54، ص 47)

حضرتِ سيّدُنا براء بن عازب رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان مروي آهي تہ حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”سلام کي عام ڪريو سلامتي ماڻيندؤ.“

(الاحسان بترتيب ابن حبان، الحديث 491، ج 1 ص 357)

﴿1﴾ جڏهن بہ ڪنهن اسلامي ڀاءُ سان ملاقات ٿئي تہ ان کي سڃاڻيندا هجو يا نہ سڃاڻيندا هجو، سلام ڪريو.“ (بهارِ شريعت حصو 16 ص 88)

﴿2﴾ سلام جا بهترين لفظ هي آهن: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ، پر جيڪڏهن اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ چيو تہ تڏهن بہ صحيح آهي. ان جي جواب ۾ وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ چئو، جيڪڏهن صرف وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ چيو تڏهن بہ جواب ٿي ويو.

(الفتاويٰ الهنديه، ج 5 ص 324، فتاويٰ رضويه ج 22 ص 332، 409)

امامِ اهلسنّت الشاهہ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن ننڍپڻ ۾ هڪ مولوي صاحب وٽ پڙهندا هئا. هڪ ڏينهن مولوي صاحب معمول مطابق پڙهائي رهيا هئا تہ هڪ ٻار ان کي سلام ڪيو. مولوي صاحب جواب ڏنو تہ ”خوش رهو“ ان تي پاڻ عرض گذار ٿيا تہ ”اهو تہ سلام جو جواب نہ ٿيو، وَعَلَيْكُمُ السَّلَامُ چوڻ گهرجي هئا.“ مولوي صاحب اهو ٻُڌي تمام گهڻو خوش ٿيا ۽ تمام گهڻيون دعائون ڏيڻ لڳا. (حياتِ اعليٰ حضرت، ج 1 ص 87)

﴿3﴾ سلام ڪرڻ سنّت ۽ ان جو جواب جلدي ڏيڻ واجب آهي، جيڪڏهن بنا ڪنهن عذر جي دير ڪئي وئي تہ گناهگار ٿيندو.

(الدر المختار و رد المحتار، ج 9 ص 683، بهارِ شريعت حصو 16 ص 88 تا 89)

﴿4﴾ سلام ايتري آواز سان ڪيو وڃي جو جنهن کي سلام ڪيو آهي، اهو ٻُڌي ۽ جيڪڏهن ايترو آواز نہ هجي تہ پوءِ جواب ڏيڻ واجب ناهي، سلام جي جواب ۾ بہ ايترو آواز هجي جو سلام ڪرڻ وارو ٻُڌي ۽ جيڪڏهن ايترو آهستي چيو ويو جو هن نہ ٻُڌو تہ پوءِ جواب ساقط نہ ٿيو. (فتاويٰ بزازيه، ج 6 ص 355)

﴿5﴾ سلام ڪرڻ واري کي گهرجي تہ سلام ڪرڻ وقت دل ۾ اها نيّت ڪري تہ ان جو مال، ان جي عزّت، ان جي آبرو سڀ ڪجهہ

منهنجي حفاظت ۾ آهن ۽ مان انهن مان ڪنهن بہ شيءِ ۾ دخل اندازي ڪرڻ حرام سمجهان ٿو. (رد المحتار، ج 9 ص 682 ملخصًا)

﴿6﴾ بهارِ شريعت (حصو 16 ص 92) ۾ آهي تہ آڱرين يا ترين سان سلام ڪرڻ منع آهي. حضرتِ سيّدُنا عَمرو بن شعيب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاحِ افلاڪ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جيڪو شخص غيرن جي مشابهت ڪري، اهو اسان مان ناهي. يهودين ۽ عيسائين جي مشابهت نہ ڪيو، يهودين جو سلام آڱرين جي اشاري سان آهي ۽ عيسائين جو سلام ترين سان آهي. (الجامع الترمذي، الحديث 2704 ج 4 ص 319)

﴿7﴾ سلام ۾ اڱرائي ڪيو. نُور جي پيڪر، سيني نبين جي سروَر، صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو ويو تہ يا رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن بہ شخص ملاقات ڪن تہ اڳ ۾ ڪهڙو سلام ڪري؟ فرمايائون: ”پهريان سلام ڪرڻ وارو الله عَزَّوَجَلَّ جي وڌيڪ ويجهو هوندو آهي.“ (جامع الترمذي، الحديث 2703 ج 4 ص 318)

حضرتِ مولانا سيّد ايوب علي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْقَوِی جو بيان آهي: ”پوالي جبل کان مون کي طلب فرمايو ٿو وڃي مان ننڍي شهزادي حضرتِ مولانا مولوي شاهہ محمد مصطفيٰ رضا خان مدظلہ الاقدس سان گڏ مغرب جي نماز کان پوءِ اتي پهچان ٿو. شهزادو صاحب اندر گهر ۾ وڃي اهو ٿو فرمائي تہ هينئر حضور کي اوهان جي اچڻ جو اطلاع ڪريان ٿو.“ پر ان اطلاع ڪرڻ جي باوجود تہ حضور (يعني امامِ اهلسنّت الشاهہ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن) تشريف فرما ٿيڻ وارا آهن، سلام جي اڱرائي سرڪار ئي فرمائن ٿا، ان وقت ڏسان ٿو تہ حضور بلڪل مون وٽ ئي جلوه فرما آهن.“ (حياتِ اعليٰ حضرت، ج 1 ص 96)

﴿8﴾ گرم جوشيءَ سان سلام ڪرڻ ۾ گھڻو ثواب آهي. حضرتِ سيّدُنا حسن بصري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ حضورِ نبي پاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: توهان جو ماڻهن سان گرم جوشيءَ سان سلام ڪرڻ بہ صدقو آهي.“ (شعب الايمان، الحديث 8053، ج 6 ص 253)

﴿9﴾ انهن کي سلام نہ ڪريو جيڪي تلاوت، ذڪر، درود شريف ۾ مشغول هجن ۽ نماز جي انتظار ۾ ويٺل، درس ۽ تدريس يا علمي گفتگو يا سبق جي دهرائيءَ ۾ مصروف تيل، ڪاڏو ڪائيندڙ، غسل خاني ۾ اگهاڙو وهنجندڙ، استنجا ڪندڙ. (بهارِ شريعت، حصو 16 ص 90، 91)

﴿10﴾ جيڪڏهن ڪو چوي تہ فلاڻي اوهان کي سلام چيو آهي تہ جيڪڏهن سلام آڻيندڙ ۽ موڪليندڙ ٻئي مرد هجن تہ جواب ۾ هيئن چئو عَلَيْکَ وَعَلَيْهِ السَّلَام جيڪڏهن ٻئي عورتون هجن عَلَيْکِ وَعَلَيْهَا السَّلَام تہ پهچائڻ وارو مرد ۽ موڪلڻ واري عورت هجي تہ هيئن چئو عَلَيْکَ وَعَلَيْهَا السَّلَام ۽ جيڪڏهن پهچائڻ واري عورت ۽ موڪلڻ وارو مرد هجي تہ جواب ۾ هيئن چئو: عَلَيْکِ وَعَلَيْهِ السَّلَام.

﴿11﴾ خط ۾ سلام لکيل هوندو آهي ان جو بہ جواب ڏيڻ واجب آهي ان جون بہ صورتون آهن هڪ تہ اها جو زبان سان جواب ڏيو ۽ ٻي اها تہ سلام جو جواب لکي موڪليو پر جيئن تہ سلام جو جواب جلد ڏيڻ واجب آهي ۽ خط جو جواب ڏيڻ ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ دير ٿي ويندي آهي، ان ڪري جلد زبان سان سلام جو جواب ڏنو وڃي. اعليٰ حضرت قُدِّسَ سِرُّہٗ جڏهن خط پڙهندا هئا تہ خط ۾ جيڪر اَلسَّلَامُ عَلَيْکُمْ لکيل هوندو آهي ان جو جواب زبان سان ڏئي ۽ پوءِ اڳتي مضمون پڙهندا هئا. (بهارِ شريعت، حصو 16 ص 92، درمختار و ردالمحتار ج 9 ص 685)

﴿12﴾ رستي تڪان هلندي ٻن ماڻهن جي وچ ۾ ڪا شيءِ اچي وڃي

تہ وري ملاقات تي ٻيو دفعو سلام ڪيو. حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان مروي آهي تہ حضور تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ جڏهن توهان مان ڪوبہ شخص پنهنجي اسلامي ڀاءُ سان ملي تہ ان کي سلام ڪري ۽ جيڪڏهن انهن جي وچ ۾ وڻ يا ڀت يا پٿر وغيره اچي وڃي ۽ اهي وري پاڻ ۾ ملن تہ ٻيو دفعو سلام ڪن.
(سنن ابي داوٗد، الحديث 5200، ج 4 ص 450)

**﴿13﴾** هٿ ملائڻ سنّت آهي جو جڏهن بہ مسلمان پاڻ ۾ ملن تہ پوءِ پهريان سلام ڪن ۽ ان کان پوءِ هٿ ملائين.
(بهارِ شريعت، حصو 16 ص 97، 98)

حضرتِ سيّدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان مروي آهي تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غيوب، مُنَزَّہٌ عَنِ العُيُوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ جڏهن بہ مسلمان ملندا آهن، پوءِ انهن مان هڪ پنهنجي ڀاءُ جو هٿ جهليندو آهي، (يعني هٿ ملائيندو آهي) تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي ڪرم ۽ نوازش تي آهي تہ اهو انهن جي دعا قبول فرمائي ۽ انهن جي هٿن جي جُدا ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي انهن جي مغفرت فرمائي ڇڏي.
(المسند للامام احمد بن حنبل، الحديث 12454، ج 4، ص 286)

**﴿14﴾** سلام وانگر هٿ ملائڻ ۾ بہ اڳرائي ڪريو. حضرتِ سيّدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان مروي آهي تہ حضور پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاحِ افلاڪ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ جڏهن بہ مسلمان ملاقات ڪندا آهن ۽ انهن مان هڪ پنهنجي ڀاءُ کي سلام ڪندو آهي تہ انهن مان **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ وٽ وڌيڪ پيارو اهو هوندو آهي جيڪو پنهنجي ڀاءُ سان وڌيڪ گرم جوشيءَ سان ملاقات ڪندو آهي ۽ پوءِ جڏهن اهي هٿ ملائيندا آهن تہ انهن تي سؤ رحمتون نازل ٿينديون آهن. انهن مان نوي رحمتون سلام ۾ اڳرائي ڪرڻ واري جي لاءِ ۽

ڏھ هٿ ملائڻ ۾ اگرائي ڪرڻ واري جي لاءِ آهن.“
(البحر الزخار، الحديث 308، ج 1 ص 437)

﴿15﴾ ٻنهي هٿن سان هٿ ملايو ۽ هٿ ملائڻ وقت سنّت اها آهي ته هٿن ۾ رومال وغيره نه هجي ۽ ٻئي هٿ خالي هجن.
(ردالمحتار، ج 9 ص 629)

﴿16﴾ باعمل عالم، سيّد سڳورا، والدين ۽ ڪنهن به ديني عظيم شخصيت جو هٿ چمڻ جائز آهي. حضرتِ سيّدُنا زارع رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جيڪي عبد القيس جي وفد ۾ شامل هئا فرمائن ٿا ته اسين مديني ۾ آياسين ته جلدي جلدي سواريءَ تان لهي پياسين ۽ حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي جي هٿن مبارڪن ۽ پيرن مبارڪن کي چميوسين. (سنن ابي داوٗد ، الحديث 5225، ج 4 ص 456)

حضرتِ سيّدُنا شيخ عبدالحق محدِّث دهلوي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ انهيءَ حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: ”هن حديث مان پيرن جي چمڻ جو ثبوت ملي ٿو.“ (اشعة اللمعات، ج 4 ص 27)

درِ مُختار ۾ آهي: برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ عالم ۽ پرهيزگار ماڻهوءَ جو هٿ چمڻ جائز آهي. (الدرالمختار، ج 9 ص 631)

## گهر يا ڪمري ۾ داخل ٿيڻ جا آداب

ان سلسلي ۾ انهن جو ذهن ٻڌايو ته:

﴿1﴾ جڏهن به گهر يا ڪمري ۾ داخل ٿيو ته اجازت وٺي داخل ٿيو. حضرتِ سيّدُنا عطاء بن يسار رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي ته هڪ شخص سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب و سينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کان پُڇيو ته ڇا مان پنهنجي ماءُ وٽ وڃڻ کان اڳ ۾ به اجازت وٺان؟ ته پاڻ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”ها“. ان عرض ڪيو: مان ته ان سان گڏ هڪ ئي گهر ۾ رهندو آهيان. پاڻ ڪريمن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن

فرمايو: اجازت وٺي ان وٽ وڃو. ان عرض ڪيو ته مان پنهنجي ماءُ جو خادم آهيان (يعني هرهر اچڻ وڃڻ ٿيندو رهندو آهي) پوءِ اجازت وٺڻ جي ڪهڙي ضرورت؟ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته اجازت وٺي وڃو، ڇا توهان پسند ڪريو ٿا ته پنهنجي ماءُ کي اگهاڙو ڏسو؟ عرض ڪيائين ته ”نه“ ارشاد فرمايائون ته پوءِ توهان اجازت وٺي ويندا ڪريو. (المؤطا للامام مالک، الحديث 1847، ج 2 ص 446)

﴿2﴾ گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت سلام ڪيو. حضرتِ سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي آهي ته حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون کي فرمايو ته اي پٽ! جڏهن تون گهر ۾ داخل ٿين ته گهروارن کي سلام ڪر ڇوته تنهنجو سلام تنهنجي گهروارن جي لاءِ برڪت جو سبب ٿيندو.“

(جامع الترمذي، الحديث 2707، ج 4 ص 320)

﴿3﴾ جڏهن ڪنهن جي گهر وڃو ته دروازي مان گذرندي ضرورت مطابق ٻئي ڪمري ۾ وڃڻ وقت هلڪو کنگهڻ گهرجي ته جيئن گهر جي ٻين ياتين کي اسان جي موجودگيءَ جو احساس ٿي وڃي ۽ اهي اڳتي پوئتي ٿي وڃن. مولاءِ ڪائنات، حضرتِ سيّدُنا علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: مان رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ بابرڪت ۾ هڪ ڀيرو رات جي وقت ۽ هڪ ڀيري ڏينهن جي وقت حاضر ٿيندو هئس. جڏهن مان رات جي وقت حاضر ٿيندو هئس ته آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن منهنجي لاءِ ٿورو کنگهندا هئا.“ (سنن ابنِ ماجه، الحديث 3708، ص 2698)

﴿4﴾ جڏهن ڪنهن جي گهر وڃو ته سلام ڪيو ۽ پنهنجو نالو ٻڌايو ۽ پُڇو ته مان اندر اچي سگهان ٿو؟ جيڪڏهن اجازت ملي ته نيڪ، نه ته ناراض ٿيڻ کان سواءِ واپس موٽي وڃو. ان دؤران گهر جي دروازي کان ٿورو هٽي بيهو ته جيئن گهر ۾ نظر نه پوي. حضرتِ

سيّدُنا عبدالله بن بسر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن فرمائن ٿا: الله جا محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الۡعُيُوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جڏهن بہ ڪنهن جي دروازي تي تشريف فرما ٿيندا هئا تہ دروازي جي سامهون نہ بيهندا هئا، پر ساڄي يا کابي پاسي دروازي کان هٽي بيهندا هئا.

(سنن ابي داوٗد، الحديث 5186، ج 4 ص 446)

## گفتگو جا آداب

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي تہ حضور پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو ان کي گهرجي تہ سٺي ڳالهہ ڪري يا چُپ رهي.“

(صحيح البخاري، الحديث 6475، ج 4 ص 240)

حضرتِ سيّدُنا علي المرتضيٰ كَرَّمَ اللّٰهُ تَعَالٰي وَجۡهَهُ الۡكَرِيۡم کان روايت آهي تہ الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الۡعُيُوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنّت ۾ محلات آهن، جن جا ٻاهريان حصا اندران ۽ اندريان حصا ٻاهران نظر ايندا آهن. ان اعرابيءَ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهي ڪنهن جي لاءِ هوندا؟ تہ ارشاد فرمايائون: ”جيڪو سٺي گفتگو ڪندو. (جامع الترمذي، الحديث 1991، ج 3 ص 396)

﴿1﴾ مسڪرائيندي ۽ خوش اخلاقيءَ سان گفتگو ڪيو.

﴿2﴾ وڏيڪ تکڙي گفتگو ڪرڻ ۾ عزّت گهٽ ٿيندي آهي، آرام ۽ وقار سان آهستي آهستي گفتگو ڪريو.

﴿3﴾ ننڍن سان شفقت ۽ وڏن سان ادب سان گفتگو ڪرڻ توهان کي هر دلعزيز بڻائيندي.

﴿4﴾ جڏهن ڪو ڳالهائي رهيو هجي تہ آرام سان ٻُڌو ۽ ان جي ڳالهہ ڪٽي، پنهنجي ڳالهہ شروع نہ ڪريو.

## نِڇ ڏيڻ جا آداب

ان سلسلي ۾ انهن جو ذهن بڻايو تہ ڇڪ ڏيڻ وقت مٿو هيٺ جهڪائي منهن لڪائي ۽ آهستي آواز ڪيو. حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ حضور پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي جڏهن بہ نِڇ ايندي هئي تہ منهن کي هٿ يا ڪپڙي سان لڪائيندا هئا ۽ آواز هلڪو رکندا هئا.

(جامع الترمذي، الحديث 2754، ج 4 ص 343)

حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ حضور پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: نِڇ اچي تہ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چوي ۽ ان جو ڀاءُ يا پر وارو يَرْحَمُکَ اللّٰه چوي. پوءِ ان جي جواب ۾ نِڇ ڏيڻ وارو هي چوي: يَهْدِيْکُمُ اللّٰهُ وَيُصْلِحُ بَالَکُمْ ."

(صحيح البخاري، الحديث 6224، ج 4 ص 163)

**مسئلو:** جيڪڏهن نِڇ ڏيڻ وارو اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ چوي تہ ٻُڌڻ وارو جلد ائين جواب ڏئي (يعني يَرْحَمُکَ اللّٰه) چوڻ واجب آهي جو اهو ٻُڌي وٺي.

(الدر المختار و رد المحتار، ج 9 ص 683)

## اوٻاسي جي مذمت

حضرتِ سيّدُنا ابوسعيد خدري رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ حضور پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: "جڏهن ڪنهن کي اوٻاسي اچي تہ وات تي هٿ رکي ڇوتہ شيطان وات ۾ هليو ويندو آهي." (صحيح مسلم، الحديث 2995، ص 1597)

جڏهن اوٻاسي اچڻ واري هجي تہ مٿين ڏندن سان هيٺين چَپَ کي دٻائي ڇڏيو يا کاٻي هٿ جي پُٺي وات تي رکي ڇڏيو. اوٻاسي روڪڻ جي بهترين ترڪيب اها آهي تہ جڏهن اوٻاسي اچڻ

واري هجي تہ دل ۾ خيال ڪجي تہ نبي سڳورا عَلَيۡهِمُ السَّلَام ان ڪان محفوظ آهن تہ جلد رکجي ويندي. (ردالمحتار، ج 2 ص 499،498)

## سمهڻ جاڳڻ جا آداب

ان سلسلي ۾ انهن جو ذهن بڻايو تہ:

﴿1﴾ سمهڻ ۾ مستحب آهي تہ پاڪائيءَ سان سمهي.

﴿2﴾ سمهڻ کان اڳ ۾ بسم الله شريف پڙهي ڪري بستر کي ٽي دفعا ڇنڊجي تہ جيئن ڪا نقصان ڏيندڙ شيءِ يا جيت وغيره هجي تہ نِڪري وڃي.

﴿3﴾ سمهڻ کان اڳ ۾ هيءَ دعا پڙهجي: اَللّٰهُمَّ بِاسْمِكَ اَمُوْتُ وَاَحْيَا (ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ مان تنهنجي نالي سان ئي مَران ۽ جيئان ٿو (يعني سمهان ۽ جاڳان ٿو) (صحيح البخاري، الحديث 6314، ج 4 ص 192 ملخصًا)

﴿4﴾ اونڌو يعني پيٽ ڀر نہ سمهو. حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان مروي آهي تہ حضور پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ شخص کي پيٽ ڀر سُتل ڏٺو تہ فرمايائون: ”ائين سمهڻ الله تعاليٰ پسند ناهي فرمائيندو.“

(جامع الترمذي، الحديث 2777، ج 4 ص 352)

﴿5﴾ ڪجهه دير ساڄي پاسي تي ساڄو هٿ ڳل جي هيٺان رکي سمهو.

﴿6﴾ ڪڏهن تڏيءَ تي سمهو تہ ڪڏهن بستري تي ۽ ڪڏهن زمين جي فرش تي ئي سمهي پئو.

﴿7﴾ جاڳڻ کانپوءِ اها دعا پڙهو. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِيۡۤ اَحۡيَانَا بَعۡدَ مَاۤ اَمَاتَنَا وَ اِلَيۡهِ النُّشُوۡرُ ترجمو: سڀ تعريفون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن جنهن اسان کي مارڻ کان پوءِ زنده ڪيو ۽ ان ڏانهن ئي موٽڻو آهي.“ (صحيح بخاري، حديث 6312، ج 4 ص 192)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٻارن سان سچ ڳالهايو

ٻارن سان سچ ڳالهايو ۽ انهن کي پرچائڻ جي لاءِ ڪوڙا واعدا نہ ڪريو. حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن عامر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا تہ هڪ ڏينهن نبي مڪرم، نورِ مجسّم، رسولِ اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن اسان جي گهر تشريف فرما ٿيا تہ منهنجي والده مون کي پاڻ وٽ سڏي چيو: هيڏانهن اچ مان توکي ڪجهہ ڏينديس. رسولِ اڪرم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن دريافت فرمايو: تو ان کي ڇا ڏيڻ جو ارادو ڪيو آهي؟ انهن عرض ڪيو: مان ان کي ڪجور ڏيندس. پاڻ ڪريمن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جيڪڏهن تون ان کي ڪجهہ نہ ڏين ها تہ تنهنجو هڪ ڪوڙ لکيو وڃي ها.“ (سنن ابي داوٗد، الحديث 4991، ج 4 ص 387)

## پنهنجي ٻارن کي سيکاريو

**﴿1﴾ حسنِ اخلاق:**

والدين کي گهرجي تہ پنهنجي اولاد کي هر ڪنهن سان حسن اخلاق سان پيش اچڻ جي ترغيب ڏين جو ان ۾ ڪيترين ئي دنيا ۽ آخرت جون سعادتون پوشيده آهن. جيئن تہ حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ حضور پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”حسن اخلاق گناهن کي ائين ڳاري ڇڏيندو آهي جيئن اُس برف کي ڳاري ڇڏيندي آهي.“

(شعب الايمان، الحديث 8036، ج 6 ص 247)

حضرتِ سيّدُنا ابودرداء رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب وسينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”ميزانِ عمل ۾ ڪوبہ عمل حسنِ اخلاق کان وڌيڪ نہ آهي.“

(الادب المفرد، الحديث 273، ص 91)

### ﴿2﴾ پاڪيزگي:

والدين کي گهرجي تہ پنهنجي اولاد کي صاف سٿرو رهڻ جي تاڪيد ڪن. حضور پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي، پاڪائيءَ کي پسند فرمائي ٿو، سٿرو آهي ۽ سٿرائيءَ کي پسند ڪندو آهي.“

(جامع الترمذي، الحديث 2808، ج 4 ص 365)

سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”پاڪائي اڌ ايمان آهي.“

(صحيح مسلم، الحديث 223، ص 140 )

### ﴿3﴾ مختلف دعائون:

پنهنجي اولاد کي مختلف دعائون سيکاريو. مثال طور: کاڌي کائڻ جي دعا، سمهڻ جاڳڻ جي دعا، مصيبت واري کي ڏسي پڙهڻ واري دعا، ڪنهن نقصان تي پڙهڻ واري دعا وغيره. مختلف دعائن جو مجموعو ”بهارِ دعا“ مڪتبة المدينہ تان حاصل ڪريو.

### ﴿4﴾ سخاوت:

پنهنجي اولاد کي ننڍپڻ کان ئي صدقو ۽ خيرات ڪرڻ جو عادي بڻايو. ان جو هڪ طريقو اهو بہ آهي تہ ان کي صدقي ڪرڻ جون فضيلتون ٻڌائي ڪنهن غريب کي ان جي هٿن سان ڪا شيءِ ڏياريو. رحمت عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: سخي شخص اللّٰه تعاليٰ جي ويجهو، جنّت جي ويجهو ۽ دوزخ کان پري آهي. بخيل شخص اللّٰه تعاليٰ کان پري، جنّت کان پري ۽ دوزخ جي ويجهو آهي. (جامع الترمذي، الحديث، 1968، ج 3 ص 387)

## عبادت جو شوق

والدين کي گهرجي تہ شروعات کان ئي پنهنجي اولاد جي دل

۾ عبادت جو شوق پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. ڪڏهن ان کي قرآن پاڪ جي تلاوت جون فضيلتون ٻُڌايون وڃن ته ڪڏهن تهجد جون ته ڪڏهن روزي جون فضيلتون ٻُڌايون وڃن ته وري ڪڏهن باجماعت نماز جون.

## تهجد پڙهڻ جي ترغيب

دعوتِ اسلامي جي شروعات جي ڳالھ آهي ته هڪ دفعي اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه مدني ڪمن ۾ مصروفيّت جي ڪري رات دير سان ڪجھ اسلامي ڀائرن سان گڏ پنهنجي لائبريري ۾ پهتا ته اتي سندن جا وڏا شهزاده حاجي عبيد رضا عطاري سلّمه البارِي سُتا پيا هئا، جيڪي ان وقت ننڍا هئا. پاڻ فرمائڻ لڳا ته ”انهن کي تهجد پڙهائڻ گهرجي“ تنهن ڪري مدني مني کي سجاڳ ڪرڻ چاهيو، پر انهن تي ننڊ جو تمام گهڻو غلبو هو ان ڪري پوريءَ طرح سجاڳ نه ٿيا. پر اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه انفرادي ڪوشش فرمائيندي مدني مني کي پنهنجي جهوليءَ ۾ کڻي ڪليل آسمان ڏانهن وٺي آيا ۽ انهن کي چنڊ ڏيکاري پُڇيو ته اهو ڇا آهي؟ مدني مني جواب ڏنو ته ”چنڊ“. پوءِ وري پاڻ پُڇيائون ته ڇا ڪري رهيو آهي؟ مدني مني چيو ته گنبذ خضريٰ کي چُمي رهيو آهي؟ ان گفتگو جي دؤران مدني منّا پوريءَ طرح سجاڳ ٿي چُڪا هئا. اهڙي طرح پاڻ انهن کي وضو ڪرائي تهجّد جي ترغيب ارشاد فرمايائون.

**﴿6﴾ توڪل:**

پنهنجي اولاد کي توڪل جي عظيم صفت سان مالامال ڪرڻ جي لاءِ انهن جو ذهن ٺاهيو ته اسان جي نظر اسباب تي نه پر اسباب پيدا ڪندڙ يعني الله عَزَّوَجَلَّ تي هجڻ گهرجي. ربّ تعاليٰ

چاهيندو تہ اها ماني اسان جي بُک ختم ڪندي. اهو چاهيندو تہ اها دوا اسان جي مرض کي ختم ڪندي.

روايت ۾ اچي ٿو تہ حضرتِ سيّدُنا احمد بن حرب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پنهنجي ننڍڙي عمر جي صاحبزادي کي توڪل جي تعليم ڏيڻ چاهي تہ هڪ ڀِت ۾ سوراخ ڪري فرمايو تہ پٽ جڏهن ڪاڌي جو وقت ٿئي تہ هن سوراخ وٽ اچي گهرندو ڪر، اللّٰه تعاليٰ عطا فرمائي ڇڏيندو. ٻئي پاسي پنهنجي گهرواريءَ کي ارشاد فرمايائون تہ جڏهن مقرر ٽيل وقت اچي تہ توهان نهايت ئي خاموشي سان ٻئي پاسي کان ڪاڌو رکي ڇڏجو. نصيحت موجب ٻار سوراخ وٽ اچي ڪاڌو گهرندو هو، ماءُ ٻئي پاسي کان رکي ڇڏيندي هئي. گهرڻ جي ٿوري دير کان پوءِ ٻار سوراخ ۾ هٿ وجهندو هو تہ ڪاڌو موجود ڏسي، اللّٰه تعاليٰ جي طرفان تصوّر ڪندو هو. هڪ ڏينهن ان جي ماءُ کان ڪاڌو رکڻ وسري ويو، ايتري تائين جو ڪاڌي جو وقت ختم ٿي ويو. جڏهن کين ياد آيو تہ جلدي ٻار وٽ پهتي، ڏنائين تہ ان جي سامهون عمدو ڪاڌو پيل آهي ۽ هو ان کي وڏي شوق سان کائي رهيو آهي. ماءُ حيران ٿيندي پُڇيو تہ ”اي پٽ! اهو ڪاڌو ڪٿان آيو تہ عرض ڪيائين تہ جتان روزانو اللّٰه تعاليٰ عطا فرمائيندو آهي.“

سندن امڙ اهو سڄو واقعو حضرت جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو. پاڻ خوش ٿي ڪري ارشاد فرمايائون تہ ”هاڻي توهان کي ڪاڌي رکڻ جي ضرورت ناهي، اللّٰه تعاليٰ بغير واسطي جي ئي پهچائيندو رهندو.“ (تذڪرة الاولياء ج 1، ص 219)

## ﴿7﴾ خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ:

آخرت جي ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي لاءِ اسان جي دل ۾

الله عَزَّوَجَلَّ جو خوف بہ هئڻ ضروري آهي. جيستائين اها نعمت حاصل نہ ٿيندي، گناهن کان پاسو ۽ نيڪين ڏانهن لاڙو تقريبًا ناممڪن آهي. ان جي لاءِ پنهنجي اولاد کي انهن جي جسم ۽ جان جي ڪمزوريءَ جو احساس ڏيارڻ سان گڏوگڏ ربّ تعاليٰ جي بي نيازيءَ کان ڊيڄاريندا رهو. اسان جي بزرگن سڳورن رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جن جو اولاد بہ خوفِ خدا رکندڙ هوندو هئو. هڪ دفعي حضرتِ سيّدُنا ابوبڪر بن وَرّاق رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو مدني منّو قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪندي جڏهن هن آيت تي پهتو:

يَوۡمًا يَّجۡعَلُ الۡوِلۡدَانَ شِيۡبَا ﴿۱۷﴾ (سيپارو 29 المزّمل: 17)

ترجموڪنزالايمان: اهو ڏينهن ٻارن کي پوڙهو ڪري ڇڏيندو.

تہ خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ جو ايتري قدر غلبو ٿيو جو اهو وصال ڪري ويو. (تذڪرة الاولياء ج 2 ص 87)

حضرتِ سيّدُنا فُضيل بن عياض رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي جڏهن اها خبر پوندي هئي تہ سندن فرزند بہ پويان نماز پڙهي رهيا آهن تہ خوف ۽ غم واريون آيتون تلاوت نہ ڪندا هئا. هڪ دفعي انهن سمجهيو تہ اهي انهن جي پويان ناهن، ان ڪري هيءَ آيت پڙهيائون:

قَالُوۡا رَبَّنَا غَلَبَتۡ عَلَيۡنَا شِقۡوَتُنَا وَ كُنَّا قَوۡمًا ضَآلِّيۡنَ ﴿۱۰۶﴾ (پ 18 المؤمنون: 106)

ترجموڪنزالايمان: چوندا تہ اي اسان جا رب! اسان تي اسان جي بدبختي غالب ٿي وئي ۽ اسان گمراهہ انسان هئاسين.

انهن جي فرزند جڏهن اها آيت ٻُڌي تہ بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيا. جڏهن ڪين انهن کي ان جو اندازو ٿيو تہ تلاوت مختصر ڪيائون، جڏهن انهن جي ماءُ کي سڄي ڳالهہ جي خبر پئي تہ ان اچي پنهنجي پٽ جي چهري تي پاڻي هٽي ڪين هوش ۾ آندو ۽

حضرتِ سيّدُنا فضيل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي عرض ڪيو ته ائين توهان ان کي ماري وجهندا. هڪ دفعو وري اهڙو اتفاق ٿيو ۽ پاڻ هيءَ آيت تلاوت ڪرڻ لڳا:

وَ بَدَا لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مَا لَمْ يَكُوْنُوْا يَحْتَسِبُوْنَ ﴿۴۷﴾ (سيپارو 24 الزمر: 47)

ترجموڪنزالايمان: ۽ انهن کي الله تعاليٰ جي طرفان اها ڳالهه ظاهر ٿي جيڪا انهن جي خيال ۾ نه هئي

اها آيت ٻُڌي هو وري بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيا. جڏهن انهن کي هوش ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته خبر پئي انهن جو دم پرواز ڪري چُڪو آهي. (ڪتاب التوابين، ص 209)

اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اجا ننڍي عمر جا هئا ته ڪنهن ڳالهه تي سندن پيءُ ناراضگي جي حالت ۾ چيو ته توکي الله عَزَّوَجَلَّ ماريندو (يعني سزا ڏيندو) اهو ٻُڌي پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ڏجي ويا ۽ پيءُ کي هرهر چوڻ لڳا ته ”چئو الله عَزَّوَجَلَّ مون کي نه ماريندو، چئو الله عَزَّوَجَلَّ مون کي نه ماريندو، چئو الله عَزَّوَجَلَّ مون کي نه ماريندو“ آخرڪار پيءُ کان اهو چورائي ئي سڪ جو ساهه کنيائون.

اميرِ اهلسنّت جا شهزاده حاجي بلال رضا عطاري سلّمہ الباري فرمائن ٿا ننڍپڻ ۾ هڪ دفعو مان ڪنهن کوهه ۾ جهاتي پائي ڏٺو ته ان جي گهرائي ڏسي منهنجي دل تي خوف ويهي ويو، جڏهن مان پنهنجي بابا سائين اميرِ اهلسنّت مدظله العالي جي خدمت ۾ اها ڳالهه عرض ڪئي ته پاڻ انفرادي ڪوشش ڪندي ڪجهه ائين فرمايائون ته ”دنيا جي کوهه جي گهرائي ڏسي توهان جي دل خوف سان پرجي وئي ته پوءِ غور ڪريو ته جهنّم جي گهرائي ڪيتريقدر خوفناڪ هوندي.“

## ﴿8﴾ ديانتداري:

پنهنجي اولاد کي مُعاشرتي اثرات جي ڪري بدديانتي جو

عادي ٻڌجڻ کان بچائڻ لاءِ ان کي گهر کان ئي ديانتداريءَ جو درس ڏيو. **الله** جي محبوب، داناءِ غيوب، **مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جنهن ۾ امانت ناهي، ان جو دين ڪامل ناهي.“

(شعب الايمان، الحديث 5254، ج 4 ص 320)

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرتِ علّامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ننڍپڻ کان ئي شرعي مُعاملن ۾ محتاط هئا. پاڻ ننڍي عمر کان ئي حلال رزق کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ مختلف ذريعا اپنايا. هڪ دفعي ننڍپڻ ۾ ئي اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ريڙهيءَ تي ٽافيون ۽ بِسڪٽ وڪرو ڪري رهيا هئا تہ هڪ ٻار ٻن آنن جون ٽافيون گهريون. پاڻ انهن کي ٽي ٽافيون ڏنيون. اجا وڏيڪ ٽي ڏيڻ وارا ئي هئا تہ اهو ٻار ڀَڄندو اڳين گهٽيءَ ۾ داخل ٿيو ۽ نظرن کان غائب ٿي ويو.

سخت گرميءَ جي موسم هئي پر ڪين آخرت جي فڪر پريشان ڪري ڇڏيو هو، ان ڪري سخت گرميءَ ۾ بہ ان ٻار کي تلاش ڪرڻ لڳا تہ جيئن انهن کي ٽافيون ڏئي سگهجن. ڪين ان ٻار جي نالي جي خبر نہ هئي ۽ نہ ئي ڪو پتو وغيره. پاڻ دروازا کڙڪائي کڙڪائي، گهٽيءَ ۾ موجود ماڻهن وٽ وڃي ان ٻار جا پار پتا ان جو حليو ٻُڌائي پُڇا ڪندا رهيا. جڏهن ماڻهن کي حقيقت حال جي خبر پئي تہ ڪي مسڪرائڻ پيا تہ ڪي وري حيران پئي ٿيا جو ايڏي ننڍي عمر ۾ تقويٰ جو چا تہ عالم آهي؟ آخرڪار پاڻ ان اصل گهر تائين پهچي ويا. در کڙڪائڻ تي هڪ پوڙهي عورت دروازو کوليو تہ پاڻ سڄي ڳالهہ ڪري ٻُڌايائون. ان پوڙهيءَ چيو تہ پٽ تون بہ تہ ڪنهن جو لال آهين. اهڙي سخت اُس ۾ تہ پکي بہ پنهنجي آکيرن ۾ آهن ۽ تون هڪ آني واري شيءِ ڏيڻ جي لاءِ ائين گهمي

رهيو آهين؟ پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه گفتگو کي ڏکيو ڪرڻ جي بدران چيو ته جيڪڏهن مان هاڻي نہ ڏيندس تہ قيامت جي ڏينهن ربّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ ان جو حساب ڪيئن ڏيندس.“ اهو چئي پاڻ ٽافيون ان عورت کي ڏنائون تنهن کان پوءِ سُک جو ساهہ کنيائون.

## ﴿9﴾ شڪر ڪرڻ:

پنهنجي اولاد کي نعمت جو شڪر ادا ڪرڻ جو عادي بڻايو ۽ انهن جو ذهن بڻايو تہ جڏهن بہ ڪا نعمت ملي تہ اسان کي الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي. حضرتِ سيّدُنا انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ حضور پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”الله عَزَّوَجَلَّ کي اها ڳالهہ پسند آهي تہ ٻانهو هر گرهہ ۽ هر ڍُڪ تي الله عَزَّوَجَلَّ جو شڪر ادا ڪري.“ (صحيح مسلم، حديث 2734 ص 1463)

ٻار کي شڪر ڪرڻ جو عادي بڻائڻ جي لاءِ ان کي هڪ گرهہ کارائڻ کان پوءِ اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ چوڻ جي ترغيب ڏياريو جڏهن هو چئي وٺي تہ ٻيو گرهہ ڏجي، اِن شآءالله عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان ٿورن ئي ڏينهن ۾ هر گرهہ تي ربّ تعاليٰ جو شڪر ادا ڪرڻ جو عادي بڻجي ويندو.

## ﴿10﴾ ايثار:

ٻار کي سيکاريو وڃي تہ ڪنهن مسلمان جي ضرورت تي پنهنجي ضرورت قربان ڪرڻ جو وڏو اجر و ثواب آهي. ٻار کي ان جو عادي بڻائڻ جي لاءِ مختلف وقتن ۾ ان کي ايثار جي عملي مشق ڪرايو ۽ ان کي چئو تہ فلاڻ ضرورت واري فلاڻ شيءِ ٻار کي ڏئي ڇڏ. الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ العُيُوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جيڪو شخص پنهنجي ضرورت جي

شيءِ بئي کي ڏئي ڇڏي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي بخشي ڇڏيندو آهي.“
(اتحاف السادة المتقين، ج 9 ص 779)

**﴿11﴾ صبر:**

پنهنجي اولاد جو ذهن بڻايو ته جڏهن به ڪو صدمو پهچي ته بنا شرعي ضرورت جي ڪنهن جي به سامهون بيان نه ڪري صبر جو ثواب ڪمائي. حضرتِ سيّدُنا ڪبشه انماري رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته حضور پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن ٻانهي تي ظلم ڪيو وڃي ۽ اهو ان تي صبر ڪري ته الله عَزَّوَجَلَّ ان جي عزّت ۾ واڌارو فرمائيندو.
(جامع الترمذي، الحديث 2332، ج 4 ص 145)

**﴿12﴾ قناعت:**

پنهنجي اولاد کي قناعت جي تعليم ڏيو ته ربّ تعاليٰ جي طرفان جيڪو ڪجهه ملي ته ان تي راضي رهي. حضرتِ سيّدُنا جابر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي ته رحمتِ عالم، نور مجسم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”قناعت ڪڏهن به ختم نه ٿيڻ وارو خزانو آهي.“
(ڪتاب الزهد الڪبير، الحديث 104 ص 88)

**﴿13﴾ وقت جي اهميت:**

پنهنجي اولاد کي وقت جي اهميت جو احساس ڏياري ان جو هي ذهن بڻايو ته وقت ضايع ڪرڻ عقلمندن جو شيوو ناهي. حضرتِ سيّدُنا امام غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي نقل فرمائن ٿا ته ”ٻانهي جي بيڪار ڪمن ۾ مشغول ٿيڻ ان ڳالهه جي نشاني آهي ته الله تعاليٰ ان کان پنهنجي نظرِعنايت ڦيرائي ڇڏي آهي ۽ جنهن مقصد جي لاءِ انسان کي پيدا ڪيو ويو آهي، جيڪڏهن ان جي زندگيءَ جي هڪ گهڙي به ان کان سواءِ گذري وئي ته اهو ان ڳالهه جو حقدار آهي ته ان تي

حسرتن جو وقت وَڏايو وجي.“ (مجموعه رسائل للامام غزالي، ايها الولد، ص 257)

ءِ جنهن جي عمر چاليهه سالن کان وڌيڪ ٿي وڃي ءِ ان جي باوجود بُرائين تي ان جون چڱايون غالب نہ ٿين تہ ان کي جهنّم جي باهہ ۾ وڃڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي.

(الفردوس بماثور الخطاب، الحديث 5544، ج 3 ص 498)

اسان جا بزرگ رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی پنهنجي وقت کي ڪيئن استعمال ڪندا هئا ان جي هڪ جهلڪ پيش ڪجي ٿي. حضرتِ سيِّدُنا داوُد طائي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي باري ۾ نقل ڪيو ويو آهي تہ پاڻ ماني پاڻيءَ ۾ پسائي کائيندا هئا ان جو سبب بيان ڪندي فرمائيندا هئا تہ جيترو وقت گرهہ ناهڻ ۾ لڳي ٿو، اوتري دير ۾ قرآن جون پنجاهہ آيتون پڙهي ٿو وٺان.“ (تذکرة الاولياء، ذکر داوُد طائي ج 1 ص 201)

## ﴿14﴾ خود اعتمادي:

هر وقت ٻارن کي دڙڪا ڏيڻ سان ٻارن جي خُود اعتمادي بُري طرح مجروح ٿيندي آهي. والدين کي گذارش آهي تہ ٻارن جي غلطيءَ تي هدايت ضرور ڪن، پر ايتري سختي نہ ڪن جو اهي احساسِ ڪمتريءَ جو شڪار ٿي وڃن. خود اعتمادي حاصل ڪرڻ جي لاءِ هر وقت باوضو رهڻ بہ فائديمند آهي.

## ﴿15﴾ پاڙيسرين سان حُسنِ سلوڪ:

ٻارن کي سمجهايو تہ پاڙي جي وڏن ماڻهن جي عزّت ڪن ءِ ننڍن ٻارن سان سهڻو سلوڪ ڪن. هڪ شخص الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي ڪيئن خبر پوي تہ مون چڱو ڪيو يا خراب؟ ارشاد فرمايائون: ”جڏهن تون پاڙيسرين

ڪي اهو چوندو ٻُڌين تہ تون چڱو ڪيو تہ بيشڪ تو چڱو ڪيو ۽ جڏهن اهو چوندو ٻُڌين تہ تو خراب ڪيو تہ پوءِ بيشڪ تو خراب ڪيو.“ (سنن ابن ماجہ، الحديث 4223، ج 4 ص479)

## اسلام قبول ڪرڻ:

حضرتِ سيّدُنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن هڪ گهر ڪِرائي تي ورتو. ان گهر جي ويجهو هڪ يهوديءَ جو گهر هو ۽ حضرتِ سيّدُنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو حجرو ان يهوديءَ جي گهر جي دروازي جي ويجهو هو. ان يهوديءَ هڪ وڏو نيسارو ناهي ڇڏيو هو ۽ هميشہ ان نيساري جي ذريعي گندگي حضرتِ سيّدُنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي گهر اڇلائيندو هو. ان ڪافي وقت تائين ائين ڪيو پر سيّدُنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه ان سان ڪڏهن بہ شڪايت نہ ڪئي.

نيٺ هڪ ڏينهن ان يهوديءَ پاڻ ئي حضرتِ سيّدُنا مالڪ بن دينار رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه کان پُڇيو: سائين اوهان کي منهنجي نيساري مان ڪا تڪليف تہ نہ ٿي ٿئي؟ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن فرمايو: ”ٿئي تہ ٿي پر مان هڪ ٽوڪري ۽ ٻهاري رکي ڇڏي آهي، جيڪا گندگي ڪِرندي آهي ان کي صاف ڪري ڇڏيندو آهيان. ان يهوديءَ چيو: اوهان ايتري تڪليف ڇو ڪندا آهيو؟ ۽ اوهان کي ڪاوڙ ڇو ناهي ايندي؟ فرمايائون: منهنجي پياري الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ عاليشان آهي:

وَ الْكٰظِمِيْنَ الْغَيْظَ وَ الْعَافِيْنَ عَنِ النَّاسِؕ وَ اللّٰهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿۱۳۴﴾ (پ 4 آل عمران: 134)

ترجموڪنزالايمان: ۽ غصو پيئڻ وارا ۽ ماڻهن کان درگذر ڪرڻ وارا ۽ نيڪ انسان الله عَزَّوَجَلَّ جا محبوب آهن.

اهي آيتون ٻُڌي اهو يهودي ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ هيئن عرض گذار ٿيو

تہ يقيني طور اوهان جو دين نهايت ئي اعليٰ آهي. اڄ کان مان سچيءَ دل سان اسلام قبول ڪريان ٿو. پوءِ اهو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو. (تذڪرة الاولياء، ج 1 ص 51)

### ﴿16﴾ غم خواري:

پنهنجي ٻارن جو ذهن ٺاهيو تہ جڏهن ڪنهن کي غمگين ڏسو تہ ان جي دل جوئي ۽ غمخواري ڪيو. حضرتِ سيِّدُنا جابر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاحِ افلاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو ڪنهن غمزده شخص سان تعزيت (يعني ان جي غمخواري) ڪندو تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ان کي تقويٰ جو لباس پارائيندو ۽ روحن جي وچ ۾ ان جي روح تي رحمت فرمائيندو ۽ ڪنهن مصيبت زده سان تعزيت ڪندو تہ **اللّٰه** تعاليٰ ان کي جنّت جي وَڳن منجهان اهڙا ٻہ وَڳا پارائيندو جن جي قيمت سڄي دنيا بہ نہ ٿي ٿي سگهي.“ (المعجم الاوسط ، الحديث 9292، ج 6 ص 429)

### ﴿17﴾ وڏن جي عزت:

اسلام هڪ ڪامل ۽ اڪمل دين آهي جيڪو اسان کي اسان جي بزرگن جو احترام سيکاري ٿو، پنهنجي اولاد کي بزرگن جي احترام جو عادي بڻايو. حضرتِ سيِّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جيڪو نوجوان ڪنهن بزرگ جي وڏي عمر جي ڪري ان جي عزّت ڪري تہ **اللّٰه** تعاليٰ ان جي لاءِ ڪنهن کي مقرر ڪري ڇڏيندو آهي جيڪو ان جي پوڙهائپ ۾ عزّت ڪندو.“

(سنن الترمذي، الحديث 2029، ج 3 ص 411)

حضرتِ سيِّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ

ٻنهي جهانن جي تاجوَر، سلطانِ بحر و بر صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”اي انس! وڏن جو ادب و احترام، تعظيم ۽ عزّت ڪريو ۽ ننڍن تي شفقت ڪريو تہ توهان جنّت ۾ منهنجي رفاقت (يعني ساٿ) حاصل ڪندؤ.“ (شعب الايمان، الحديث 10981 ج 7 ص 458)

## ﴿18﴾ والدين جو ادب و احترام:

پنهنجي اولاد کي والدين جو ادب بہ سيکاريو. حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ، فيض گنجينہ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جنهن پنهنجي والدين جي فرمانبرداريءَ جي حالت ۾ صبح ڪئي تہ ان جي لاءِ جنّت جا ٻہ دروازا کوليا ويندا آهن ۽ جيڪڏهن والدين مان ڪوبہ هڪ هجي تہ هڪ دروازو کُلندو آهي ۽ جنهن ان حال ۾ صبح ڪئي جو پنهنجي والدين جو نافرمان هوندو تہ ان جي لاءِ جهنّم جا ٻہ دروازا کوليا ويندا آهن ۽ جيڪڏهن والدين مان ڪو هڪ هجي تہ هڪ دروازو کُلندو آهي. هڪ شخص عرض ڪيو: ”جيتوڻيڪ والدين ظلم ڪن؟ ارشاد فرمايائون: جيتوڻيڪ ظلم ڪن، جيتوڻيڪ ظلم ڪن، جيتوڻيڪ ظلم ڪن.“ (شعب الايمان، الحديث 7916، ج 6 ص 206)

حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي تہ حضور پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جيڪو نيڪ اولاد پنهنجي والدين ڏانهن محبت جي نظر سان ڏسندو تہ اللہ عَزَّوَجَلَّ ان جي هر نظر جي عيوض هڪ مقبول حج جو ثواب لکندو. عرض ڪيو ويو: جيتوڻيڪ روزانو سؤ ڀيرا ڏسي.“ فرمايائون: ”ها، اللہ تعاليٰ سڀ کان وڏو ۽ پاڪ آهي.“

(شعب الايمان، الحديث 7859، ج 6 ص 186)

حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان مروي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب مُنَزَّہٌ عَنِ العُيُوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جنهن پنهنجي ماءُ جي ٻنهي اکين جي وچ (يعني پيشانيءَ) کي چمي ڏني تہ اها ان جي لاءِ جهنّم کان آڙ ٻڻجي ويندي.“

(شعب الايمان، الحديث 7861، ج 6 ص 187)

حضرتِ سيّدُنا انس بن مالک رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي تہ ٻنهي جهانن جي تاجوَر، سلطانِ بحر و بر صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جنّت ماءُ جي قدمن هينان آهي.“

(کنزالعمال، الحديث 45431، ج 16 ص 192)

حضرتِ سيّدُنا جابر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي تہ حضور پاک، صاحبِ لولاک، سياح افلاک صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”پنهنجي والدين سان نيک سلوک ڪريو تہ توهان جا ٻار بہ توهان سان نيک سلوک ڪندا.“ (المستدرک، الحديث 7341، ج 5 ص 214)

حضرتِ سيّدُنا ثابت بناني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ هڪ جاءِ تي هڪ شخص پنهنجي پيءُ کي ماري رهيو هو. ماڻهن ان کي ملامت ڪئي تہ اي بدنصيب هي ڇا پيو ڪرين؟ ان تي ان جو پيءُ چوڻ لڳو تہ ان کي ڇڏي ڏيو. مان بہ انهيءَ جاءِ تي پنهنجي پيءُ کي ماريندو هئس، اهو ئي سبب آهي جو منهنجو پٽ بہ مون کي انهيءَ جاءِ تي ماري رهيو آهي. هي ان جو ئي بدلو آهي، ان کي ملامت نہ ڪيو.

(تنبيه الغافلين، ص 69)

## ﴿19﴾ استادن ۽ عالمن جو ادب:

والدين کي گهرجي تہ پنهنجي اولاد کي استادن ۽ عالمن جو ادب سيکارين جو (ديني علم سيکارڻ وارو) استاد روحاني پيءُ هوندو آهي. حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي تہ حضور

پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”علم حاصل ڪريو، علم جي لاءِ بُردباري ۽ وقار سکو ۽ جنهن کان علم حاصل ڪري رهيا آهيو ان جي سامهون عاجزي ۽ نِوڙت اختيار ڪريو.“ (المعجم الاوسط ، الحديث 6184، ج 4 ص 342)

حضرتِ سيّدُنا ابو امامہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جنهن ڪنهن شخص کي قرآن مجيد جي هڪ آيت بہ سيکاري تہ اهو ان جو آقا آهي، ان ڪري ان کي زيب نہ ٿو ڏئي تہ پنهنجي استاد کي ڇڏي ڪنهن ٻئي کي ان تي ترجيح ڏئي.“
(المعجم الاوسط، الحديث 7528، ج 8 ص 112)

## ﴿20﴾ عاجزي:

پنهنجي ٻارن کي تڪبر ڪرڻ کان بچائڻ جي لاءِ انهن کي عاجزيءَ جي تعليم ڏيو تہ هر مسلمان کي پاڻ کان افضل سمجهن. الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ عاجزي اختيار ڪري ٿو تہ الله تعاليٰ ان کي بلنديون عطا فرمائي ٿو. (صحيح مسلم، الحديث 2588، ص 1397)

## ﴿21﴾ اخلاص:

والدين پنهنجي ٻارن جو ذهن ٺاهين تہ هر جائز ڪم الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ ڪن. حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن عمرو رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ نبين جي تاجوَر، محبوبِ ربّ اڪبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي فرمائيندي ٻُڌو: ”جيڪو شخص ماڻهن ۾ پنهنجي عمل کي مشهور ڪندو تہ خدا تعاليٰ ان جو (ڏيکاءُ) ماڻهن ۾ مشهور ڪندو ۽ ان کي ذليل ڪندو.“ (شعب الايمان، الحديث 6822، ج 5 ص 331)

**﴿22﴾ سچ ڳالهائڻ:**

حضور پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”سچ ڳالهائڻ نيڪي آهي ۽ نيڪي جنّت ڏانهن وٺي ويندي آهي ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ فسق و فجور آهي ۽ اهو فسق و فجور دوزخ ڏانهن وٺي ويندو آهي. (صحيح مسلم، الحديث 2607، ص 1405)

**مدني مشورو:** انهن ڪمن کي آسانيءَ سان اپنائڻ جي لاءِ پنهنجي اولاد کي دعوتِ اسلامي جي پاڪيزه مدني ماحول سان وابسته ڪريو.

## پنهنجي ٻارن کي هيٺين ڪمن کان بچايو

**﴿1﴾ سوال ڪرڻ:**

ٻين کان شيون گهرڻ جي عادت به عام طور تي ٻارن ۾ هوندي آهي. اوهان پنهنجي اولاد کي ائين ڪرڻ نه ڏيو ۽ انهن جو ذهن ٺاهيو ته سخت ضرورت کان سواءِ ڪنهن کان به ڪا شيءِ نه گهرن. حضرتِ سيّدنا ڪبشه انماري رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي ته آهي ته حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جنهن پانهي سوال جو دروازو کوليو **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ ان تي تنگيءَ جو دروازو کوليندو.“ (جامع الترمذي، الحديث 2332، ج 4 ص 145)

**﴿2﴾ نالو بگاڙڻ:**

اصلي نالي کي ڇڏي ڪنهن جو ابتو نالو (مثال طور: ڍگهو، بندرو، ڪالو وغيره) رکڻ به اسان جي مُعاشري ۾ تمام معمولي تصور ڪيو ويندو آهي. خاص طور تي ننڍا ٻار ان ۾ وڌيڪ سرگرم هوندا آهن پر ان سان اڳلي کي تڪليف پهچندي آهي ۽ اهو منع آهي. ربّ

تعاليٰ فرمائي ٿو:

وَ لَا تَنَابَزُوْا بِالْاَلْقَابِ ؕ بِئْسَ الِاسْمُ الْفُسُوْقُ بَعْدَ الْاِیْمَانِ ۚ

(سيپارو 26 الحجرات: 11)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ هڪٻئي جا خراب نالا نہ رکو. ڪهڙو خراب نالو آهي مسلمان ٿي ڪري فاسق چورائڻ.

صدرُالافاضل حضرتِ علامہ مولانا سيّد محمد نعيم الدين مراد آبادي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْهَادِى تفسير خزائن العرفان ۾ هن آيت جي تحت لکن ٿا: ”ڪجھ عالمن فرمايو تہ ان مان اهي لقب مُراد آهن جن مان مسلمانن جي برائي محسوس ٿيندي هجي ۽ انهن کي بُرو لڳندو هجي، پر تعريف جوڳا لقب جيڪي سچا هجن اهي منع ناهن، جيئن حضرتِ سيّدُنا ابوبڪر صديق جو لقب عتيق (يعني آزاد) ۽ حضرتِ سيّدُنا عمر جو فاروق (يعني فرق ڪرڻ وارو)، حضرتِ سيّدُنا عثمان غني جو ذوالنّورين (يعني ٻن نورن وارو) حضرتِ سيدنا علي جو ابوتراب (تراب مٽيءَ کي چوندا آهن) ۽ حضرتِ سيدنا خالد جو سيف الله (يعني الله جي تلوار) رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهم ۽ جيڪي لقب نالن وانگر مشهور ٿي ويا ۽ لقب واري کي ناپسند نہ هجن تہ اهي لقب بہ منع ناهن جيئن جو اَعۡمَشۡ (يعني چُنجهي اکين وارو) اَعۡرَجۡ (يعني منڊو)

### ﴿3﴾ تمسخر (يعني ٺٺولي) ڪرڻ:

ڪنهن سان تمسخر ڪرڻ مان مراد اها آهي تہ ڪنهن کي گهٽ يا حقير سمجهندي ان جي ڪنهن قول ۽ فعل وغيرن کي بنياد بڻائي ان جي بيعزّتي ڪئي وڃي (ٺٺول ڪئي وڃي) ۽ اهو حرام آهي.

(حديقہ نديہ، ج 2 ص 229)

پنهنجي ٻارن کي اهڙي خراب فعل کان بچايو. الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

يٰۤاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا لَا یَسْخَرْ قَوْمٌ مِّنْ قَوْمٍ عَسٰۤى اَنْ یَّكُوْنُوْا خَیْرًا مِّنْهُمْ وَ لَا نِسَآءٌ مِّنْ نِّسَآءٍ عَسٰۤى اَنْ یَّكُنَّ خَیْرًا مِّنْهُنَّ (سيپارو 26 الحجرات: 11)

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ! نہ مرد مردن تي کلن. ڪا حيراني ناهي تہ اهي ان کلڻ واري کان بهتر هجن ۽ نہ عورتون عورتن تي کلن ۽ ڪا حيراني ناهي تہ اهي انهن کلڻ وارين کان بهتر هجن.

حضرتِ سيّدنُا حسن بصري رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي تہ الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّہٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ ماڻهن سان مسخري ڪرڻ وارن جي لاءِ قيامت جي ڏينهن جنّت جو هڪ دروازو کولي چيو ويندو تہ ”هتان اچو“. جڏهن هو پريشانيءَ جي حالت ۾ دروازي ڏانهن ڊڪندا ايندا تہ دروازو بند ڪيو ويندو. اهو عمل هرهر ڪيو ويندو ايتريقدر جو پوءِ انهن مان هڪ جي لاءِ دروازو کوليو ويندو ۽ ان کي سڏيو ويندو پر هو نااميد ٿيڻ جي ڪري نہ ايندو.“ (شعب الايمان، الحديث 6757، ج 5 ، ص 310)

## ﴿4﴾ عيب ٽولڻ:

ڪنهن جي عيب جي خبر پوڻ تي ان کي ڪنهن ٻئي تي ظاهر ڪرڻ بدران خاموشي اختيار ڪرڻ تمام گهٽ ماڻهن کي نصيب ٿيندي آهي. بدقسمتيءَ سان اهڙن ماڻهن جي گهٽائي آهي جو جيسيتائين هر واقف ڪار وٽ ان عيب کي بيان نہ ڪن تيستائين انهن کي آرام ناهي ايندو. انهيءَ خراب عادت جي اثرن کان ٻار بہ بچي ناهن سگهندا ۽ پنهنجي وڏن جي پيروي ڪندي ان جو حق ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. والدين کي گهرجي تہ پنهنجن ٻارن جي سامهون ان گندي عادت جي مذمت بيان ڪري ان کان بچڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪن.

حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو تہ: ”جيڪو پنهنجي ڀاءُ جو پردو رکندو تہ اللّٰہ تعاليٰ قيامت جي ڏينهن ان جو پردو رکندو ۽ جيڪو پنهنجي ڀاءُ جو راز کوليندو تہ اللّٰہ تعاليٰ ان جو راز کوليندو ايتريقدر جو هو پنهنجي گهر ۾ ئي ذليل ٿي ويندو.“ (سنن ابن ماجہ، الحديث 2546، ج 3 ص 219)

شيخ سعدي رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا تہ مان ننڍپڻ ۾ پنهنجي والد محترم سان گڏ رات جو جاڳي قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪري رهيو هئس. اسان جي پرسان ڪجهہ ماڻهو سُتا پيا هئا. مان پنهنجي والد صاحب کي چيو: ”هن جماعت مان هڪ بہ اهڙو ناهي جيڪو سجاڳ ٿئي ۽ بہ رڪعتون نماز ادا ڪري. ائين ئي سُتا پيا آهن ڄڻ ڪي مري ويا هجن.“ اهو ٻُڌي منهنجي والد محترم جواب ڏنو: اي منهنجا فرزند دلبند! ماڻهن جي عيب ڪڍڻ کان بهتر هو جو تون بہ سمهي پوين ها؟ (حڪاياتِ گلستانِ سعدي ، حڪايت نمبر 48، ص 75)

## ﴿5﴾ تڪبر:

پاڻ کي ٻين کان افضل سمجهڻ کي تڪبّر چئبو آهي. (مفردات امام راغب، ص 697) ۽ تڪبر حرام آهي. (حديقہ نديہ، ج 1 ص 543، 544)

اها ڳالهہ پنهنجي اولاد جي دل ۾ ويهاري ڇڏيو تہ جڏهن سڀ مسلمان برابر آهن ۽ ڪنهن مسلمان کي ٻئي مسلمان تي پرهيزگاريءَ کان سواءِ ڪا وڏائي ناهي ۽ ٻيو هي تہ غريب ٻار بہ توهان جا اسلامي ڀائر آهن، ان ڪري انهن کي گهٽ نہ سمجهو.

## ﴿6﴾ ڪوڙ ڳالهائڻ:

خلاف واقع ڳالهہ ڪرڻ کي ڪوڙ چئبو آهي. (حديقہ نديہ ج 2 ص 200)

اسان جي معاشري ۾ ڪوڙ ايترو تہ عام تي چُڪو آهي جو هاڻي ان کي مَعاذَالله عَزَّوَجَلَّ بُرو تصوّر ئي نٿو ڪيو وڃي. اهڙن حالتن ۾ ٻارن جو ان ڪان بچڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. پنهنجي ٻار جي ذهن ۾ ننڍپڻ ڪان ئي ڪوڙ جي خلاف نفرت ويهاريو تہ جيئن وڏي ٿيڻ ڪان پوءِ بہ سچ ڳالهائڻ جي پاڪيزه عادت اختيار ڪندا رهن.

الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّہٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جڏهن ٻانهو ڪوڙ ڳالهائيندو آهي تہ فرشتو ان جي بدبو ڪان هڪ ميل پري هليو ويندو آهي.“ (جامع الترمذي، حديث 1979 ، ج 3 ص 392)

**﴿7﴾ غيبت:**

غيبت مان مُراد اها آهي تہ پنهنجي زنده يا مُئل مسلمان ڀاءُ جي پرپُٺ ان جي پوشيده عيبن کي (جن جو بيان جي آڏو ظاهر ٿيڻ ان کي ناپسند هجي) ان جي برائي جي طور تي ذڪر ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن اها ڳالهہ ان ۾ نہ هجي تہ ان کي بهتان چئبو آهي. مثال طور: ”مون کي بي وقوف بڻائي رهيو هو“، ”ان جي نيّت خراب آهي“، ”ڊرامي باز آهي“ وغيره (بهارِ شريعت، حصو 16 ص 645)

غيبت اهو خطرناڪ مرض آهي جو شايد ئي اسان جي ڪا مجلس ان ڪان محفوظ رهندي هجي. جتي بہ ماڻهو گڏ ٿيا ۽ ٽئين جو ذڪر ٿيو تہ ان جي باري ۾ گفتگو جو خاتمو ان جون بُرايون بيان ڪرڻ تي ٿيندو آهي.

حضرتِ سيّدُنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ڪان روايت آهي تہ حُسنِ اخلاق جي پيڪر، نبين جي تاجوَر، محبوبِ ربّ اڪبر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن مون کي معراج ڪرايو ويو تہ مان اهڙن ماڻهن وٽان گذريس جن جا ننهن ٽامي جا هئا ۽ اهي انهن سان

پنهنجن چهرن ۽ سينن کي رهڙي رهيا هئا مون پُڇيو: اي جبريل! اهي ڪير آهن؟ عرض ڪيو ويو ته هي اُهي ماڻهو آهن جيڪي ماڻهن جي غيبت ڪندا هئا ۽ انهن جي بيعزّتي ڪندا هئا.
(سنن ابي داوٗد، الحديث 4878 ، ج 4 ص 353)

**﴿8﴾ لعنت:**

لعنت مان مُراد ڪنهن کي الله تعاليٰ جي رحمت کان پري چوڻ آهي. قطعي طور تي ڪنهن تي به لعنت ڪرڻ جائز ناهي چاهي اهو ڪافر هجي يا مؤمن، گنهگار هجي يا فرمانبردار ڇو ته ڪنهن جي خاتمي جي ڪنهن کي به خبر ناهي. (حديقه نديه ج 2 ص 230)

فتاويٰ رضويه ۾ آهي: لعنت تمام سخت شيء آهي، هر مسلمان کي ان کان بچايو وڃي، بلڪ ڪافر تي به لعنت جائز ناهي جيستائين ان جو ڪفر تي مرڻ قرآن ۽ حديث مان ثابت نه ٿئي.
(فتاويٰ رضويه، ج 21 ص 222)

اسان جي معاشري ۾ توري گهٽي ڳالهه تي لعنت ملامت ڪرڻ جو مرض به عام آهي، انهيءَ اثرات کان ٻار به نه ٿا بچي سگهن. والدين کي گهرجي ته پنهنجي ٻارن کي انهن خراب اثرن کان بچائين. حضرتِ سيّدُنا ضحاڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي آهي ته الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”ڪنهن مؤمن تي لعنت ڪرڻ، ان کي قتل ڪرڻ جي برابر آهي.“ (صحيح البخاري، الحديث 6652 ج 4 ص 289)

**﴿9﴾ چوري:**

ننڍپڻ جي عادت ڏاڍي ڏکي ختم ٿيندي آهي. ان ڪري ٻار گهر جون ننڍيون وڏيون شيون چورائي ڪائي ويندا آهن يا ڪنهن جي گهران چورائي ايندا آهن. جيڪڏهن انهن کي مناسب تنبيهه نه

ڪئي وجي ته ان جا نتيجا نهايت خطرناڪ هوندا آهن. حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي ته حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”چور تي الله تعاليٰ لعنت فرمائي آهي.“ (صحيح مسلم، الحديث 1687 ص 926)

### ﴿10﴾ بغض ۽ ڪينو:

جيئن ته ٻارن کي دلي خيالن بابت سني يا بري هئڻ جي خبر نه هوندي آهي، ان ڪري دل ۾ جيڪو ايندو آهي اهو ڪندا رهندا آهن ۽ بين تي پنهنجي دلي جذبن جو اظهار به ڪري ويهندا آهن، ان ڪري انهن جي دل ۾ ڪنهن لاءِ بغض ويهڻ ناممڪن ناهي، پر ظاهر آهي ته اها ڪا سني ڳالهه ناهي. ان ڪري ٻارن کي ان جي باري ۾ به ڄاڻ ڏجي ۽ ٻارن جو ذهن ٺاهيو وڃي. حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي سرڪارِ مدينه، راحتِ قلب وسينه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ٻانهن جا عمل هر هفتي ۾ ٻه ڀيرا پيش ڪيا ويندا آهن، سومر ۽ خميس جي ڏينهن تي. پوءِ هر ٻانهي جي بخشش ٿي ويندي آهي، سواءِ ان جي جو جيڪو مسلمان ڀاءُ سان بغض ۽ ڪينو رکندو آهي، ان جي باري ۾ حڪم ڏنو ويندو آهي ته انهن ٻنهي کي ڇڏي ڏيو (يعني فرشتا انهن جي گناهن کي نه مٽائين) ايتري تائين جو هو پاڻ ۾ دشمني کان مُڙي وڃن.
(صحيح مسلم ، الحديث 2565، ص 1388)

### ﴿11﴾ حسد:

اها تمنا ڪرڻ ته ڪنهن جي نعمت ان کان ختم ٿي مون کي ملي وڃي، ان کي ”حسد“ چئبو آهي. (لسان العرب، ج 1 ص 826) حسد ڪرڻ بالاتفاق حرام آهي. (حديقه نديه ج 1 ص 600)

پنهنجي ٻارن کي حسد کان بچايو وڃي، پر جيڪڏهن اها تمنا هجي تہ اها خوبي مون کي بہ ملي وڃي ۽ ان کي حاصل رهي تہ پوءِ ان کي ”رشڪ ڪرڻ“ چئبو آهي ۽ اهو جائز آهي. حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ الله جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّہٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”پنهنجو پاڻ کي حسد کان بچايو جو حسد نيڪين کي ائين کائي ڇڏيندو آهي جيئن باهہ ڪاٺين کي ساڙي ڇڏيندي آهي.“ (سنن ابي داوٗد الحديث 4903 ، ج 4 ص 360)

## ﴿12﴾ڳالهائڻ بند ڪرڻ:

اسان جي معاشري ۾ معمولي ڳالهين تان ناتا ٽوڙڻ ۽ پاڻ ۾ ڳالهائڻ ختم ڪرڻ ۾ ڪوبہ عيب محسوس ناهي ڪيو ويندو. حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب مُنَزَّہٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ڪنهن مسلمان جي لاءِ اهو جائز ناهي تہ هو ٽن ڏينهن کان وڌيڪ ڪنهن مسلمان کي ڇڏي ڏئي. جيڪڏهن ٽي ڏينهن گذري وڃن تہ ان کي گهرجي تہ پنهنجي ڀاءُ کي سلام ڪري. جيڪڏهن هو سلام جو جواب ڏئي تہ (ناهہ ڪرڻ جي) ثواب ۾ ٻئي شريڪ آهن ۽ جيڪڏهن سلام جو جواب نہ ڏئي تہ جواب نہ ڏيڻ وارو گنهگار ٿيو ۽ سلام ڪرڻ وارو تعلق ٽوڙڻ واري گناهہ کان بري ٿي ويو.“

(سنن ابي داوٗد، الحديث 4912، ج 4 ص 363)

## ﴿13﴾گار ڏيڻ:

ڪنهن کي گار ڏيندو ڏسي ٻار بہ انهيءَ انداز کي اختيار ڪندا آهن. انهن کي ان جي تباهين کان آگاهہ ڪري ان کان بچڻ جي تلقين ڪريو. حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن عمرو رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي تہ سرورِ ڪونين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”مسلمان کي گار

ڏيڻ پاڻ کي هلاڪت ۾ وجهڻ جي برابر آهي.“
(الترغيب والترهيب، الحديث 4363، ج 3 ص 377)

### ﴿14﴾وعده خلافي:

نبي مڪرّم، نورِ مجسّم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”جيڪو ڪنهن مسلمان سان ڪيل واعدو ٽوڙي ان تي الله تعالىٰ، فرشتن ۽ سڀني انسانن جي لعنت آهي ۽ ان جو نه ڪو فرض قبول ٿيندو ۽ نه نفل.“ (صحيح البخاري، الحديث 1870، ج 1 ص 616)

پنهنجي ٻارن جي وعده خلافيءَ کان بچڻ جي تربيّت ڪريو. وعده خلافي اڄڪلهه اسان وٽ ڪا وڏي ڳالهه ناهي سمجهي ويندي. عهد ٽوڙڻ (يعني پورو نه ڪرڻ) جي نيّت سان واعدو ڪرڻ حرام آهي. گهڻن عالمن وٽ پورو ڪرڻ جي نيّت سان واعدو ڪيو ته ان جو پورو ڪرڻ مستحب آهي ۽ ٽوڙڻ مڪروه تنزيهي آهي.
(حديقه نديه، ج 1 ص 656)

جيڪڏهن ڪنهن سان ڪنهن ڪم ڪرڻ جو واعدو ڪيو ۽ واعدي ڪرڻ وقت نيّت ۾ فريب نه هئو ۽ پوءِ ان ڪم ڪرڻ ۾ ڪو رنڊڪ ٿي ته ان سبب کان ان ڪم کي نه ڪرڻ کي وعده خلافي ناهي چئبو. حضور پرنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”وعده خلافي اها ناهي ته ماڻهو واعدو ڪري ۽ ان جي نيّت ان کي پوري ڪرڻ جي به هجي، پر وعده خلافي اها آهي ته ماڻهو واعدو ڪري ۽ ان جي نيّت ان کي پورو ڪرڻ جي نه هجي.“ (فتاويٰ رضويه، ج 10 ص 89)

### ﴿15﴾آتش بازي:

افسوس! اڄڪلهه آتش بازي ۾ ڪوبه حرج ناهي سمجهيو ويندو، بلڪ شعبان المعظّم جي ڏينهن ۾ ته هر علائقو ڄڻ ته جنگ جو ميدان پيو محسوس ٿيندو آهي. هر جڳهه ڦٽاڪا ساڙيا ويندا

آهن. ڦٽاڪا ٻارڻ منع آهي. پنهنجي ٻارن کي ان کان بچايو.

حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَۃُاللہِتَعَالٰی عَلَیۡہ لکن ٿا:

”ڦٽاڪن جي باري ۾ اهو مشهور آهي تہ اها رسم نمرود بادشاھ ايجاد ڪئي جڏهن ان حضرت ابراهيم عَلَیۡہِ السَّلَام کي باھ ۾ وِڌو تہ باھ گلزار ٿي وئي تہ پوءِ ان جي ماڻهن باھ جا گولا ٺاهي ان ۾ باھ لڳائي حضرتِ سيّدُنا خليل الله عَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ڏانهن اڇلايا.“ (اسلامي زندگي ص 77)

## ﴿16﴾ لغڙ اڏائڻ:

لغڙ اڏائڻ جي نقصانن جو اعتراف اهي ماڻهو بہ ڪن ٿا جيڪي ان ۾ ڪوبہ حرج ناهن سمجهندا. هر سال ڪروڙين رپيا ان منحوس شوق جي ور چاڙهيا وڃن ٿا. ڪتيل لغڙ پڪڙڻ جي شوق ۾ ڪافي ٻار ۽ نوجوان ڇت تان ڪري يا ڪنهن گاڏيءَ سان ٽڪرائجي سڄي عمر جي لاءِ جسماني معذوريءَ جو شڪار ٿي ويندا آهن. سمجهدار والدين کي گهرجي تہ پنهنجي ٻارن کي انهيءَ شوق جي هوا بہ لڳڻ نہ ڏين.

## ﴿17﴾ فلمون ڏسڻ:

فلمون ۽ ڊراما وغيره ڏسڻ اڄ نوجوانن جي اڪثريت جو پسنديده مشغلو بڻجي چُڪو آهي. جيڪو ڪجهہ اک ڏسي ٿي ان جو اثر دماغ قبول ڪري ٿو. اهو ئي سبب آهي جو اڄ ڏوھ وَڌي ويا آهن، چوتہ قوم جي نوجوانن کي ڌاڙي هڻڻ، زوريءَ زنا، غنده گردي وغيره جي تربيت جي لاءِ ڪنهن ”ڪوچنگ سينٽر“ ۾ وڃڻ جي ضرورت ناهي پوندي. بلڪ اها تربيّت انهن کي ٽي وي، وي سي آر، ڊش ۽ ڪيبل جي ذريعي گهر ويٺي ملي ٿي وڃي. جڏهن ان ناپاڪ ڪم جا خطرناڪ نتيجا اڳيان ايندا آهن تہ والدين پنهنجو منهن مٿو

پيا پِٽيندا آهن. گهڻا والدين ٻارن کي ڍال بڻائي گهر ۾ ٽي وي آڻڻ جو ”بهانو“ بڻائيندا آهن تہ ادا چا ڪريون، ٻار ضد ڪري رهيا هئا. اهڙن والدين کي سوچڻ گهرجي تہ جيڪڏهن اوهان جو اولاد اوهان کي ٻرندڙ چلهہ تي ويهڻ يا ڇت تان ٽپو لڳائڻ جو چئي تہ ڇا پوءِ بہ اوهان انهن جي ضد جي اڳيان هٿيار ڦٽا ڪندا يا سمجهداريءَ جو مظاهرو ڪندي انهن جي مطالبي کي رد ڪري ڇڏيندا. جيڪڏهن انهن جي مطالبي جي جواب ۾ چلهہ تي ويهڻ ناداني آهي تہ توهان ئي فرمايو تہ ٽي وي ۾ جنهن قسم جا بيحاءِ، بي حياء ۽ غيرمهذّب پروگرام ڏيکاريا ويندا آهن، ڇا انهن کي ڏسڻ وارو جنّت جو مستحق ٿي سگهي ٿو يا دوزخ جو حقدار؟ تہ پوءِ ٽي ويءَ جي مُعاملي ۾ اولاد جو ضد ڇو ٿو مڃيو وڃي؟ اللّٰہ تعاليٰ اسان کي عقل سليم عطا فرمائي. (ان سلسلي ۾ تفصيلي معلومات جي لاءِ اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالن ”ٽي وي جون تباھ ڪاريون ۽ گانن باجن جون هولناڪيون“ جو مطالعو ڪريو)

## ٻارن سان هڪ جهڙو سلوڪ ڪريو

والدين کي گهرجي تہ هڪ کان وڌيڪ ٻار هئڻ جي صورت ۾ انهن کي ڪا شيءِ ڏيڻ، پيار و محبت ۽ شفقت ۾ برابريءَ جو اصول اختيار ڪن. بغير شرعي سبب جي ڪنهن ٻار خاص طور تي نياڻيءَ کي نظر انداز ڪري ٻئي کي ان تي ترجيح نہ ڏيو جو ان سان ٻار جي نازڪ دلين تي بغض ۽ حسد جو تهہ ڄمي سگهي ٿو. جيڪو انهن جي شخصي تعمير جي لاءِ نهايت نقصان ده آهي. معلمِ اخلاق صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اسان کي اولاد مان هر هڪ سان هڪ جهڙو سلوڪ ڪرڻ جي هدايت فرمائي آهي. حضرتِ سيّدُنا نعمان

بشير رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ فرمائن ٿا تہ منهنجي والد رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ مون کي ڪجھ مال ڏنو تہ منهنجي والده حضرتِ عمره بنت رواحہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا جن چيو تہ مان ان وقت تائين راضي نہ ٿينديس جيستائين توهان ان تي رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي شاهد نہ ڪيو. تنهن ڪري منهنجا والد مون کي شهنشاهِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي بارگاھ ۾ وٺي ويا تہ جيئن مون کي ڏنل صدقي تي پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي گواھ بڻائين. سروَرِ ڪونين صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پُڇيو تہ ڇا توهان سيني پُٽن سان ائين ئي ڪيو آهي؟ منهنجي والد محترم عرض ڪيو: "نہ". پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: "اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان ڊڄو ۽ پنهنجي اولاد ۾ انصاف ڪريو." اهو ٻُڌي هو واپس موٽي آيا ۽ اهو صدقو واپس ورتو." (صحيح مسلم، الحديث 1623 ص 878)

شهنشاهِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آهي: بيشڪ اللّٰه تبارڪ و تعاليٰ پسند ڪري ٿو تہ توهان پنهنجي اولاد جي وچ ۾ برابريءَ جو سلوڪ ڪريو ايتري قدر جو چمي ڏيڻ ۾ بہ (برابري ڪيو). (ڪنزالعمال، الحديث 45342، ج 16 ص 185)

حضرتِ سيّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کان مروي آهي تہ هڪ شخص تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن وٽ وينو هو تہ ايتري ۾ ان جو ٻار اچي ويو. ان شخص پنهنجي پُٽ کي چُمي ڏني ۽ پوءِ پنهنجي ران تي ويهاريو. ان دؤران ان جي ڌيءُ بہ اچي وئي جنهن کي ان پنهنجي سامهون ويهاري ڇڏيو. (يعني نہ ان انهيءَ کي چُمي ڏني نہ ئي جهوليءَ ۾ ويهاريو) تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ توهان انهن جي وچ ۾ برابري ڇو نہ ڪئي؟

(مجمع الزوائد، الحديث 13489، ج 8 ص 286)

## هڪ طرفي راءِ ٻڌي فيصلو نہ ڪريو

جيڪڏهن ڪو ٻارن ۾ جهيڙو ٿي وڃي تہ هڪ ڪان ڳالهہ ٻُڌي ڪڏهن بہ فيصلو نہ ڪريو ڇوتہ حق تلفي جو گهڻو امڪان آهي. ٿي سگهي ٿو تہ جنهن جي اوهان ڳالهہ ٻُڌي اهو غلطيءَ تي هجي ان ڪري احتياط ان ۾ آهي تہ ٻنهي طرفن (يعني ٻنهي ٻارن) جي ڳالهہ ٻُڌي انهن کي ناهہ ڪرڻ تي راضي ڪيو.

## پنهنجي اولاد جي اصلاح ڪيو

جيڪڏهن ٻار ٻاهہ ڏانهن وڌي رهيو هجي تہ والدين جيستائين دوڙي پنهنجي ٻار کي نہ وٺن، تيستائين انهن کي آرام ناهي ايندو. پر افسوس اهوئي اولاد جنهن ربّ ڪريم عَزَّوَجَلَّ جي نافرمانين ۾ ملوّث ٿي جهنّم ڏانهن تيزيءَ سان وڌڻ لڳندو آهي تہ والدين جي ڪنن تي جونءِ بہ نہ ٿي چُري. ٻار جيڪڏهن اسڪول کان موڪل وٺي تہ ان کي چڱيءَ طرح دڙڪا ڏنا ويندا آهن، پر افسوس نماز نہ پڙهڻ تي ان کي تنبيهہ بہ ناهي ڪئي ويندي.

امامِ اهلسنت، مجدّدِ دين و ملّت الشاه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي بارگاهہ ۾ ڪنهن سوال ڪيو: والدين لاءِ بالغ اولاد کي چڱائي جو حڪم ڪرڻ واجب آهي يا فرض؟ ان جو جواب ڏيندي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ارشاد فرمايو: ”جيڪو حڪم فعل جو آهي ان جي مطابق ان کي خبردار ڪرڻو آهي، فرص تي فرض، واجب تي واجب، سنّت تي سنّت، مستحب تي مستحب، پر شرط اهو آهي تہ اهو وس آهر حڪم ڪري ۽ ان مان ڪجهہ فائدي جي اميد بہ هجي، نہ تہ:

عَلَيۡكُمۡ اَنۡفُسَكُمۡ ۚ لَا يَضُرُّكُمۡ مَّنۡ ضَلَّ اِذَا اهۡتَدَيۡتُمۡ ؕ (پ 7 المائدة: 105)

ترجموڪنزالايمان: توهان پنهنجو فڪر رکو توهان جو ڪو نقصان نہ ڪندو جيڪو گمراهہ ٿيو جڏهن توهان راهہ تي هجو.

(فتاويٰ رضويہ ج 24، ص 371)

ليڪن اولاد جي اصلاح جو اندازو اهڙو هئڻ گهرجي جو انهن جي اصلاح بہ ٿئي ۽ اهي والدين کان باغي بہ نہ ٿين، ان ڪري جڏهن بہ ٻار کي سمجهايو تہ نرميءَ سان سمجهايو. ٻارن جا جذبات تمام نازڪ ٿيندا آهن. ڪن والدين جي عادت هوندي آهي تہ جيئن ئي ٻار کا غلطي ڪئي، اهي ان جي احساسن جو خيال ڪرڻ کان سواءِ ان کي ٻِٽ پاراتا ڏيڻ شروع ڪندا آهن. ان سان ٻار احساسِ ڪمتريءَ جو شڪار ٿي ويندا آهن ۽ والدين کي پنهنجو مخالف سمجهڻ شروع ڪندا آهن. ائين نہ ڪيو وڃي، پر ٻارن جي غلطي سڌي ۽ نرم انداز ۾ ان تي ظاهر ڪئي وڃي تہ جيئن هو پنهنجو پاڻ کي قيدي تصوّر نہ ڪن ۽ سمجهائڻ واري کي پنهنجو خيرخواهہ ۽ همدرد سمجهن. اُمُّ المؤمنين حضرتِ سيّدتنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان مروي آهي تہ حضورِ پاڪ، صاحبِ لولاڪ، سيّاح افلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جنهن شيءِ ۾ نرمي هوندي آهي تہ ان کي زينت بخشيندي آهي ۽ جنهن شيءِ مان نرمي کسي ويندي آهي، ان کي عيب دار ڪري ڇڏيندي آهي.“ (صحيح مسلم، الحديث 2594، ص 1398)

حضرتِ سيّدُنا ابودرداء رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ نور جي پيڪر، سيني نبين جي سروَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن کي نرميءَ مان حصو ڏنو ويو تہ ان کي ڀلائيءَ مان حصو ڏنو ويو ۽ جيڪو نرميءَ جي حصي کان محروم رهيو اهو ڀلائيءَ مان پنهنجي حصي کان محروم رهيو.“ (جامع الترمذي، الحديث 2020، ج 3 ص 408)

ڪن مائرن جي عادت هوندي آهي تہ سمجهائڻ وقت مختلف ڌمڪين ڏينديون آهن. مثال طور: هاڻي جيڪڏهن ائين ڪيو تہ مان توکي جهنگل ۾ ڇڏي ايندس وغيره. ائين نہ ڪيو. ٻار جو ڪچو ذهن ان کي ڏاڍو غلط تصور ڪندو آهي. نتيجي طور اهو بہ جوابي نتيجن تي لهي ايندو آهي ۽ سڌرڻ بدران خراب ٿي ويندو آهي ٻار کي ڪڏهن بہ يڪدم غصي ۾ سزا نہ ڏيو، پر ان جي غلطي سامهون اچڻ تي سوچيو تہ مون کي ان کي ڪيئن سمجهائڻ گهرجي ۽ پوءِ ان حڪمت عمليءَ کي اختيار ڪندي سمجهايو. سيني جي سامهون دڙڪا نہ ڏيو، ٻار ڏاڍي گهٽتائي محسوس ڪندو آهي، ان ڪري ان کي ٿي سگهي تہ اڪيلائپ ۾ سمجهايو تہ اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ بهترين نتيجا نڪرندا. ڪي مائرون پنهنجي اولاد کي هر هر غلطيءَ تي بددعا بہ ڏئي وجهنديون آهن. پوءِ جڏهن اهي بد دعائون پنهنجو اثر ڏيکارينديون آهن تہ اهي مائرون مصلو وِڇائي ويهي رهنديون آهن. حضرتِ سيِّدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه مڪاشفة القلوب ۾ نقل ڪن ٿا تہ هڪ ماڻهو حضرتِ سيِّدُنا عبدالله بن مبارڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ پنهنجي ٻار جي شڪايت ڪئي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن فرمايو: ڇا توهان ان خلاف بد دعا ڪئي آهي؟ ان چيو: ”ها“. فرمايائون: ”توهان تہ پاڻ ئي ان کي برباد ڪري ڇڏيو آهي، ٻار سان نرمي اختيار ڪرڻ ئي بهتر آهي.“ (مڪاشفة القلوب، ص 280)

هڪ دفعي جي غلطيءَ تي ٻار کي مختلف لقب مثال طور: مڪّار، چور، ڪوڙو، وغيره سان نوازڻ وارا والدين سخت غلطيءَ تي آهن. انهن لقبن جي دهرائڻ سان ٻار اهو سوچيندو آهي تہ جڏهن مون کي اهي لقب ملي ئي ويا آهن تہ پوءِ ڇونہ ان ڪم کي ڪامل

طريقي سان ڪيان؟ پوءِ هو انهيءَ لقب جو حقيقي حقدار بڻجي ڏيکاريندو آهي.

جيڪڏهن نرميءَ جي باوجود ٻار ڪنهن غلطيءَ ڪي هرهر ورجائي ٿو ته حڪمت جي تقاضا طور ان کي ٿورو سختيءَ سان سمجهائڻ گهرجي، جيڪڏهن پوءِ به نه مُڙي ته پوءِ ٿوري سزا ڏيڻ ۾ حرج ناهي. حضرتِ سيّدُنا جابر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ روايت ڪن ٿا ته خاتِمُ الْمُرسَلين، رحمةٌ للعٰلمين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته الله تعاليٰ ان ٻانهي تي رحم فرمائي جيڪو پنهنجي گهر ۾ ڦٽڪو (دُرو) ٽنگي ڇڏي جنهن مان ان جا ٻاتي ادب سکن. (ڪنز العمال، حديث 44990، ج 16 ص 159)

پر جيڪڏهن سزا ڏيڻي ئي پوي ته هٿ سان ڏئي، ايترو ڏڪ هڻي جو ٻار ان کي برداشت ڪري سگهي ۽ چهري تي نه هڻي. حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي ته نبي مڪرّم، نورِ مُجسّم، رحمتِ عالم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جڏهن توهان مان ڪو هڻي ته ان کي گهرجي ته چهري تي نه هڻي.“

(سنن ابي داوٗد، الحديث 4493، ج 4 ص 222)

اسان جا بزرگانِ دين عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْمُبِين پنهنجي اولاد کي ادب سيکارڻ لاءِ بيحد فڪرمند هوندا هئا. امامِ جليل حضرتِ سيّدُنا محمد بن فضل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن تعليم پرائڻ دؤران ڪڏهن به بازار مان ڪاڻو نه کاڌو. سندن والد صاحب هر جمعي تي پنهنجي ڳوٺان انهن جي لاءِ کاڌو آڻيندو هو. هڪ دفعي هو کاڌو ڏيڻ آيو ته ان جي ڪمري ۾ بازار جي ماني رکيل ڏسي سخت ناراض ٿيو ۽ پنهنجي پٽ سان نه ڳالهايان. صاحبزادي مُعافي گهرندي عرض ڪيو: ”بابا سائين! هيءَ ماني مون بازار مان ناهي آندي، منهنجو دوست منهنجي رضامنديءَ جي بغير خريد ڪري آيو آهي.“ والد صاحب اهو

ٻُڌي ڏڙڪا ڏيندي چيس تہ ”جيڪڏهن تو ۾ تقويٰ هجي ها تہ تنهنجي دوست کي ڪڏهن بہ اها همّت نہ ٿئي ها.“ (تعليم المتعلم طريق التعلم ص 67)

**وضاحت:** امام زرنوجي رَحۡمَۃُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا تہ جيڪڏهن ٿي سگهي تہ غير مفيد ۽ بازاري کاڌن کان پرهيز ڪئي وڃي ڇو تہ بازاري کاڌو انسان کي خيانت ۽ گندگيءَ جي ويجهو ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر کان پري ڪري ٿو ڇڏي. ان جو سبب اهو آهي تہ بازاري کاڌن ۾ غريبن ۽ فقيرن جون نظرون بہ پونديون آهن ۽ اهي غريب مفلسيءَ جي ڪري جڏهن ان کاڌي کي خريد ڪري ناهن سگهندا تہ دل لاهي ويهندا آهن ۽ ائين ان کاڌي مان برڪت ختم ڪئي ويندي آهي.

(تعليم المتعلم طريق التعلم، ص 88)

## پنهنجي اولاد کي نافرماني کان بچايو

اولاد تي والدين جي اطاعت واجب آهي. ان ڪري جيڪڏهن هو والدين جو حڪم نہ مڃيندا تہ گنهگار ٿيندا. پنهنجي اولاد کي گناهن کان بچائڻ جو ذهن رکڻ وارن والدين کي گهرجي تہ جڏهن بہ پنهنجي اولاد کي ڪو ڪم چون تہ مشوري طور چون، حڪم نہ ڏين. ”تنبيہ الغافلين“ ۾ آهي تہ هڪ بزرگ پنهنجي ٻارن کي سڌو سنئون ڪو ڪم نہ چوندو هو، پر جڏهن ضرورت پوندي هئي تہ ڪنهن ٻئي جي ذريعي چورائيندو هو. جڏهن ان کان ان جو سبب پُڇيو ويو تہ فرمائڻ لڳا: ٿي سگهي ٿو تہ مان پنهنجي پٽ کي ڪنهن ڪم جو چوان ۽ هو نہ مڃي تہ (والدين جي نافرمانيءَ جي ڪري باهہ جو حقدار ٿي وڃي ۽ مان پنهنجي پٽ کي باهہ ۾ ساڙڻ نہ ٿو چاهيان.“ (تنبيہ الغافلين، ص 69)

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، حضرت علامہ مولانا ابوبلال

محمد الياس قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو مدني ذهن اهو آهي. پاڻ دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا ته مان پنهنجي اولاد کي عام طور تي ڪو به ڪم چوندو آهيان ته مشوري جي طور تي چوندو آهيان ته جيئن اهي نافرماني ڪري گنهگار نه ٿين.

## حوصلہ افزائي ڪرڻ گهرجي

حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪيمياءِ سعادت ۾ فرمائن ٿا: ”جڏهن ٻار سٺو ڪم ڪري ۽ خوش اخلاق ٿئي ته ان جي تعريف ڪيو ۽ ان کي اهڙي شيء ڏيو جنهن سان ان جي دل خوش ٿي وڃي ۽ جيڪڏهن ماءُ ٻار کي خراب ڪم ڪندي ڏسي ته ان کي گهرجي ته اڪيلائپ ۾ سمجهائي ۽ ٻُڌائي ته اهو ڪم خراب آهي، نيڪ ۽ سٺا ٻار ائين ناهن ڪندا. (ڪيمياءِ سعادت، ص 532)

## ڪيڏڻ جو موقعو به ڏنو وڃي

جامع صغير ۾ آهي: ”عَرامَةُ الصّبيِّ في صِغَرِهِ زِيادَةٌ في عَقلِهِ في كِبَرِهِ“ يعني ٻار جو ننڍپڻ ۾ شرارت ۽ راند روند ڪرڻ، جوانيءَ ۾ ان جي عقلمند ٿيڻ جي نشاني آهي. (الجامع الصغير، الحديث 5413، ص 335)

حضرتِ سيِّدَتُنا عائشه صديقه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا کان مروي آهي ته عيد جي ڏينهن ڪجهه حبشي ٻار ڍال ۽ نيزن سان ڪيڏي رهيا هئا. نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي ڏٺو ته ارشاد فرمايائون: اي حبشي ٻارؤ! ڪيڏندا رهو ته جيئن يهودين ۽ عيسائين کي خبر پوي ته اسان جي دين ۾ ڪشادگي آهي.

(ڪنز العمال، الحديث 40610، ج 15 ص 92)

پر اهو خيال ڪريو ته هر راند جائز ناهي، ان ڪري ٻارن کي صرف جائز راند ڪيڏڻ جي اجازت ڏني وڃي. ناجائز راند ڏانهن ته

رخ بہ ڪرڻ نہ ڏنو وڃي.

## خراب صحبت کان بچو

والدين اھو ڏسندا رھن تہ انھن جو ٻار ڪھڙن قسمن جي ٻارن ۾ اٿي ويھي ٿو. جيڪڏھن انھن جي ويجھو گڏ ٿيندڙن ۾ خراب عادتون ھجن يا اھي گمراھ عقيدا رکندا ھجن تہ شفقت ۽ نرميءَ سان پنھنجي ٻار کي اھڙن ٻارن سان ملڻ کان منع ڪن ۽ انھن کي سنن ساٿين ۽ خوش عقيدي وارن دوستن سان تعلق رکڻ جو مشورو ڏين، ڇوتہ ھر صحبت پنھنجو اثر ڏيکاريندي آھي. مکي مدني سلطان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”سني ۽ خراب ساٿيءَ جو مثال، مشڪ کڻڻ واري ۽ کوري ٻارڻ واري وانگر آھي، خوشبوءِ کڻڻ وارو توھان کي تحفو ڏيندو يا توھين ان کان خريد ڪندا يا توھان کي ان کان عمده خوشبوءِ ايندي، پر کوري ٻارڻ وارو توھان جا ڪپڙا ساڙيندو يا توھان کي ان مان خراب بوءِ ايندي.“ (صحيح مسلم، الحديث 2628 ص 1414)

رسولِ اڪرم، شفيع معظم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمائن ٿا: ”انسان پنھنجي گھري دوست جي دين تي ھوندو آھي تہ توھان مان ھر ھڪ ڏسي تہ ھن ڪنھن کي گھرو دوست بڻايو آھي.“

(سنن ابي داوٗد، الحديث 4833 ج 4 ص 341)

## ٻار وڏا ٿين تہ بسترو جدا ڪريو

حضرتِ سيّدُنا عبدالملڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي آھي تہ رحمتِ ڪونين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جڏھن توھان جا ٻار ستن سالن جا ٿين تہ انھن جو بسترو جدا ڪريو.“

(المستدرڪ، الحديث 748، ج 1 ص 449)

## اولاد بالغ ڪڏهن ٿيندو آهي؟

چوڪرو ٻارهن سال ۽ چوڪري نَون سالن جي عمر کان اڳ هرگز بالغ ۽ بالغہ نہ ٿيندا ۽ چوڪرو ۽ چوڪريءَ ٻئي پندرهن سالن جي پوري عمر ۾ ضرور شرعي طور تي بالغ ۽ بالغہ آهن. جيتوڻيڪ بلوغت جون نشانيون ظاهر نہ ٿين. انهن عُمرَن جي دؤران جيڪڏهن نشانيون محسوس ٿين يعني ڪٿي چوڪري يا چوڪريءَ کي سمهندي يا جاڳندي اِنزال ٿئي يا چوڪريءَ کي حيض اچي يا جماع سان چوڪرو (کنهن عورت کي) حاملہ ڪري يا (جماع جي ڪري) چوڪريءَ کي حمل ٿي وڃي تہ پوءِ يقيني طور تي بالغ ۽ بالغہ آهن ۽ جيڪڏهن نشانيون نہ ملن، پر اهي پاڻ چون تہ اسين بالغ ۽ بالغہ آهيون ۽ ظاهر ظهور انهن جو حال انهن کي ڪوڙو نہ ڪري (يعني غلط قرار نہ) ڏئي تہ بالغ ۽ بالغہ سمجهيا ويندا ۽ بلوغت جا سيئي احڪام لاڳو ٿيندا ۽ ڏاڙهي مڇون نڪرڻ يا چوڪريءَ جي پستان ۾ اُڀار پيدا ٿيڻ ضروري ناهي. (فتاويٰ رضويہ ج 19 ص 930)

## بزرگن جون حڪايتون ٻڌايو

والدين کي پنهنجي ٻار تي سخت نظر رکڻ گهرجي تہ هو کهڙي قسم جا رسالا ۽ ڪتاب ٿو پڙهي. ڪٿي هو روماني ناول يا گمراهہ ڪندڙ عقيدن تي مشتمل بدمذهبن جا ڪتاب پڙهڻ جو عادي تہ ناهي؟ اهڙي حالت ۾ ٻار کي سمجهائڻ ۾ دير نہ ڪئي وڃي ۽ ان کي پنهنجي بزرگن جون حڪايتون ۽ صحيح عقيدي وارن عالمن جا ڪتاب پڙهڻ جو شوق ڏياريو وڃي. ڪي مائرون ۽ ڏاڏيون ٻارن کي سمهڻ وقت خوفناڪ ڪهاڻيون ٻُڌائينديون آهن، جنهن جي سبب ٻارن کي ڊيڄاريندڙ خواب اچڻ شروع ٿي ويندا آهن. اهڙن مائرن

کي گهرجي تہ ٻارن کي بزرگن جون اصلاحي حڪايتون ٻڌائين.
مُحدّثِ اعظم پاڪستان حضرت مولانا سردار احمد قادري رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کي ننڍپڻ کان ئي پنهنجي بزرگن سان وڏي عقيدت هئي ان ڪري پاڻ اسڪول جي تعليم دؤران بہ پنهنجي استاد کي عرض ڪندا هئا تہ ”سائين! اسان کي بزرگن جون ڳالهيون ٻڌايو ۽ حضورِ سروَرِ ڪائنات صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي پاڪ زندگي تي ضرور روشني وجهندا ڪريو.“ (حياتِ محدثِ اعظم ص 32)

**مسئلو:** عجيب و غريب قصا ۽ ڪهاڻيون تفريح طور ٻڌڻ جائز آهن جڏهن تہ انهن جي ڪوڙي هئڻ جو يقين نہ هجي، بلڪ جيڪي بلڪل ڪوڙيون هجن ۽ مثال ڏيڻ خاطر يا نصيحت طور ٻڌايون وڃن، انهن جو ٻڌڻ بہ جائز آهي. (الدرالمختار، ج 9 ص 667)

## اولاد جوان ٿئي تہ جلد شادي ڪرايو

اولاد جي جوان ٿيڻ تي والدين جي ذميداري آهي تہ انهن جي نيڪ ۽ صالح خاندان مان شادي ڪرائين. حضرتِ سيّدُنا ابنِ عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي تہ سروَرِ ڪونين صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو : پنهنجي پُٽن ۽ نياڻين جو نڪاح ڪريو. نياڻين کي سون ۽ چانديءَ سان سنواريو ۽ انهن کي عمده لباس پارايو ۽ مال جي ذريعي انهن تي احسان ڪريو تہ جيئن انهن ڏانهن لاڙو پيدا ٿئي. (يعني انهن جي لاءِ نڪاح جا پيغام اچن) (ڪنزالعمال، حديث 45424، ج 16 ص 191)

اولاد جوان ٿي وڃي تہ بنا ڪنهن سبب جي نڪاح ۾ دير نہ ڪئي وڃي. حضرتِ سيّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا کان روايت آهي تہ **اللّٰه** عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّہٌ عَنِ العُيُوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”جنهن وٽ پٽ پيدا ٿئي تہ ان کي گهرجي تہ ان جو

پنهنجي اولاد کي هر هر غلطيءَ تي بددعا به ڏئي وجهنديون آهن. پوءِ جڏهن اهي بد دعائون پنهنجو اثر ڏيکارينديون آهن ته اهي مائرون مصلو وِڇائي ويهي رهنديون آهن. حضرتِ سيّدُنا امام محمد غزالي رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه مکاشفة القلوب ۾ نقل ڪن ٿا ته هڪ ماڻهو حضرتِ سيّدُنا عبدالله بن مبارڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ پنهنجي ٻار جي شڪايت ڪئي. پاڻ رَحمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن فرمايو: ڇا توهان ان جي خلاف بد دعا ڪئي آهي؟ ان چيو: ”ها“. فرمايائون: ”توهان ته پاڻ ئي ان کي برباد ڪري ڇڏيو آهي، ٻار سان نرمي اختيار ڪرڻ ئي بهتر آهي.“ (مڪاشفة القلوب، ص 280)

هڪ دفعي جي غلطيءَ تي ٻار کي مختلف لقب مثال طور: مڪّار، چور، ڪوڙو، وغيره سان نوازڻ وارا والدين سخت غلطيءَ تي آهن. انهن لقبن جي دهرائڻ سان ٻار اهو سوچيندو آهي ته جڏهن مون کي اهي لقب ملي ئي ويا آهن ته پوءِ ڇونه ان ڪم کي ڪامل طريقي سان ڪيان؟ پوءِ هو انهيءَ لقب جو حقيقي حقدار بڻجي ڏيکاريندو آهي.

جيڪڏهن نرميءَ جي باوجود ٻار ڪنهن غلطيءَ کي هرهر ورجائي ٿو ته حڪمت جي تقاضا طور ان کي ٿورو سختيءَ سان سمجهائڻ گهرجي، جيڪڏهن پوءِ به نه مُڙي ته پوءِ ٿوري سزا ڏيڻ ۾ حرج ناهي. حضرتِ سيّدُنا جابر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ روايت ڪن ٿا ته خاتمُ الْمُرسَلين، رحمةٌ للعٰلمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته الله تعاليٰ ان ٻانهي تي رحم فرمائي جيڪو پنهنجي گهر ۾ ڦٽڪو (دُرو) ٽنگي ڇڏي جنهن مان ان جا ياتي ادب سکن.

(ڪنز العمال، حديث 44990، ج 16 ص 159)

پر جيڪڏهن سزا ڏيڻي ئي پوي ته هٿ سان ڏئي، ايترو ڏک هڻي جو ٻار ان کي برداشت ڪري سگهي ۽ چهري تي نه هڻي. حضرتِ سيّدُنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي ته نبي مڪرّم، نورِ مُجسّم، رحمتِ عالم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: "جڏهن توهان مان ڪو هڻي ته ان کي گهرجي ته چهري تي نه هڻي."

(سنن ابي داوٗد، الحديث 4493، ج 4 ص 222)

اسان جا بزرگانِ دين عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْمُبِين پنهنجي اولاد کي ادب سيکارڻ لاءِ بيحد فڪرمند هوندا هئا. امامِ جليل حضرتِ سيّدُنا محمد بن فضل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن تعليم پرائڻ دؤران ڪڏهن به بازار مان کاڌو نه کاڌو. سندن والد صاحب هر جمعي تي پنهنجي ڳوٺان انهن جي لاءِ کاڌو آڻيندو هو. هڪ دفعي هو کاڌو ڏيڻ آيو ته ان جي ڪمري ۾ بازار جي ماني رکيل ڏسي سخت ناراض ٿيو ۽ پنهنجي پٽ سان نه ڳالهايو صاحبزادي مُعافي گهرندي عرض ڪيو: "بابا سائين! هيءَ ماني مون بازار مان ناهي آندي، منهنجو دوست منهنجي رضامنديءَ جي بغير خريد ڪري آيو آهي." والد صاحب اهو ٻُڌي دڙڪا ڏيندي چيس ته "جيڪڏهن تو ۾ تقويٰ هجي ها ته تنهنجي دوست کي ڪڏهن به اها همّت نه ٿئي ها."

(تعليم المتعلم طريق التعلم ص 67)

**وضاحت:** امام زرنوجي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا ته جيڪڏهن ٿي سگهي ته غير مفيد ۽ بازاري کاڌن کان پرهيز ڪئي وڃي ڇو ته بازاري کاڌو انسان کي خيانت ۽ گندگيءَ جي ويجهو ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر کان پري ڪري ٿو ڇڏي. ان جو سبب اهو آهي ته بازاري کاڌن ۾ غريبن ۽ فقيرن جون نظرون به پونديون آهن ۽ اهي

نوجوان اهي شيون وني آيو. شيخ ڪرماني رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه پنهنجي صاحبزاديءَ جو نڪاح ان نيڪ نوجوان سان ڪري ڇڏيو. صاحبزادي جڏهن رخصت ٿي مڙس جي گهر آئي تہ ان ڏٺو تہ گهر ۾ هڪ پاڻيءَ جي گُهگهيءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي ۽ ان گُهگهيءَ تي هڪ ماني رکيل ڏٺائين، پُڇيائين تہ هيءَ ماني هتي ڇو پيل آهي؟ مڙس جواب ڏنو تہ هيءُ ڪالهوڪي پاروٿي ماني آهي مون افطار جي لاءِ رکي ڇڏي هئي. اهو ٻُڌي اها چوڻ لڳي تہ بس! مون کي پنهنجي گهر ڇڏي اچو. نوجوان چيس تہ مونکي اڳ ۾ ئي انديشو هو تہ شيخ ڪرماني جي نياڻي مون جهڙي غريب انسان جي گهر رهي نہ سگهندي. ڇوڪريءَ جواب ڏنو: مان توهان جي مفلسيءَ جي ڪري واپس نہ پئي وڃان، پر ان ڪري تہ مون کي توهان جو توڪّل ڪمزور محسوس ٿي رهيو آهي. تنهن ڪري مون کي پنهنجي پيءُ تي حيرت آهي تہ ان اوهان کي پاڪيزه عادتن وارو، نيڪ ۽ صالح ڪيئن سمجهيو، جڏهن تہ اوهان جو الله تعاليٰ تي ڀروسي جو اهو حال آهي جو ماني بچائي ٿا رکو.

اهي ڳالهيون ٻُڌي نوجوان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ شرمندگيءَ جو اظهار ڪيو. ڇوڪريءَ وري چيو: مان اهڙي گهر ۾ نہ ٿي رهي سگهان، جتي هڪ وقت جو کاڌو گڏ ڪري رکيو ويو هجي. هاڻي هتي مان رهنديس يا ماني....؟ اهو ٻُڌي نوجوان جلدي ٻاهر نڪتو ۽ ماني خيرات ڪري ڇڏيائين. (روض الرياحين، ص 192)

هن حڪايت مان اهي والدين عبرت جو سبق حاصل ڪن جو جڏهن انهن جي سامهون ڪنهن نيڪ ۽ پرهيزگار اسلامي ڀاءُ جو رشتو پيش ڪيو ويندو آهي تہ صرف ان ڪري انڪار ڪري ڇڏيندا

آهن جو اهو ڏاڙهيءَ وارو ۽ سنّتن جو عامل آهي، جڏهن تہ ان جي برعڪس اهڙي نوجوان کي ترجيح ڏيڻ ۾ خوشي محسوس ڪندا آهن جيڪو پنهنجي خراب عملن سان الله تعاليٰ کي ناراض ڪري جهنّم ۾ وڃڻ جو سامان ڪري رهيو هجي ۽ جنهن جي صحبت ان جي ڌيءُ کي بہ خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ کان بي نياز ۽ ان جي عبادت کان غافل ڪري ڇڏيندي.

## هڪ ماءُ جي نصيحت

حضرتِ سيّدتنا اسماء بنت خارجہ فزاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهَا جن پنهنجي نياڻيءَ جي نڪاح ڪرڻ وقت فرمايو: ڌيءُ تون هڪ آکيري ۾ هئين هاڻي هتان نڪري اهڙيءَ جڳهہ (يعني مڙس جي گهر) پئي وڃين، جنهن کي تون چڱيءَ طرح نہ ٿي سڃاڻين. هڪ اهڙي ساٿي (يعني مڙس) وٽ پئي وڃين جنهن کان تون مانوس ناهين..... ان جي لاءِ زمين بڻجي وڃ، اهو تنهنجي لاءِ آسمان ٿيندو..... ان جي لاءِ بسترو بڻجي وڃ اهو تنهنجي لاءِ ٿنڀ ٿيندو.... ان جي لاءِ ٻانهيءَ ٿي وڃ اهو تنهنجو غلام ٿيندو. ان جي ڪنهن بہ مُعاملي ۾ چنبڙي نہ پئہ جو هو توکي پري ڪري ڇڏي..... ان کان پري نہ ٿيءُ، نہ تہ هو توکي وساري ڇڏيندو،...... جيڪڏهن هو تنهنجي ويجهو ٿئي تہ تون ان جي وڌيڪ ويجهو ٿيءُ ۽ جيڪڏهن هو توکان پري ٿئي تہ تون ان کان پري ٿي وڃ...... ان جي نڪ، ڪن ۽ اک (يعني هر قسم جي راز) جي حفاظت ڪر تہ هو توکان صرف تنهنجي خوشبوءِ سنگهي (يعني راز جي حفاظت ۽ وفاداري ڏسي) ...... هو توکان سني ڳالهہ ئي ٻُڌي ۽ صرف سنو ڪم ئي ڏسي. (مڪاشفة القلوب، ص 293)

مٿي ذڪر ڪيل نصيحتن مان اهي مائرون نصيحت حاصل

ڪن جيڪي ڏيئرن جي گهر کي جنّت بڻائڻ جو مشورو ڏيڻ بدران، مڙس، ڏيراڻين ۽ سس تي حڪومت ڪرڻ جا طريقا سيکاريندين آهن. پوءِ جڏهن ڌيءُ انهن قيمتي مشورن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي ته فتنا ۽ فساد پيدا ٿي پوندا آهن جنهن جي لپيٽ ۾ ٻئي گهراڻا اچي ويندا آهن.

الله تعاليٰ اسان کي پنهنجي اولاد جي مدني تربيت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ هن ڪتاب کي اسان جي لاءِ آخرت جو ذخيرو بڻائي. اٰمِين بِجَاهِ النّبِيّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ماخذومراجع


| | | | |
|---|---|---|---|
| قرآن مجيد | ضياءالقرآن پبليكيشنز | اَلْمُصَنَّفُ لابنِ اَبِي شَيبَه | دار الفكر بيروت |
| كَنْزُالْاِيْمَانِ فِی تَرجَمَةِالْقُرْاٰن | ضياء القرآن پبليكيشنز | اَلْاِحسَانُ بِتَرتِيبِ ابْنِ حَبَّان | دارالكتب العلميه بيروت |
| التفسير الكبير | داراحياء التراث العربى | رَوضُ الرَّيَاحِين | دارالكتب العلميه بيروت |
| التفسير النفسي | دار المعرفه بيروت | كَنزُالعُمَّال | دارالكتب العلميه بيروت |
| صَحِيْحُ الْبُخَارِی | دار الكتب العلمية بيروت | اَلاِستِيعَاب | دارالكتب العلميه بيروت |
| صحيح مسلم | دار ابن حزم بيروت | مَجْمَعُ الْبَحْرَين | دارالكتب العلميه بيروت |
| سُنَن الترمذی | دار الفكر بيروت | اِتّحَافُ السَّادَةِ الْمُتَّقِين | دارالكتب العلميه بيروت |
| سُنَنُ اَبِي دَاوٗد | داراحياء التراث العربى | اَلتَّرغِيبُ والتَّرهِيب | دار الفكر بيروت |
| سُنَنُ النسائی | دار السلام رياض | الزهد الكبير | دارالكتب العلميه بيروت |
| سُنَنُ ابنِ ماجة | دار الفكر بيروت | فيضُ الْقَدِير | دارالكتب العلميه بيروت |
| المؤطّاللامام مالک | دار المعرفه بيروت | تنزيهُ الشّريعةِ المرفوعَةِ | دارالكتب العلميه بيروت |
| اَلْمُسنَدُ لِلاِمَامِ اَحْمَد | دار الفكر بيروت | تاريخ بغداد | دارالكتب العلميه بيروت |
| المسند لابی يعلی | دارالكتب العلميه بيروت | كتابُ الْكَبَائِر | اشاعت اسلام كتب خانه |
| المستدرک للحاكم | دارالمعرفه بيروت | سِيَرُاَعْلَامِ النُبَلَاءِ | دارالفكر بيروت |
| اَلْمُعْجَمُ الْكَبِير | داراحياء التراث العربى | ذَمُّ الْهَوٰى | مكتبه الكتاب والسنه پشاور |
| اَلْمُعْجَمُ الْاَوسَط | دار الكتب العلمية بيروت | عُيُوْنُ الْحَكَايَات | دارالكتب العلميه بيروت |
| شُعَبُ الْاِيْمَان | دار الكتب العلمية بيروت | بَهارِشَرِيعَت | ضياء القرآن پبليكيشنز لاهور |
| سنن الكبرى للبيهقى | دار الكتب العلمية بيروت | اَلْمُصَنَّفُ لابنِ اَبِي شَيبَه | دار الفكر بيروت |
| ابن ابی الدنيا | دار الكتب العلميه بيروت | مجموع الرسائل | باب المدينه كراچي |
| حلية الاولياء | المكتبة العصريه بيروت | تعليم المتعلم | باب المدينه كراچي |
| مجمع الزوائد | دارالفكربيروت | حيات محدث اعظم | مكتبه اعليحضرت لاهور |
| فِردَوسُ الْاَخبَار | دار الفكر بيروت | فيضان سنت | مكتبه المدينه باب المدينه |
| اَلْمُصَنَّفُ عَبدِ الرَّزَّاق | دار الكتب العلميه بيروت | حكايات گلستان سعدي | شمع بک ايجنسي لاهور |
| انوار الحديث | ضياءالقرآن پبليكيشنز | شرح الزرقاني | دارالكتب العلميه بيروت |
| اليواقيت الجواهر | نوريه رضويه لاهور | تاريخ مشائخ قادريه | مسلم كتابوي لاهور |

